


Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# آفتابِ ادب

عُرف

# ساهت جو سچ

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٩٨٣ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| | | |
|---|---|---|
| چاپو پهريون: | ١٩٥٦ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| چاپو ٻيون: | ١٩٦٩ع | تعداد ١٠٠٠ |
| چاپو ٽيون: | ١٩٧٤ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| چاپو چوٿون: | ١٩٨٣ع | تعداد ٣٠٠٠ |

ملڻ جو هنڌ،
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ڄامشورو.
(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.)
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڪتاب لکڻ جو مقصد

اسان جي مادري زبان، دنيا جي سڌريل ٻولين وانگي، هڪڙي چڱي سڌريل ٻولي آهي. منجهس ادبي ساهتيه ٻولي هجڻ جون به چڱيون ئي لياقتون ۽ خوبيون آهن. اهڙي سڌريل زبان جي خدمت ۽ سنديس ترقيءَ جي ڪوشش جيترو قدر ڪرڻ گهربي هئي، اوترو قدر هن کان اڳ نه ٿي آهي. هندستان جي هر ڪنهن پرڳڻي جي زبان جي ترقيءَ لاءِ، خانگي توڙي سرڪاري طرح چڱيون چڱيون ڪوششون ٿي چڪيون ۽ ٿي رهيون آهن. هاڻي جڏهن عام طرح سنڌيءَ جي عالمن ۽ خاص طرح سرڪار پاران، سنڌيءَ کي ترقي ڏيارڻ ۽ ان کي ڪنهن اوج تي پهچائڻ جو تحرڪ ۽ هلچل ٿيڻ لڳي آهي، تڏهن مون مناسب سمجهيو ته سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ جيڪو سرمايو مون وٽ موجود آهي، سو ڪتابي صورت ۾ آڻي، سنڌيءَ جي پريمين ۽ ترقي چاهيندڙن اڳيان رکان.

آءٌ جيڪي هن ننڍڙي ڪتاب ۾ لکي پيش ڪريان ٿو، سو ورهين کان وٺي، مون نوٽن طور گڏ ڪي ڪيو اهي؛ مگر ڪتابي صورت ۾ هاڻي آڻيان ٿو. آءٌ اها دعويٰ نٿو ڪريان ته جيڪي هن ڪتاب ۾ آهي، سو سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ساهت ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪو ڪافي آهي. هي انهيءَ ڏس ۾ هڪڙو پهريون قدم آهي. اميد ته سنڌيءَ جا پيا

بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم

اڄ منهنجي لاءِ وڏي خوشي ۽ مسرت جو موقعو آهي، جو ورهين جي آرزو ۽ تمنا پوري ٿي رهي اٿم. اها تمنا ۽ آرزو هيءَ هئي ته منهنجي والد مرحوم و مغفور حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب جن جي تصنيف ”آفتاب ادب عرف ماهت جو سج“ نالي ڇپجي شايع ٿئي ۽ قارئين جي هٿن ۾ پهچي. اها تصنيف نه صرف منهنجي لاءِ بلڪ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي زبان ڳالهائيندڙن ۽ لکندڙن لاءِ بلامبالغي هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي. منهنجي لاءِ تاريخي حيثيت هيئن رکي ٿي، جو مرحوم والد صاحب جن پنهنجي حياتيءَ جي آخري وقت ۾ بيماريءَ جي بستري تي ليٽي ليٽي ۽ صاحب فراش هوندي هيءُ ڪتاب تصنيف ڪيو. جن جن مرحلن مان هيءُ ڪتاب ان وقت گذريو، سي سمورا منهنجي اکين اڳيان اڄ به ائين ٿي پيا گهمن، جيئن ان وقت، جڏهين والد صاحب مرحوم جن ان جو قلمي نسخو سپرد قلم ڪري رهيا هئا- پاڻ ليٽيا پيا هوندا هئا ۽ لکندا رهندا هئا. انهيءَ وچ ۾ ملاقاتي سائن ملڻ ايندا هئا، ته لکڻ بند ڪري، سائن ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا. آهي ويا، ته وري قلم برداشته، لکڻ شروع ڪندا هئا. انهيءَ ڪري مون لاءِ، جنهن هن تصنيف کي بلڪل

# آفتاب ادب

عرف

# ساهت جو سج

# (پاڳو پهريون)

---

پهرين

---

## ٻولي ڇا آهي؟

ٻهر ڀائين سمجهڻ گهرجي ته ٻولي ڇا آهي؟

ٻولي چئبو آهي ”اهڙن، تلفظي ۽ معنيٰ دار آوازن کي، جن جي وسيلي هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻئي همزبان (ساڳئي ٻولي ڳالهائيندڙ) کي پنهنجو مطلب ۽ مراد سمجهائي سگهي.“

ٻين اکرن ۾، ٻولي چئبو آهي ”اهڙي ڳالهائڻ کي، جو ڳالهائيندڙ ڳالهائي ته سندس همزبان ٻڌندڙ، اُن جو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي.“

## عام ٻولي

جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو اهڙي ٻولي ڳالهائي ٿو، جو ٻڌندڙ جيتوڻيڪ اها ٻولي ڄاڻندڙ آهي، ته به اُن جو مطلب سمجهي نٿو سگهي، ته اُن کي عام ٻولي نه چئبو. ڀلي اُنهن ڳالهايل لفظن ۽ جملن ۾ ڳالهائيندڙ جي مطلب ۽ مراد موافق معنيٰ رکيل هجي، مگر جڏهن ته ٻڌندڙ ڪجهه به نه سمجهيو، تڏهن انهيءَ کي عام ٻولي سڏي ئي نه سگهبو. اهڙو ڳالهائيندڙ ”گونگو ڳالهائيندڙ“ چئبو. گهڻي ۾ گهڻو اهڙي ٻولي فقط انهيءَ ڳالهائيندڙ جي حق ۾ ٻولي چئبي، مگر ٻڌندڙ

جي حق ۾ نه پر جيڪڏهن ٻڌندڙ به اها انوکي ٻولي سمجهي سگهندو هجي، ته به اها ٻولي بلڪل محدود دائري جي ٻولي چئبي، جا عام ٻوليءَ جي حاطي اندر اچي نٿي سگهي. وڌيڪ صفائيءَ لاءِ سمجهڻ گهرجي ته سچ پچ ٻولي آها آهي، جا ننڍو ڳالهائي ته وڏو سمجهي، وڏو ڳالهائي ته ننڍو سمجهي؛ شهري ڳالهائي ته ٻهراڙو سمجهي، ٻهراڙو ڳالهائي ته شهري سمجهي؛ زال ڳالهائي ته مڙس سمجهي، مڙس ڳالهائي ته زال سمجهي؛ پڙهيل ڳالهائي ته اڻ پڙهيل سمجهي، اڻ پڙهيل ڳالهائي ته پڙهيل سمجهي؛ هندو ڳالهائي ته مسلمان سمجهي؛ مسلمان ڳالهائي ته هندو سمجهي (هيءُ فقرو خاص هندستان جي ٻولين سان لاڳو آهي؛ جن ۾ سنڌي به اچي وڃي ٿي). اِها آهي نج ۽ اصلي ٻولي ۽ انهيءَ جو ئي نالو آهي "عام ٻولي".

## انسان پهريئين عام ۽ نج ٻولي ٻولي ٿو ۽ پوءِ ادبي ٻولي سکي ٿو.

ٻارُ جنهن وقت ماءُ جي گود ۾ ننگون ۽ ٻانهون هڻي ٿو، پياري ماءُ پنهنجن پستانن مان پيار ۽ پريم جي ڏيڄُ پياريس ٿي، تنهن وقت هو گونگن وارا اشارا ڪري ٿو ۽ انهن اڻوڄهائن آوازن ۽ اشارن سان گڏ مٺي ماءُ ڏي نماڻا نيڻ کڻي، نهاري ٿو، ۽ روئي رڙي، بڪ جو اطلاع پنهنجي جيجل ماءُ کي ڏئي ٿو.

هو اهڙيءَ طرح پنهنجي ٻُـکيي پيٽ لاءِ ماءُ کان قُوت لايمُوت جي طلب ڪري ٿو. اهڙي وقت ٻار جيڪي آواز ڪري ٿو، انهن آوازن کي ٻولي نه چئبو.

جڏهن هو ڳالهائڻو ٿئي ٿو، تڏهن پنهنجي آسپاس جي ڳالهائيندڙن جا آواز جهٽڻ لڳي ٿو ۽ قدرت جي ڏنل ذات سان هُن جي زبان آهستي آهستي حرفن ۽ لفظن ڳالهائڻ تي هري ٿي. هو ڀريائين ٻاتي ٻولي ڳالهائڻ لڳي ٿو، توتلي زبان سان صحيح حرفن کي غلط ۽ بگڙيل صورت ۾ ادا ڪري ٿو. جيئن جيئن هن جي زبان ۾ طاقت وڌڻ لڳي ٿي، تيئن تيئن گويائيءَ جي قُوّت به ڪامل ٿيڻ لڳيس ٿي. تان جو هو گونگي سان ٺري، ”اِنسان ناطِق“ (ڳالهائيندڙ انسان) بڻجي پوي ٿو.

جڏهن ٻار پنهنجي آسپاس ۽ آڙي پاڙي سان اِنساني ڪلام جا آواز جهٽي، ”انسان ناطق“ بڻجي ٿو، تڏهن هو پنهنجي ڪلام ۽ گويائيءَ ۾ ڪابه رنگيني ۽ ادبي خوبي ڪم ڪانه آڻي ٿو. هو آها ٻوليي ٻولي ٿو، جنهن سان پنهنجون خواهشون ۽ اِڇائون، پنهنجون ضرورتون ۽ پنهنجون تمنائون پوريون ڪري ۽ ڪرائي سگهي. هو پنهنجي ٻوليءَ سان، پنهنجي من جي مراد ۽ لِڪل خيال کان، اُٻلي کي واقف ڪري ٿو. سنديس زبان فقط ايترو ڪم ڪري ٿي، جنهن سان

فقط سنڌس خيالن ۽ جذبن جي ترجماني ٿئي. ٻار جڏهن پنجن سالن تائين پنهنجي انهيءَ مشق ۾ ماهر ۽ پختو ٿئي ٿو، تڏهن هن لاءِ ٻه رستا کُليل رهن ٿا: ١- يا ته هو تعليم حاصل ڪري؛ ٢- يا ته ڪوري جو ڪورو رهي.

## ادب ۽ ساهت جي شروعات

جڏهن ٻار پهريون رستو اختيار ڪرڻ لڳي ٿو، تڏهن هو ڄڻ ته ادبي ميدان ۽ ساهتي کيتر ۾ قدم رکي ٿو. اتي هن جي ٻوليءَ ۾ ترقي اچڻ لڳي ٿي ۽ هو درجي بدرجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ انقلاب ايندو ڏسي ٿو. هن کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته هاڻي هو عام ماڻهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اوچو ۽ ترقي يافتو ٿيو آهي.

سنڌي ٻار جو مثال وٺو- تعليمي سرشتي جي موجدن ۽ تعليمي فلسفي جي ماهرن ٻه انهي لاءِ درجي بدرجي ادبي زبان سيکارڻ جو نظام مقرر ڪيو آهي. هُنن ڪچڙن ٻارن، يا تعليم شروع ڪندڙن لاءِ پهريائين ٻاراڻو ڪتاب ۽ ٻاراڻي سمجھ، واري عام ۽ نج ٻولي مقرر ڪئي آهي. انهيءَ کان پوءِ ٻار جي ڄمار مان جيئن هڪڙو سال وڌي ٿو، تيئن انهيءَ لاءِ پهريون ڪتاب رچيو ويو آهي ۽ ان جي ٻولي ٻه ڪجھ قدر درجي ۾ وڌائي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح، سال ٻسال تعليم جي ذريعي، ادبي زبان جو واڌارو ڪري، ستين درجي سنڌيءَ تائين، سنڌي تعليم جو نصاب (ڪورس) مقرر ڪيو

ڏيو آهي، پر اهو ڪورس به، سنڌي علم ادب يا ساهت جي ڪماليت لاءِ ڪافي نه سمجهيو ويو آهي. اڃا به، وڌيڪ ادبي ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ شاگرد "ٽريننگ ڪاليج" ۾ موڪليا وڃن ٿا، جتي هو طريقهءِتعليم جي سڪت حاصل ڪرڻ کان سواءِ، سنڌي ساهت ۾ ترقي ڪرڻ جي به، سکيا وٺن ٿا. جڏهن هو انهيءَ درجي کي پهچي ٿو، تڏهن پنهنجي ٻوليءَ ۾ اوچا اوچا ۽ وزندار لفظ ڪم آڻڻ لڳي ٿو. هو ڪوشش ڪري ٿو ته سنديس ٻولي اڻ پڙهيل ماڻهن کان نرالي ۽ اوچي سمجهي وڃي. اهڙي جذبي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي ڪلام ۽ گويائيءَ ۾ شيريني ۽ رنگيني، فصاحت ۽ بلاغت، ڪماليت ۽ قابليت، خاص قسم جو لُطف ۽ لذت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو هڪ معنيٰ لاءِ ڪيترائي لفظ گولي ڪڍي ٿو ۽ ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ ساڳيءَ طرح ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن ۾ جدا جدا رکيل معنائن جي کوجنا ڪري ٿو، ۽ انهن هڪڙن ئي لفظن کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ وقت، جدا جدا معنائن ۾ ڪتب آڻي ٿو.

## نظم يا شعر جو بنياد

هو ڪٿي ڪٿي هليءَ، ٻوليءَ ۾ ڪيترائي هم وزن ۽ هم قافيه، يعني تُڪ دار لفظ ڏسي ٿو. هو محسوس ڪري ٿو ته جيڪڏهن هنن کي هڪٻئي پٺيان ڪم آڻبو،

تہ کلام ۾ گويائيءَ جي هڪڙي قسم جو خاص لطف ۽ لذت، خاص مزو ۽ ميٺاج، خاص سونهن ۽ سينگار پيدا ٿيندو. انهيءَ احساس ڪان پوءِ هو تڪ بند ڪلام ڳالهائڻ ۽ لکڻ ڏانهن لڙي ٿو.

جيڪڏهن قدرت طرفان طبيعت ۾ موزوني ۽ رواني، شاعرانو مادو ۽ مٺيا مليل اٿس تہ هو هر قافيہ ۽ تُڪدار لفظ هڪ لائين ۾ بيهاري ٿو. لفظ لفظ تارازيءَ ۾ توري، زبان مان ٻاهر ڪڍي، يا قلم جي نوڪ مان ڪاغذ تي لکي ٿو.

انهيءَ طرح هو ٻهرياڻين ڪچو، پوءِ آخر پڪو شاعر ٿئي ٿو. شعر مان هو موسيقيءَ ۽ راڳ کي مدد ڏئي ٿو. هو زبان ۾ سريلپڻي جو سواد ۽ ترنم جي ٺهوار پيدا ڪري ٿو. شعر جي وسيلي پنهنجي خيالن ۾ بلندي ۽ بلند پروازي، پنهنجي جذبات ۾ جوش ۽ تيزي، پنهنجن امنگن ۾ اعليٰ طاقت آڻي ٿو. هو پنهنجي شعر ۾ اثر ۽ تاثير پيدا ڪري، قوم کي قوي، بزدلن کي بهادر ۽ ڪانئرن کي همت وارو بنائي سگهي ٿو. جيڪڏهن طبيعت ۾ شاعرانو مادو ڪونهيس ۽ لفظ لفظ تارازيءَ ۾ تورڻ جو ڏانءُ بہ نہ اٿس، تہ هو رنگين ۽ شيرين لفظن، چيده ۽ سنجيده جملن جي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هو دل آويز نثر ۽ دلپذير تقرير يا تحرير تي قدرت حاصل ڪري ٿو.

جيڪڏهن اها لياقت ۽ قابليت قدرت منجهس نہ رکي آهي، تہ بہ هو جيڪي چوندو يا ڳالهائيندو، سو اڻ پڙهيل عوام کان مڙيئي نرالو ۽ اوچو هوندو.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏڻ جهڙي آهي تہ ڪيترائي اڻ پڙهيل، ڏاتار جي ڏات ۽ قادر جي قدرت سان عجيب ۽ غريب شعر چوندا آهن، جنهن ۾ ادب ۽ ساهت جي رنگيني ۽ رونق بيحد ڀريل هوندي آهي. اهو انهيءَ ڪري آهي جو هو استاد ازل جا پڙهايل هوندا آهن. اهي بہ هڪ قسم جا عالم ۽ اديب چئبا.

## آدبي ٻولي

ادبي ٻوليءَ جو درجو "عام" ٻوليءَ کان بالا ۽ برتر آهي. انهيءَ درجي جي ٻوليءَ کي ادب ۽ ساهت سڏبو آهي. ٻولي انهيءَ درجي ۾ اچي، هڪ گلزار پر بهار بنجيو پوي ٿي. ٻوليءَ جي انهيءَ ادبي گلستان ۾ قسمين قسمين چمن ۽ ٻارا ٻڌجن ٿا، گوناگون گل ۽ گلبن پوکيا وڃن ٿا، طرحين طرحين واس ۽ مکڙيون ڦهلجن ٿا، ڀانت ڀانت جون رونقون ۽ رنگ ڀسجن ٿا، ٻري پري کان ادبي گلن ۽ ڦلن جون چڪيون، ادبي وڻن ۽ ٻوٽن جون جنسون آئي پوکجن ٿيون. يعني اهو سڀڪجهہ سامان موجود ڪرڻو پوي ٿو، آهي سڀ ماندياڻ منڊيا پون ٿا، جن سان ادب جي گلزار ۾ سدا بهار اچي. عاشقاڻا امنگ هجن، يا

مجاهدانہ جذبا، عشق پرستيءَ جا اسباب هجن، يا محنت ڪشيءَ جا اوزار، سرمايہ داريءَ جو سامان هجي، يا سزوريءَ جو ماندانہ شاهيءَ جو تخت هجي، يا غريبت جو تختو، بادشاهيءَ جو تاج هجي، يا گدائيءَ جو پيالو، سڪندري بخت هجي، يا دارا جو اقبال، محتاجيءَ جو حال هجي، يا اڪبري جلال، ابوالفضل جو ڪمال هجي، يا علم ۽ ڪمال جو ڪال - انهيءَ هرهڪ حالت جي پرزور بيان ۽ اثرائتي اظهار لاءِ ادب ۽ ساهت ئي هڪ بهترين وسيلو آهي.

ادب زبان جو زيور آهي ۽ ساهت، ٻوليءَ جو سينگار. ادبي رنگ ۾ وريڪ جي واڻي ۽ ضمير جو آواز وڌيڪ زوردار، وڌيڪ اثرائتو ۽ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿو. ادب ۽ ساهت جو جوهر شمشير جوهردار کان به، وڌيڪ آهي.

دنيا جي انقلابن ـ ۽ صحيح انقلابن ـ ۾ تيغ برهنہ کان وڌيڪ ادبي ڪلام ۽ ساهت جي سخن جو هٿ رهيو آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ چاٽايل آهي تہ دنيا جون حڪومتون ترار کان ايترو ڪين ڪونہ ڪانئينديون هيون، جيترو قلم کان. قلم، ادب نويسيءَ جو تيز اوزار آهي، انهيءَ ڪري ئي کيس ”شمشير قلم“ سڏيو ويو آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ دنيا جي ڪابہ سڌريل ٻولي. ادب ۽ ساهت جي خزاني کان ڪڏهن بہ خالي نہ

هوندي. جيڪڏهن ڪابه ٻولي ادب ۽ ساهت جي موجودات ۾ سڄي آهي، ته پوءِ هوءَ سڌريل ٻولي ئي نہ چئبي.

## "عام" يا "نج" ٻولي جي خدمت

عام ٻوليءَ ۾ رنگيني ۽ بوقلموني نہ هوندي آهي. هن ڪان فقط مطلب ۽ مراد سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جوئي ڪم ورتو ويندو آهي. اهڙي ٻولي هندو ۽ مسلمانن جي مجلسن، شهر ۽ ٻهراڙيءَ وارن جي ملاقاتن، گهرن ۽ بازارين، ڏنڌي ۽ واپار جي منڊين ۾ عام طرح ڳالهائي ويندي آهي. اهڙي ٻولي سوچ ۽ ويچار ڪان سواءِ اوچتوئي اوچتو واتان نڪرندي آهي. اهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ، ڳالهائڻ وقت پاڻ ڪي نہ هندو سمجهندو آهي ۽ نہ مسلمان، هو اهڙي وقت پاڻ کي فقط سنڌي سمجهندو آهي. اهڙي ٻولي، ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ جي وچ ۾ گڏيل ملڪيت وانگي معلوم ٿيندي آهي. "عام" ۽ "نج" ٻولي، ٻوليءَ جو هيٺيون درجو آهي ۽ ادبي ٻولي، ٻوليءَ جو مٿيون درجو. جيتوڻيڪ اسان جي نج يعني عام سنڌي ٻولي ٻہ ٻين ٻولين جي ميلاوٽ ڪان ڇٽل ڪينهي؛ اگرچ هندو توڻي مسلمان، شهري توڻي ڳوٺاڻا، جيڪا عام ٻولي ڳالهائين ٿا، انهيءَ ۾ ٻہ ٻين ٻولين جي آميزش آهي؛ پر تہ بہ گهٽو گهٽ. انهيءَ ڪري ئي اهڙي ٻوليءَ کي عام ۽ نج ٻولي سڏي سگهجي ٿو، باقي؛ ادبي ٻولي

ڇا جيڪي تعليم يافته جنٽلمين اهڙا دقيانوسي خيال ٻوليءَ بابت رکندا، سي انهن شين کان به نفرت ڪندا، جي هن کان اڳ هن ملڪ ۾ ڪين هيون؟ ڇا ڌوتيءَ ۽ انگرکي جي بجاءِ ڪوٽ ۽ پتلون پائڻ پاپ سمجهندا؟ سٿڻ ۽ پهراڻ بدران، سوٽ بوٽ ڍڪڻ گناهه سمجهندا؟ ٽوپيءَ ۽ پڳ جي عيوض هيٽ ِ زيب سر ڪرڻ بي زيب ۽ سراسر عيب سمجهندا؟ ڇا اهي صاحب، بجلي بتيءَ جي بجاءِ ڏکري ڏيو ٻاريندا؟ ريل ۽ هوائي جهاز جي سواري پنهنجي لاءِ خواري ڄاڻندا؟ سائنس ۽ نيئن فلسفي جي تعليم حرام ڪري ليکيندا؟ تڏهن آخر ويچاريءَ سنڌي ٻوليءَ ڪهڙو گناهه ڪيو، جو ڪيس وڌڻ ويجهڻ ۽ نون لفظن ۽ جديد اصطلاحن قبول ڪرڻ کان روڪيو وڃي؟

جيڪڏهن نج ٻوليءَ جي اها معنيٰ وٺبي ته ٻين ٻولين جي ميلاوٽ کان صفا آجي هجي، اِها بي حقيقت معنيٰ ڇئبي ۽ اِها ڳالهه ناممڪن آهي، بلڪ آن جي ابتڙ ٻين ٻولين جا لفظ قدرتي طرح وقت بوقت وڌندا ئي رهندا، جن کي ڪو به روڪي نٿو سگهي.

## ڪتابي ۽ اخباري ٻولي، علمي ۽ مذهبي يا ڌرمي ٻولي

عام طرح هندو ۽ مسلمان اهل قلم جيڪا ڪتابي ۽ اخباري ٻولي لکندا آهن، تنهن ۾ هو جدا جدا واٽ

وئندا آهن. مسلمان اهڙي زبان لکندا آهن، جو چڻ تہ خاص مسلمانن لاءِ لکن ٿا. هندو اهڙي ٻولي ڪم آڻيندا آهن، جو چڻ هندن لاءِ ئي لکي رهيا آهن. سنڌيءَ جون اخبارون ۽ ڪتاب سنڌ جي سڀني رهاڪن لاءِ هڪ جهڙا هئڻ گهرجن، تان تہ سڀني لاءِ هڪ جهڙا ڪمائتا ٿي سگهن. اهوئي سبب آهي، جو هندو، مسلمانن جي ڪتابن ۽ اخبارن کي گهٽ ڇُهن ٿا، ۽ مسلمان، هندن جي ڪتابن ۽ اخبارن کي گهٽ هٿ لائين ٿا، جنهنڪري ٻنهي ڌرين جي اهل قلم ۽ ليکڪن جا ڏهيل ڪتاب اڪثر گهٽ وڪامندا آهن، ۽ ڪتب فروشن وٽ ڍيرن جا ڍير ٿيا پيا هوندا آهن.

ڪتابن توڙي اخبارن ۾ اهڙي ٻولي لکجي، جا ٻنهي قومن جا خواندا سَوَلائيءَ سان سمجهي سگهن. ادبي رنگ بہ اهڙو ڏجي، جو ٻنهي جي نظر ۾ سُهائيندڙ ۽ سيبائيندڙ هجي.

هان ـ علمي ۽ مذهبي يا ڌرمي ڪتابن جي لکڻيءَ ۽ طرز تحرير ۾ ضرور فرق ٿيندو. اهو فرق جدا جدا اصطلاحن سببان ئي ٿيندو آهي. علمي ڪتابن ۾ اهڙا اصطلاح ايندا، جي عام ماڻهو سمجهي ڪين سگهندا. اهڙا ڪتاب عام ماڻهن لاءِ لکيا بہ ڪين ويندا آهن. اهڙا ڪتاب يا عالمن لاءِ هوندا آهن، يا علم پڙهندڙن لاءِ. ساڳيءَ طرح، مذهبي يا ڌرمي ڪتاب بہ سڀڪو پنهنجي قوم يا ڌرمي لاءِ ئي

لکندو آهي. اهڙن ڪتابن جي ٻولي هن بحث کان ٻاهر آهي. هاڻ سوال آهي ته سنڌي جا مذهبي يا ڌرمي اصطلاح ۽ ورجيسون به معلوم ڪرڻ گهرجن. هندو، مسلمانن جي مذهبي اصطلاحن کان باخبر هجن، ۽ مسلمان هندن جي ڌرمي ورجيسن کان واقف. اهڙن اصطلاحن کي به ادب ۾ ساهت ۾ دخل آهي. هڪ ادب دان لاءِ ادب جي هر پهلوءَ کان واقف هجڻ ضروري آهي. ساهت جا پريمي اهو خيال ئي نه ڪندا آهن ۽ نه ڪرڻ گهرجين ته ساهت ۾ جيڪي مذهبي يا ڌرمي لفظ آهن، سي ڏسجن ئي نه ۽ انهن جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهجي ئي نه. اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن کان پري ڀڄڻ ۽ غير واقف رهڻ ادبي ڪماليت جي بلڪل برخلاف آهي.

جيڪڏهن هندو پنهنجي ڌرم جي فلسفي جو ڪو پُستڪ رچين، ساڳيءَ طرح جيڪڏهن مسلمان پنهنجي مذهب جي نڪتن ۽ حڪمتن جو ڪو ڪتاب لکن، ته ڪهڙو هوند چڱو ٿئي، جو ٻنهي ڌريون هڪٻئي جي مذهب ۽ ڌرم جي فيلسوفيءَ کان واقف ٿين! انهيءَ طرح ئي هڪٻئي جي ڌرم ۽ مذهب جي عزت جا جذبا ڌرين ۾ پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ بي خبريءَ سبب جيڪا بُڇان ۽ نفرت ڦهليل آهي، سا دُور ۽ ڪافور ٿي سگهي ٿي.

## ادبي ٻوليءَ جون لياقتون

دنيا ۾ هزارين ٻوليون آهن، جن مان ڪي سڌريل ۽ ادبي آهن ۽ ڪي جهنگلي ۽ اڻ سڌريل.

اڻ سڌريل ٻولين ۾ ادب ۽ ساهت جو ذخيرو ته ٻيڻيهه ڪونه هوندو آهي يا هوندو آهي ته بلڪل گهٽ. اِهو ڇو؟ اِهو هن ڪري، جو اڻ سڌريل ۽ جهنگلي ٻولين ۾ آها ڪشش، آهو مقناطيسي اثر، آهو قُرب ۽ ميلاپ ۽ آها هردلعزيزي ڪانه هوندي آهي، جا ڪنهن ادبي زبان ۾ هئڻ گهرجي. ملڪ جا اهي ڀاڱا يا ٽڪرا، جن ۾ سڌريل انسان ۽ انسانن جي گوناگون ضرورتن جا اسباب موجود هوندا آهن، يا اهي ڀاڱا، جن جو لڳ لاڳاپو ملڪ جي سڌريل ڀاڱن سان هوندو آهي، تن ڀاڱن ۾ ئي ادبي ۽ سڌريل ساهتيہ جنم وٺندو آهي.

ادبي ۽ سڌريل ٻولي جي لياقتن مان ڪي لياقتون هيٺ لکجن ٿيون؛ انهن لياقتن جي ڪسوٽيءَ تي ٻولين کي پرکڻ سان ئي خبر پئجي سگهندي ته هيءَ يا هوءَ ادبي زبان آهي يا نه.

(١) ادبي زبان اها چئبي، جنهن جي حرفن ۽ لفظن جا آواز، بد آواز جانورن جهڙا نه هجن، بلڪ سُريلا ۽ سوادي هجن. منجهن مڪروهيت ۽ گراني يا ته بلڪل نه هجي، يا هجي ته بلڪل گهٽ.

(٢) ادبي زبان ۾ اصطلاح ۽ محاورا، تشبيهون ۽ ڪنايا، مثال ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن، انهيءَ ڪري

فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون بہ سنجهس ججهيون هونديون آهن، جي قدرت جي نظارن ۽ انقلابن موجب، ملڪ جي رسمن ۽ رواجن پٽاندر، ماڻهن جي طبيعتن ۽ سياڻن موافق گهڙيل هونديون آهن.

(٣) دنيا جي هر ڪنهن شيءِ جا نالا ۽ هر ڪنهن معنيٰ جا لفظ ادبي زبان ۾ لڀندا آهن. جيڪڏهن ڪن لفظن ۽ نالن جي وٽس کهٽتائي هوندي آهي، تہ ٻئي هنڌان بہ هٿ ڪري، پورائو ڪندي آهي.

(٤) ادبي زبان ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هونديون آهن.

(٥) هم قافيہ ۽ ٺٺڪ پيائي لفظ، پڻ سرحرفيءَ وارا لفظ بہ ادبي زبان جي خاص خوبين مان هڪڙي خوبي آهي.

(٦) ادبي زبان ڌارين ٻولين مان بہ ڪيترائي لفظ پاڻ وٽ آڻي، پنهنجا بنائي ڇڏيندي آهي، يعني سنجهس جذب ۽ هضم ڪرڻ جي طاقت چڱي هوندي آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي وٽس ادبي لفظن جي ڪمي ۽ ڪوتاهي نہ بہ هجي، تہ بہ پنهنجي ساهت وڌائڻ ۽ سينگارڻ لاءِ بنا ڪنهن هٻڪ ۽ هيڪ جي، ٻين ادبي ٻولين کان بہ مدد وٺڻ عيب نہ سمجهندي آهي.

(٧) ادبي ٻوليءَ جي هيءَ بہ خاصيت هوندي آهي، جو ٻين ٻولين کي پنهنجي ذخيري ۽ خزاني مان مدد ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ۽ ڪنجوسي نہ ڪري، بلڪ ڪشاديءَ دل سان سخاوت جو هٿ ڏگهيري، پنهنجو مال ڪٿي، ٻئي جي اڳيان رکي.

(۸) جيئن جيئن دنيا ۾ علم ۽ هنر پيا وڌندا، سائنس جا ايجاد پيا ٿيندا، نيون نيون شيون پيون معلوم ٿينديون، نوان نوان اصطلاح پيا گهڙبا، تيئن تيئن سڌريل ۽ ادبي زبان اهڙن علمن ۽ هنرن، اهڙن اصطلاحن ۽ ايجادن جي معنائن لاءِ پاڻ وٽان نه، ته ٻين سڌريل ۽ ادبي ٻولين مان وٺي، ڪي نه ڪي لفظ پيش ڪري سگهندي، ۽ انهيءَ ڏس ۾ پوئتي نه پوندي.

(۹) ادبي زبان ۾ هيءَ به لياقت هوندي آهي، جو هن ۾ جيڪڏهن انسائيڪلو پيڊيا Encyclopaedia يعني علمن ۽ هنرن جو ذخيرو تيار ڪجي، ته ڪري سگهجي.

(۱۰) ادبي زبان ۾ صرف ۽ نحو جا قاعدا ۽ قانون جاچيا ڪٺي، ته قدرت جي طرفان برابر موجود هوندا، جن کي ترتيب ڏيئي، عملي صورت ۾ آڻي سگهبو.

(۱۱) سڌريل ۽ ادبي زبان ۾ ”علم بديع ۽ بيان“ ۽ ”علم معاني“ جو خزانو (جنهن جو بيان هيٺ ايندو) خوب ڀريل هوندو.

اهي ڪجهه ٿوريون لياقتون ڄاڻايون ويون آهن، جي ادبي زبانن ۾ لڀنديون آهن.

## عام ٻولي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ فرق

مٿي جيڪي لکيو ويو آهي، تنهن مان صاف سمجهه ۾ ايندو ته عام ٻوليءَ ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو ۽

ڪيترو فرق آهي. عام طرح عام ٻوليءَ ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ فرق سمجهيو نٿو وڃي. "عام ٻولي" عالمن ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ خيالن جي ڏي وٺ جو هڪ وسيلو آهي، مگر "ادبي ٻولي" خاص عالمن ۽ پڙهيلن، يا قدرتي ڏات ڌڻين جي خاص ٻولي آهي. "عام" ٻولي علمي ٻولي ٿي نٿي سگهي. هوءَ فقط ٻول چال ۽ عام گفتگو جي ئي ڪم اچي سگهي ٿي. صرف ۽ نحو، فلسفو ۽ منطق، بديع ۽ بيان، هيئت ۽ هندسو ۽ اهڙا ٻيا علوم ۽ فنون فقط ادبي زبان ۾ ئي لکي سگهجن ٿا. اِهي ۽ انهن جهڙا ٻيا علم، اهڙا ڪين، جي اسان جا عام ماڻهو سمجهي سگهن. اهڙن علمن جا اصول ۽ فروع خاص الخاص دماغن مان نڪتل، ۽ ڪن خاص دماغن لاءِ هوندا آهن.

ادبي زبان جو مالڪ نہ فقط پنهنجا جذبا، بلڪ پاڻ کان سواءِ ٻين جا جذبا بہ ترتيباتي طريقي ۽ وڪيلاڻي انداز ۾ بيان ڪري سگهي ٿو، جو "عام" ٻولي ڳالهائيندڙ عام ماڻهو هرگز ڪري نہ سگهي. هڪڙو اديب ناظم هجي توڻي ناثر، شاعر هجي توڻي غير شاعر، نہ فقط ڏٺل ڏٺيون ڳالهيون ۽ آسان آسان نڪتا چڱي پيرايي ۾ بيان ڪري سگهي ٿو، بلڪ سنهي ۾ سنها جذبا ۽ باريڪ ۾ باريڪ نڪتا بہ هو سولائيءَ سان نوڪ زبان يا نوڪ قلم تي آڻي سگهي ٿو.

جذبن جو اظهار لفظن ۾ پيش ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪينهي. جيڪي اکين سان ڏسي سگهجي ٿو، سو ٻئي ڪسي سولائيءَ سان ڏيکاري سگهجي ٿو، پر جيڪي اکين سان ڏسڻ ممڪن نه آهي، تنهن جو چٽ چٽي، پيش ڪرڻ ۽ اهڙيءَ طرح پيش ڪرڻ، جو آها نامعلوم حالت خود ٻڌندڙ ۾ پيدا ٿي وڃي - وڏو مشڪل ڪم آهي. اهو مشڪل ڪم به هڪ ادب دان عالم هٿان آسان ٿي سگهي ٿو.

ادبي ۽ سڌريل زبان قدرت جي هرهڪ ڪشش تي قبضو ڪري سگهي ٿي. قدرت جا ڳجها ۽ پڌرا نظارا ادب دان انسان جي ضابطي کان ٻاهر نه آهن. هڪڙو ادب دان انسانُ، جيڪڏهن هڪ طرف پنهنجي ادبي زبان ۽ ساهتيه جي وسيلي علم ۽ فنون جا اصول ۽ فروع، نڪتا ۽ راز، خاص انداز ۾، علم وارن جي اڳيان رکي سگهي ٿو، ته ٻئي طرف ٻئي انداز ۽ ٻئي نموني ۾ ڪي عام حقيقتون عام لوڪن کي به سندين سمجهه آهر سمجهائي سگهي ٿو.

## سنڌي سچ پچ ادبي زبان آهي

مٿين بيان معلوم ڪرڻ کان پوءِ جاچي ڏسبو، ته پنهنجي سنڌي ٻولي سچ پچ ادبي ۽ سڌريل ٻولي آهي. منجهس آهي سيئي گڻ، گهٽا يا ٿورا ضرور موجود آهن، جي مٿي بيان ڪيا ويا آهن.

١- سنڌي هڪ سهڻي، سنڌر ۽ سلوڻي ٻولي آهي؛ ٢- منجهس هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون موجود آهن؛ ٣- منجهس جذبن جي اظهار جا اسباب ۽ آواز به چڱا چوکا ليکن ٿا؛ ٤- منجهس چقمق واري ڪشش به آهي، جو ڌاريان لفظ ڇڪيو پنهنجا بنايو ڇڏي.

سنڌي، ڪل ۽ صلح پسند، ملنسار ۽ هردلعزيز زبان آهي. هن آسپاس ۽ آڙي پاڙي سان هميشه چڱو رهايو ۽ سٺو سلوڪ رکيو. سنڌس ويجها پاڙيسري "ايران" ۽ "عربستان" آهن، ۽ پرانهان پاڙيسري ترڪستان ۽ مغلاڻو ملڪ. اِهوئي سبب آهي، جو هن پنهنجن پاڙيسرين کان پنهنجي ساهت وڌائڻ ۽ اَن کي رونقدار ڪرڻ لاءِ لفظن جو معقول ذخيرو هٿ ڪيو آهي، جنهنڪري منجهس عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظ بيشمار پريل آهن، اهڙيءَ طرح پريل آهن، جن مان ڪي ته سڃاڻڻ ۾ ئي نٿا اچن ته هي ڪي ڌاريان آهن. آچارن ۽ آوازن سميت هو صفا سنڌي ٿي ويا آهن. هن بابت اڳتي هلي هڪ باب لکيو ويندو، جنهن مان ڏسبو ته ڪيئن نه سنڌي زبان پنهنجن پاڙيسري ٻولين مان ڪيترائي لفظ ڇڪي ورتا آهن، ۽ انهن کي پنهنجو بنائي ڇڏيو اٿس! اوهين اهڙا لفظ پڙهي، حيران ٿيندؤ ۽ اچرج ۾ پوندؤ. سنڌ ۾ عرب ۽ ايراني ماڻهو مهمان ٿي آيا، ۽ پنهنجي

ميزبان (مهماندار) لاءِ پنهنجي ملڪ مان سوغات طور ڪيترائي لذيذ لفظ پاڻ سان کڻي آيا، جي اڄ به ميزبان اڳيان تحفي طور رکيا اٿون. ميزبان يعني سنڌي ٻوليءَ شڪريي سان اهي تحفا قبول ڪيا ۽ پنهنجي شاندار محلات ۾ انهن کي جاءِ ڏني.

سنڌي ٻوليءَ هڙئون توڙي وڙئون اهو ميڪجهه موجود ڪيو آهي، جو دنيا جي سڌريل ۽ ادبي زبانن ۾ موجود آهي. منجهس نظم به آهي ۽ نثر به. سندس نظم ۾ جيڪڏهن عاشقن جون آهون ۽ دانهون آهن، جي ٻڌندڙن جي ڪنن مان گهڙي، سندن دلين ۾ درد پيدا ڪن ٿيون، ته قدرتي نظارن ۽ نمائن جي بيان ڪرڻ سان به پنهنجي سنڌيءَ جي نظم، ڏسندڙ جي نظر کي، جي قادر جي قدرت ۽ زماني جي انقلابن ڏانهن ڇڪي ۽ کولي وڃي ٿي. دل جي امنگن ۽ جذبن کي اندرئين فضا مان ڪڍي، ٻاهرئين فضا يا سطح تي آڻي ٿي. هوءَ باطن کي ظاهر ۽ ظاهر کي باطن بنائڻ جي به وڏي لياقت رکي ٿي. روحاني روشني ۽ جسماني جوت پکيڙڻ واري برقي طاقت به منجهس واه جا آهي. هو فقيراڻي ٻولي به آهي، ۽ اميراڻي زبان به!

غرض ته سنڌيءَ ۾ اهي سڀيئي ۽ مهما موجود آهي، جنهن جي عام ۽ خاص ضرورت هن ڳالهائيندڙ زبان ۽ هنن ٻڌندڙ ڪنن کي هر وقت هوندي آهي.

شرم مان شرمائڻ ۽ شرمائجڻ. دفن مان دفنائڻ ۽ دفنجڻ. اهڙا سوين فعل سنڌيءَ ۾ آهن، جي عربي ۽ فارسيءَ جي اسمن مان ٺهيل آهن. پوءِ جيئن خالص سنڌي فعلن مان اسم فاعل ۽ مفعول وغيره ٺهندا آهن، تيئن عربي اسمن مان ٺهيل فعلن جا به اسم فاعل ۽ اسم مفعول جڙندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ”يي“ (ي) نسبت جي به عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ورتل آهي. جهڙيءَ طرح حيدرآبادي، خداآبادي، شهدادپوري، شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، جيڪب آبادي وغيره.

## هاڻوڪي چالو سنڌيءَ ڪهڙين ٻين ٻولين مان اثر قبول ڪيو آهي؟

هاڻوڪي چالو سنڌي ٻولي، جا هندو ۽ مسلمان، عام طرح توڙي خاص طرح، تقرير توڙي تحرير ۾، ڪم آڻين ٿا، ۽ جا صدين کان وٺي، سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جا عام ٻوليءَ طور، يا ادبي طور استعمال ڪئي وڃي ٿي، سا گهڻي ڀاڱي سنسڪرت، چڱي ڀاڱي عربي، موچاري ڀاڱي فارسي، ۽ ٿوري ڀاڱي ترڪي ۽ ڪجهه ڀاڱي انگريزيءَ مان مُرڪب ۽ مُرَتب ٿيل آهي.

سنسڪرت سنڌيس ماتا آهي، عربي ۽ فارسي وغيره سنڌس پالنا ڪندڙ ۽ مُرَبي. سنسڪرت ڪيس

ڇڏيو، عربي ۽ فارسيءَ وغيره ڪيس اچا ٻه لائق ٻنايو ۽ ادبي اوج تي پهچايو. عربي ۽ فارسي وغيره جا هزارين اسم موجود آهن، پر ڪي اسم فعلن جي صورت ۾ آئي ٻه ڪم آندا وڃن ٿا. هيءَ ٻه هڪ حقيقت آهي ته سنڌي جيتوڻيڪ سنسڪرت مان چاول آهي، ته ٻه سنسڪرت واريءَ ساڳيءَ صورت ۾ نه رهي آهي. هن، سنسڪرت لفظن تي ٻه سنڌ جي سر زمين جو اثر وجهي، ان جو منهن مهانڊو ئي سنڌي بڻائي ڇڏيو آهي. مثال لاءِ هيٺيان لفظ ڏسو:

”پورن“ مان ”پورو“، ”پرنتو“ مان ”پر“، ”نيتر“ مان ”نرت“، ”سانس“ مان ”ساه“، ”پتر“ مان ”پٽ“، ”چندرمان“ مان ”چنڊ“، ”سورج“ مان ”سج“، ”جگتر“ مان ”جڳ“، ”يوگ“ مان ”جوڳ“، ”مانس“ يا ”منش“ مان ”ماڻهو“، ”هي“ (حرف ندا) مان ”اي“، ”ناش“ مان ”ناس“ ”لڪشمي“ مان ”لڇمي“، ”اڪشر“ مان ”اکر“، ”لڪشڻ“ مان ”لڇڻ“، ”ڪشڻ“ مان ”کِنُ“، ”رڪش“ مان ”رڇ“، ”ڪشار“ مان ”کارُ“، ”سنڌيا“ مان ”نُنهن“، ”سوچي“ مان ”سئي“، ”ميگهہ“ مان ”مينهن“، ”مِتر“ مان ”ميٽ“، ”سوتر“ مان ”سُٽ“، ”ڪنڀ ڪار“ مان ”ڪنڀار“، ”سورن ڪار“ مان ”سونار“، ”چرم ڪار“ مان ”چمار“، ”سڪنڌ“ مان ”ڪنڌ“، ”ستول“ مان ”ٿلهو“، ”ستاپن“ مان ”ٿاپڻ“، ”شاڪ“ مان ”ساڳ“،

"مَتَڏ يہ" مان "منجهہ"، "ڪدا" مان "ڪڌهن"، "يدا" مان "جڏهن"، "تدا" مان "تڏهن"، "ڪسيہ" مان "ڪنهن"، "يسيہ" مان "جنهن"، "تسيہ" مان "تنهن"، وغيره.

جنهن صورت ۾ اها حقيقت آهي تہ چالو سنڌي، سنسڪرت، عربي، فارسي، ترڪي ۽ ڪجهہ قدر انگريزيءَ جي ترڪيب سان ٺهي تيار ٿيل آهي، انهن ٻولين جو اثر صدين لاڳر مٿس پيل آهي ۽ انهيءَ اثر ڪري سنڌس شان گهٽيو ڪينهي، پاڻ وڌيو آهي، ڪيس فائدو ٿي رهيو آهي، ابوچي ڪانہ پٺتي آهي، تنهن صورت ۾ انهن زبانن کي بہ عزت ۽ محبت جي نگاهہ سان ڏسڻ گهرجي ۽ ضرورت وقت يا ساهت جي واڌاري لاءِ، انهن ٺي زبانن مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي.

جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ يورپ جي زبان (انگريزي) مان بہ مدد ورتي، يا انهن جي لفظن قبول ڪرڻ ۾ عيب ۽ عار سمجهيو نٿو وڃي، ٻولي. جا مٿن سمنڊن پار جي آهي، جا مغربي آهي، مشرقي ڪينهي، يوروپين آهي، ايشائي ڪينهي، جا ٻوريءَ طرح پراهين ۽ ڏارين آهي، و يجهي ماٺنيائي ڪينهي، تڏهن مشرقي ۽ ايشائي ٻولين (عربي ۽ فارسي) جي ملاوٽ ۽ مدد کان ڇو ٻري ڀڄجي. جي اسان جون

پاڙيسري به آهن ۽ هر وقت مددگار به ٿي رهيون آهن، جن مان اسان جا جهونا ناتا ۽ قديم تعلقات به آهن، اڳي به انهن اسان جي ٻوليءَ مان چڱائي پيرِ پِريا هئا ۽ هاڻي به هو پاڻ کي سنڌيءَ جي حوالي ڪرڻ کان منهن نٿيون موڙين.

اسان جي سنڌيءَ جي بنياد ۾ ٿي اِها لياقت آهي، جو هن ڪنهن به اڻ سڌريل ۽ جهنگلي ٻوليءَ سان نينهن نه لاتو. هن برهڪي ۽ سڪرانڪي ٻوليءَ کي ويجهو به اچڻ نه ڇڏيو، توڙي ڪِ اهي ٻوليون به پاڙيسريون هيون.

جيڪڏهن سنڌيءَ مان ٻين ٻولين
جا لفظ صفا ڪڍي ڇڏجن ته
باقي سنڌيءَ جو ڇا حال رهندو؟

اچو ته آزمائي ڏسون! فرض ڪريو ته چالو سنڌيءَ مان ذات عربي ۽ ذات فارسي وغيره لفظ ڪڍي ٿا ڇڏيون ۽ هنن کي بيگناهه سنڌي مان نيڪاليءَ جي سزا ٿا ڏيون ۽ پوءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ شروع ٿا ڪريون- ڇا اهڙيءَ صورت ۾، اسين پنهنجن خيالن جي ڏي وٺ ۽ پنهنجن جذبن جو اظهار، پنهنجن مقصدن ۽ مرادن جي ترواري، پنهنجين خواهشن ۽ تمنائن جي ترجماني، پوريءَ طرح ڪري سگهنداسين؟ يا مضمون ۽ ڪلام ۾ ادبي وسعت ۽ ساهتي صنعت قائم رکي سگهنداسين؟ شعر ۽ ڪوتا ۾ رنگيني ۽ شيريني آڻي سگهنداسين؟ علوم ۽ فنون جي ڪتابن لاءِ ڪي سهڻا

۽ سليس اصطلاح موجود ڪري سگھنداسين؟ گفتار ۽ گويائيءَ ۾ ميناج ۽ مزو، سواد ۽ سلوڻپ پيدا ڪري سگھنداسين؟ زبان جي آواز ۾ لطافت ۽ نزاڪت رهي سگھندي؟ جي شيون هتي جون آهن ني ڪين، جي ٻاهران آيون آهن ۽ پنهنجن نالن سميت آيون آهن، انهن تان ٻه هٿ کڻنداسين؟ هن آزمايش ۾ عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ انگريزي لفظن کي ٻه نيڪالي ڏيڻي پوندي، انگريزي اصطلاح به خارج ڪرڻان پوندا، ڇو ته انگريزي ٻولي ڪا سنڌي زبان جي چاچي يا ماسي ڪينهي، جنهن کي اکين ۾ جاءِ ڏيون ۽ سيني ۾ سانڍيون ۽ وچان ني قديم تعلقات ۽ پراڻي سنبند وارين ٻولين کي نيڪالي ڏيون! آخر قديم تعلقات جو لحاظ ڇڏي، بي لحاظ ڇو ٿيون؟

## ٻوليون قدرتي طرح روپ وٺن ٿيون

ٻوليون قدرت طرفان ني ڪا صورت وٺي، چالو ٿين ٿيون، قدرتي طرح ني وڌن ويجهن ٿيون ۽ گوناگون رنگن ۾ رڱجن ٿيون، ڪنهن خاص ڪوشش سان ڪين ٿيون ٺهن: يعني ٻوليون ڳاهيون ڪينهن، ٺهنديون آهن. سڌريل ٻوليون، پورب ۽ پڇم، اتر ۽ ڏکڻ جي آب هوا جو اثر ضرور قبول ڪنديون آهن. ٻاڙي ۾ رهي، پاڻ کي ٻاڙي جي اثر کان محفوظ رکي ۽ بچائي نه سگھنديون آهن. ڪنهن ٻاڙي ۾ رهي ۽ ٻاڙي جي اثر کان پاڻ بچائين، ائين ناممڪن آهي،

آهي. ڪڙن سوڌو درياء ۾ ڪاهي پوڻ ۽ نہ هٽڻ ۽ پوءِ بہ سمجهڻ تہ پاڻيءَ کان ڪپڙا بچن، اهو قانون قدرت جي برخلاف آهي.

انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ ٻوليون ڪن پاڻهي ٿيون ۽ پاڙي اوڙي جو اثر بہ ضرور قبول ڪن ٿيون، مگر عالم ۽ ماهر انهن کي سائنٽفڪ بنائين ٿا. انهن جا اصول ۽ فروع ٺاهين ٿا، انهن جا اشتقاق ۽ بنياد کوٽي ڪڍن ٿا، انهن جي گرامر (صرف ۽ نحو) جا قاعدا ۽ قانون جوڙين ٿا، انهن ۾ آيل غلطين جا مدارا ڪن ٿا، ادب ۽ ساهت جي باغ جي باغباني ڪن ٿا، لفظن جي گلن ۽ ٻوٽن کي مناسب ۽ ٺهڪندڙ جاين تي پوکين ٿا، ساهت جي چمڪندڙ جواهرات کي ٻوليءَ جي زيور ۾ جڙين ٿا، ساهت جو صحن غلطين جي ڪنڊن ۽ ڪکن کان صاف ڪن ٿا. باقي هيءَ ڪوشش ڪرڻ بلڪل عبث آهي تہ زماني جي انقلاب ۽ گردش موجب ۽ پاڙي جي قدرتي اثر ۽ صحبت سبب، آسپاس کان آيل اکر ٻوليءَ مان تڙي ڪڍجن، ۽ انهن جي آمد کي روڪي ڇڏجي، ۽ ٻوليءَ جي حالت اهڙي بنائجي، جو سونهن سٺن ۾ پايو ويٺي هجي، ڪنهن کي بہ ويجهو اچڻ نہ ڇڏي- ٻين ٻولين جي ملاوت سان فصاحت ۽ بلاغت جو ذخيرو، ٻوليءَ ۾ واڌ ۽ ترقي ڪري تہ بہ انهيءَ کي قبول نہ ڪجي؛ اها ڪوشش نہ فقط عبث آهي، بلڪ اياڻپ آهي.

ڪي قبول نہ ڪجي، اها ڪوشش نہ فقط عبث آهي، بلڪ اياڻپ بہ آهي.

## سنڌريل ٻولين ۾ انقلاب ضرور ايندو آهي

اڄ مستي چاڙائي چڪو آهيان تہ ٻوليون پاڻهئي ٺهنديون آهن، زور زبردستيءَ سان ڪين ٺاهيون وينديون آهن. ٻولين جي ادب ۽ ساهت ۾ جيڪو انقلاب ايندو آهي، سو قدرتي ايندو آهي ۽ قدرتي طرح ايندو رهندو.

سڌريل ٻولين ۾ ٻہ مکيہ لياقتون هونديون آهن: ۱- ٻين سڌريل ٻولين تي اثر ڪرڻ، ۲- ٻين سڌريل ٻولين جو اثر قبولڻ. سڌريل قومن ۽ سڌريل ٻولين جي اها ڪشاده دلي ڇٽبي. سڌريل ٻولين ۾ اڇوتپڻو ۽ تنگدلي نہ هوندي آهي. ڪن حالتن ۾ تہ سڌريل ٻوليون ٻين سڌريل ٻولين مان اثر قبولڻ ۽ لفظن وٺڻ لاءِ لاچار ۽ مجبور ٿينديون آهن ـ جڏهن انهن وٽ ڪن معنائن لاءِ لفظ ۽ ڪن مسمّائن لاءِ اسم موجود نہ هوندا آهن، خاص طرح، جڏهن جديد ايجادن ۽ نون اصطلاحن لاءِ منجهن ٺهڪندڙ لفظ ۽ اسم نہ ليندا آهن.

ٻولين ۾ عام انقلاب (عام ٻوليءَ ۾ نون لفظن جو اچڻ) يا خاص انقلاب (ادبي زبان ۾ جديد اصطلاحن ۽ جديد لفظن جو داخل ٿيڻ) اڪثر آسپاس جي سڌريل يا لڙهہ وچڙ رکندڙ ٻولين جي ئي اثر سببان ٿيندو آهي.

هڪڙي ملڪ جا ماڻهو ٻئي ملڪ جي سير ۽ سفر تي ويندا آهن، ٻئي ملڪ جا ماڻهو وري انهيءَ ملڪ ۾ گهمڻ ڦرڻ ايندا آهن، اهڙيءَ طرح ٻن ملڪن جي وچ ۾ واپاري ناتا هوندا آهن، هڪڙي قوم تي ٻيءَ قوم جي حڪومت ٿيندي آهي، يا هڪڙي ئي ملڪ ۾ جدا جدا ڌرمن ۽ مذهبن وارا گڏ گذاريندا ۽ گڏ اٿندا ويهندا آهن. انهن ۽ اهڙين حالتن ۾ ئي هڪڙيون ٻوليون بي‌اختيار ٻين ٻولين تي اثر ڪنديون، يا انهن کان اثر پرائينديون آهن. اهڙو اثر قدرتي طرح ٿيندو آهي ۽ انهيءَ کان ڪابه سڌريل ٻولي پاڻ بچائي نٿي سگهي. ٻولين جي درميان اها ڏي وٺ هلندي آئي آهي ۽ هلندي رهندي. سڌريل ٻولين ۾ مقناطيسي ڪشش ۽ چقمق واري ڇڪ هوندي آهي. جيڪي ٻوليون ٻين جي لفظن کي پاڻ ڏي ڇڪي وٺن ٿيون، تن ۾ پاڻ وڏيڪ مقناطيسي طاقت ڇٽبي. انساني طاقت ۽ ڪوشش ڪنهن به ٻوليءَ جي اهڙي مقناطيسي طاقت کي، جا قدرت جي طرفان منجهس رکيل آهي، بيڪار بنائي نٿي سگهي. دنيا جي ٻولين جو فلسفو جاچي ڏسبو ته اهو ئي سٽيون منطقي قاعدو سڀني ۾ موجود ملندو.

ٻين ٻولين جي خزاني مان ڪجهه مال هٿ ڪرڻ، ٻين ٻولين جي جواهرات سان پنهنجي ٻوليءَ جي جهولي پرڻ، ٻين ٻولين جي ادبي گلن مان ڪي سهڻا گل

طوطو ٻيڙي ۾ رهي ٻه انساني ٻوليون ٻوليندو رهندو. ساڳي ڪوشش جهرڪيءَ ۽ ڪانوَ سان ڪيتري ٻه وئبي، ته ٻه هو سڌرندا ئي ڪينه نڪي ماڻهن سان ميل ڪائيندا ۽ نڪي ڪا سنوَت ڏيندا. اهو ئي جهنگلپڻو سنجهن هوندو، جو سندن سڀاءَ ۾ رکيل آهي.

دنيا ۾ سڀڪا شيءِ سڌاري جي محتاج آهي. ڪي دنيا ۾ سڌاريندڙ هوندا ۽ ڪي سڌاريل. پر سُڌرڻ جي لياقت ڪن ۾ هوندي آهي ۽ ڪن ۾ نه. جن ۾ اهڙو مادو هوندو آهي، سي پاڻ کي ٻه سوڀياوان ڪندا آهن ۽ دنيا جي سوڀيا ۾ ٻه واڌارو ڪندا آهن. ٻوليون ٻه انهن مان ئي آهن، جي سڌرڻ ۽ سڌارڻ جون لياقتون رکن ٿيون - سواءِ جهنگلي ٻولين جي.

دنيا جي هاڻوڪين سڀني زنده ۽
سڌريل ٻولين ۾ ٻين ٻولين جي ملاوٽ
ٿي چڪي آهي ۽ ٿيندي رهي ٿي.

اڇو ته دنيا جي هاڻوڪين سڌريل ۽ زنده ٻولين تي نظر ڦيرايون، جن جي زنده ۽ سڌريل هجڻ ۾ ڪنهن ٻه ناقص ۽ ڪامل کي ڪلام ۾ شڪ ڪونهي، جن جي ساهت ۽ ادب دنيا ۾ تسليم ٿيل آهي، جن جو لٽريچر دنيا جي ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ پهتل آهي.

ايران جي هاڻوڪي پارسيءَ ۾ ٻه حصا ڏکيي ۾ ڏکيا ۽ چِندُ ۾ چِندُ عربي لفظ موجود ٿي ويا آهن. ايرانين محسوس ڪيو ته سندين زبان ۾ نوَن اصطلاحن ۽ جديد ايجادن جي لاءِ پاڻ وٽ لفظن جو پورو ذخيرو موجود ڪونهي؛ انهيءَ ڪري هنن، بنا هٻڪ، عربي زبان جي مدد دل کولي ورتي ۽ ايتري ورتي، جنهن جي حد ۽ حساب مشڪل آهي، نتيجو هي آهي، جو ايراني زبان (فارسي) جي ماهرن اندازو لڳايو آهي ته اڄ ڪلهه جي ايراني فارسي ٻه حصا عربي آهي ۽ هڪ حصو فارسي!

فارسي زبان جو مثال شايد ڪن نون تعليم يافتن سنڌي سڄڻن کي نه آڻڙي. ڇو؟ سو بيان ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. تنهنڪري، اڄ انگريزي، فرينچ ۽ جرمنيءَ جهڙين عالمگير ادبي ۽ لٽرري، سائنٽفڪ ۽ سڌريل زبانن جو مثال پيش ڪريان ٿو، جن کي منهنجا نوان تعليم يافتا ڀائر به سون کي يقين آهي ته حد سڌريل ۽ بهترين علمي زبانون سمجهندا هوندا.

انهن ٽنهي زبانن کي کولي ڦولهي ۽ جاچي جوچي ڏسبو ته انهن ۾ وڏو حصو ڌارين ٻولين جو ئي ڏسڻ ۾ ايندو. انهن ٽنهي زبانن جي ماهرن اندازو لڳايو آهي ته وڏو حصو انهن ٻولين جو لٽن (Latin) ۽ يوناني (Greek) زبانن مان ئي آيل آهي، ۽ باقي حصو فرينچ، انگريزي ۽ جرمن جو آهي، تنهن کان

سواءِ، منجهن عربي، عبراني، ترڪي ۽ فارسيءَ جو به گهڻو دخل ڏسجي ٿو، جن مان ڪي سامي (Semitic) زبانون سڏيون وڃن ٿيون، ۽ يوروپين زبانن لاءِ بلڪل ڌاريون آهن.

هاڻوڪي اٽالين (Italian) ۽ هسپاني (Spainsh) زبانون به لئٽن مان ئي بنجي راس ٿيون آهن، يا هئن چئجي ته لئٽن ٻولي پنهنجي اصلوڪي شڪل مٽائي، اٽالين ۽ هسپانوي زبان جي صورت وٺي بيٺي آهي.

جيڪڏهن ڌارين ٻولين جو عمل ۽ دخل انهن زبانن لاءِ ناجائز ۽ بيجا دستاندازي، يا هڪ قسم جو بگاڙو ۽ انهن جي نيچِرَلِٽيءَ لاءِ نقصانڪار چئبو، ته پوءِ دنيا ۾ ڪابه زنده ٻولي پنهنجي اصلي ۽ بنيادي حالت ۾ نه ليندي. هان - ڪي اهڙيون زبانون بيشڪ ليندڻيون، جي وحشي ۽ جهنگلي سمجهيون وڃن ٿيون - جهڙيون آفريڪا، آسٽريليا ۽ آمريڪا جي ڪن ڀاڱن ۽ خود هندستان جي ڪن حصن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. انگريزي، فرينچ ۽ جرمن لٽريچر ۾ ڌارين ٻولين جا لفظ اهڙي ته پوزيشن اختيار ڪري چڪا آهن، جي ڪيتريءَ ئي ڪوشش سان به ڪڍي نٿا سگهجن ۽ نه نڪري سگهن ٿا. هو انهن زبانن جي ڊڪشنرين ۽ لغت جي ڪتابن جا اهم ۽ ضروري جزا ٿي چڪا آهن، ۽ لغت ۾ انهن کي عزت ۽ اصليت وارو درجو ڏنو ويو آهي.

انهيءَ حالت جي اڃا به ڪا انتها ڪانه ٿي آهي. اهو سلسلو سال بسال وڌندو ٿي رهي ٿو.

آءٌ مثال طور، ڪي مثال عربي زبان جي انهن لفظن جا پيش ڪريان ٿو، جي يورپ جي ڊاڪٽريءَ ۾ اڃا به چالو آهن. جيتوڻيڪ يورپ جي ڊاڪٽري سائنس، ڪماليت جي درجي کي پهتل چئي وڃي ٿي، ۽ طبي سائنس جا يوروپين موجد، طبي تشريح (Anatomy)، طبي اصطلاحن، طبي دوائن ۽ ڊاڪٽري اوزارن لاءِ پاڻ وٽان به لفظ ۽ اصطلاح موجود ڪري سگهيا ٿي، ته به هنن عربيءَ جهڙي ڏارينءَ زبان جي لفظن ۽ اصطلاحن قبولڻ ڪان ڪو به عار ڪونه ڪيو.

ٻئي صفحي تي، مختصر فهرست اهڙن لفظن جي پڙهو ۽ سڌريل ٻولين جي ڪشادهدلي ڏسو!

# انگريزي ٻوليءَ ۾ عربي طبي لفظ

| عربي لفظ | معنيٰ جي سمجهاڻي | | انگريزي لفظ |
| --- | --- | --- | --- |
| غان غرايا | عربيءَ ۾ الهيءَ سوج کي چوندا آهن، جا جنهن عضوي ۾ ٿيندي آهي، سو ڪارو ٿي پوندو آهي ۽ ٿيندي ٿيندي بيحس ٿي ويندو آهي. | گينگرين | Gangrene |
| طروخانطير | ران جي هڏي ۾ مٿين پاسي ٻن اڀريل گول هنڌن کي چئبو آهي. | ٽروڪينٽر | Trochanter |
| اوديما | هڪڙي قسم جي نرم سوج کي چئبو آهي. | ايڊيما | Oedema |
| ذيابيطس | مٺي پيشاب جي مشهور بيماري. | ڊاياٻيٽيز | Diabetes |
| دِرهم | تورَ جي هڪڙي قسم جو وٽُ. | ڊرام | Dram |
| قولون | انساني آنڊن مان پنجون نمبر آنڊو. | ڪولن | Colon |

| عربي لفظ | معنيٰ جي سمجهاڻي | انگريزي لفظ | |
|---|---|---|---|
| ماليخوليا | اڌ چريائيءَ جي بيماري. | ميلن ڪوليا | Melancholia |
| ديافرغما | اهو پردو، جو ڇاتيءَ ۽ پيٽ جي وچ ۾ آهي. | ڊايا فرام | Diaphragm |
| بالقراس | هڪڙو عضوو آهي جو ترڙيءَ مان ڦٽي، ٻارهن آڱري آنڊي تائين پهچي ٿو. | پَنڪرياس | Pancreas |
| اورطي | انهيءَ رتائين رڳ جو نالو آهي، جا دل مان ڦٽي ٿي، ۽ ساري بدن ۾ سندس شاخون ڦهليل آهن. | اي آرٽا | Aorta |
| ڪيلوس | جڏهن غذا پيٽ ۾ پهچي ٿي ۽ جَوَن جي آش جهڙي ٿئي ٿي. | ڪائيل | Chyle |
| ڪيموس | جڏهن غذا مان بڻيل آش، رت جي صورت ۾ اچي ٿي. | ڪائيم | Chyme |
| اغديدوس | آنورن جو اهو حصو، جتان منيءَ جو نيڪال ٿئي ٿو. | ايپڊِڊمس | Epididmis |

| عربي لفظ | معنيٰ جي سمجهاڻي | | انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|
| فاراطنين | پيٽ جي هڪڙي پردي جو نالو. | پريٽو ليم | Peritoneum |
| آوُن | انڪل اڍائي تولن جي وزن جو نالو آهي. | آوُنس | Ounce |
| باسليق | هڪڙيءَ رڳ جو نالو آهي، جنهن مان سير ڇوڙبي آهي. | بسيلڪ | Basilic |
| قيفال | هيءُ به هڪڙيءَ رڳ جو نالو آهي، جنهن مان سير ڇوڙبي آهي، سنڌيءَ ۾ سرارو سڏبو اٿس. | ڪفيلڪ | Caphelic |
| قاثاطير | جنهن سرائيءَ سان بند ٿيل پيشاب ڪڍجي. | ڪٿيٽر | Cathetar |
| صافن | پير جي هڪڙي رڳ جو نالو، جنهن مان سير ڇوڙبي آهي. | سفينس | Saphenous |
| قرنيه | اک جي چمڪندڙ پردي جو نالو، جو سفيديءَ مان مايل آهي. | ڪارنيا | Cornea |

| عربي لفظ | معنيٰ جي سمجهاڻي | | انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|
| سقمونيا | هڪڙيءَ مشهور دوا جو نالو، جا دست آڻيندڙ آهي. | اسڪيموني | Secammonium |
| قولنج | هڪڙي آنڊي جو نالو، جنهن جي سخت سور کي قولنج چئبو آهي. | ڪالڪ | Colic |
| ابي ليميا | مرگهيءَ جو نالو. | ابي لپسي | Epilepsy |
| ايلاوس | آنتي جي رستي پائخاني اچڻ جي بيماري. | الي اُس | Ileus |
| ذوسنطاريا | دستن جي هڪڙي بيماري. | ڊسينٽري | Dysentry |
| ماليا | چريائيءَ جي بيماري. | مي نيا | Mania |
| فلغمولي | هڪڙي قسم جي گرم سوڄ. | فلي گمولي | Phlegmoneous |
| قاطوخس | اهڙيءَ بيماريءَ جو نالو، جنهن جي ڪري انسان ويٺل يا بيٺل حالت ۾ ئي سڪي وڃي. | ڪيٽالپسي | Catalepsy |
| قوما | گهري ننڊ. | ڪوما | Coma |
| طاطانس | ڪنڌ سُڪي وڃڻ جي بيماري. | ٽي ٽي نس | Tetanus |

| انگريزي لفظ | | عربي لفظ |
|---|---|---|
| Cubeb | ڪيوبب | ڪباب چيني |
| Zingeberis | زنجبيرس | زنجبيل |
| | ڪيريو فلاء | قرنفل (لونگ) |
| Opium | اوپيم | افيون (آفيم) |
| Santal | سينٽل | صندل |
| Senna | سينا | سنا (مڪي) |
| Kamala | ڪميلا | قنبيل |

## انگريزيءَ ۾ دوائن کان سواءِ ٻين شين جا عربيءَ ٻين ٻولين جا لفظ

| | | |
|---|---|---|
| Candle | ڪينڊل | قنديل (عربي) |
| Albet | البيٽ | البت (عربي) |
| Kutcha | ڪچا | ڪچو (هندي) |
| Sugar | شُگر | شڪر (فارسي) |
| Cotton | ڪاٽن | قطن (عربي ڪپھ) |
| Alphabet | آلفابيٽ | الف - بي - تي (عربي) |
| Pucca | پڪا | پڪو (هندي) |
| Saint | سينٽ | سنت (هندي) |
| Lac | لئڪ | لڪ (عربي) |
| Stable | اسٽيبل | اصطبل (عربي) |

# سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي وغيره لفظ ڪڏهن آيا ۽ ڪيئن آيا؟

مٿي پڙهي آيا آهيو ته دنيا ۾ هڪڙا ملڪ ٻين پاڙي وارن ملڪن سان، ۽ هڪڙا پرڳڻا ٻين پرڳڻن سان، وڻج ۽ واپار، ڏيتي ۽ ليتي، سير ۽ سفر جي سانگي، اچ وڃ ۽ لهه وچڙ رکندا آهن، ۽ اهو ئي طريقو سڌريل ملڪن جو هوندو آهي. سڌريل قومون پنهنجا شاگرد ٻين ملڪن ڏانهن موڪلينديون رهيون آهن ۽ موڪلينديون رهن ٿيون. پنهنجا ٻيڙا ۽ جهاز پنهنجن ڪشتيبانن ۽ خلاصين جي هٿان، پرانهن ديسن تي پهچائينديون رهيون آهن ۽ پهچائينديون رهن ٿيون.

تاريخ جي پراڻن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ديس، جا رهاڪو، عرب مسلمانن جي راڄ کان به اڳ، پنهنجن پاڙي وارن ملڪن (ايران ۽ عربستان) مان واپاري ڪنڌي سنڌي ۽ تجارتي تعلقات رکندا هئا. نه فقط ايترو، پر خود ايران ۽ عربستان جا واپاري به عراق، بندر عباس، بوشهر ۽ بصري کان سنڌ جي ساموندي ۽ دريائي بندرن مان ٿيندا، گجرات پاسي، ۽ ساموندي ۽ دريائي ڪنارن تي وسندڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ايندا ويندا هئا.

اهڙيءَ طرح، سنڌ جا هندو واپاري به ايران، افغانستان، عربستان، بلخ ۽ بخارا تائين وڃي پهچندا هئا.

انهيءَ اچ وڃ جي ڪري، ڪيترن ئي لفظن جي ۾ اچ وڃ ٿيندي رهي. اٺين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾، جڏهن سنڌ تي مسلمان عربن جو راڄ ٿيو، تڏهن مسلمانن جو لشڪر عراق ۽ شيراز مان ٿيندو، لس ٻيلي جي رستي سنڌ ۾ پهتو، جنهن پاڻ سان ڪيترائي عربي ۽ فارسي لفظ آندا. انهيءَ وقت ڪيترائي عربي ۽ ايراني سوداگر سنڌ ۾ گهر ڪري اچي ويٺا، تنهن کان سواءِ، جهازن جي آفيسرن ۽ خلاصين ۽ دنيا جي پرانهن ڀاڱن ۾ پهچي ڪيترن ئي ٻولين جا لفظ پاڻ سان آندا.

اٺين صديءَ عيسوي ۾، عباسي خليفن جي حڪومت وقت، سنڌ جون ڪيتريون ئي قومون بغداد ۾ ايندڙيون ويندڙيون رهيون. ”تاريخ بغداد“ (عربي) ۾ لکيل آهي ته سنڌ جي هڪڙي وڏي قوم خليفي هارون رشيد وٽ جنگي ڪاتي ۾ ملازم هئي، جنهن کي ”زط“ سڏيندا هئا. اها ”زط“ قوم اها ساڳي آهي، جنهن کي سنڌ ۾ ”جت“ سڏيو وڃي ٿو. سن ۱۳۳ هجري يعني اٺين صدي عيسويءَ ۾، بغداد جي خليفن سنڌ مان ڪيترائي پنڊت ۽ ودوان پاڻ وٽ گهرايا ۽ کين تعليمي ۽ طبي عهدن تي مقرر ڪيو. سنڌ جي پنڊتن ۽ ودوانن بغداد ۾ رهي، حساب ۽ طبي ڪتابن جا عربي ۾ ترجما ڪيا. حڪومت جي طرفان انهن ڏينهن ۾ هڪ زبردست علمي ڪاتو قائم

ٿيل هو، جنهن ۾ قسمين قسمين علمن جا ترجما ٻين ٻولين مان عربيءَ ۾ ڪيا ويندا هئا. انهيءَ وقت، ڪيترائي سنڌي ۽ هندي اصطلاح، دوائن ۽ خوشبوئن جا نالا عربيءَ ۾ داخل ٿي ويا، جي اڃا تائين ان ۾ موجو آهن.

جهازن مٿان جيڪي ”پلنگ“ پيل هوندا آهن، تن کي سنڌ ۽ هند جا رهاڪو پلنگ چوندا هئا ته عرب ماڻهن لفظ کي ”بلنج“ چوڻ لڳا. ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾ ”چندن“ کي ”صندل“، ”ڪپور“ کي ”ڪافور“، ”ڪرن ڦول“ کي ”قرنفل“ (لونگ)، ”ٻَتَ“ (جيڪو جانورن وغيره مان رڌبو آهي) ”بَطّ“، ”انب“ کي ”امبج“ چوندا رهيا. ”ڪافور“ جهڙو لفظ ته قرآن شريف ۾ به آيل آهي.

سن ۲۲۰ هجري يعني نائين صديءَ عيسويءَ ۾، بزرگ بن شهريار ملاح هڪڙي جهاز جو آفيسر سنڌ ۾ آيو هو. انهيءَ عربيءَ ۾ هڪ سفرنامو، نالي ”عجائب الهند“ لکيو آهي. هن انهيءَ ڪتاب ۾ ٻيا به ڪيترائي هندي لفظ لکيا آهن، جي عربيءَ ۾ آيل آهن. هن پنهنجي انهيءَ سفرنامي ۾ لکيو آهي ته ”الور جي راجا، بکر جي مسلمان حاڪم کان، هڪڙي عربي ڄاڻندڙ عالم جي ٻانهن گهُري، جنهن تي بکر جي مسلمان حاڪم، هڪ عربي دان عالم، الور جي راجا وٽ ڏياري موڪليو. انهيءَ عالم پهچڻ شرط راجا جي ساراه ۾ هڪڙو قصيدو سنڌي زبان ۾ ٺاهي، پيش ڪيو.“

بغداد جو مشهور سيلاني اصطخري، سن ٣٤٠ هجري يعني ڏهين صدي عيسويءَ ۾، سير ڪندو، سنڌ جي مشهور شهر بکر ۾ آيو هو. اهو پنهنجي سفرنامي (صفحي ٧٧، ڇاپ ليڊن) ۾ لکي ٿو ته "بکر، ملتان ۽ ان جي آسپاس عربي ۽ سنڌي، ٻئي ٻوليون چالو آهن."

بغداد جو ٻيو مشهور سيّاح ابن حرقل به پنهنجي سفرنامي (صفحي ٢٣٢، ڇاپ ليڊن) ۾، ڏهين صدي عيسوي ۾، ساڳي ڳالهه لکي آهي ته "آنهن ڏينهن ۾ سنڌ جي بکر شهر ۽ ان جي آسپاس عربي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو رواج هو."

بشاري مقدسي نالي سياح، سن ٣٧٥ هجري (مطابق ٩٨٥ عيسوي) ۾، جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن ديبل ۾ به آيو هو. اهو پنهنجي سفرنامي (صفحي ٤٧٩، ڇاپ ليڊن) ۾ لکي ٿو ته "ديبل بندر (جنهن کي ڪي تاريخ نويس موجوده ٺٽو شهر ڪري سمجهن ٿا) سمنڊ جي ڪناري تي آهي، جنهن جي چوڌاري سؤ وسندڙ شهر ۽ ڳوٺ آهن. اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي شهر جي پٽين سان روز اچي ٽڪرجي ٿو. ديبل جا هندو سڀ سوداگر آهن، جن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي." اڄ به ٺٽي جا ڪيترائي هندو واپاري ۽ سندن ٻار عربي زبان ڳالهائيندا آهن.

مٿين ثابتين مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون:

(۱) سنڌ جي ڪيترن ئي پاڳن ۾ خود هندو به عام طرح عربي ٻولي، ٻوليءَ طور ڳالهائي سگهندا هئا. اچا مسلمانن جي حڪومت ڪي ايترا ڏينهن ئي ڪين گذريا هئا، تڪي ڪي عربيءَ جا اسڪول ۽ ڪاليج کوليا ويا هئا، جنهنڪري چٽجي ڪٿي ته جلد ئي عربيءَ جا اهڙا ڪي ماهر ٿي ويا هوندا، جو مادري زبان ”سنڌيءَ“ وانگي عربي به ٻوليءَ طور ڪم آڻڻ لڳا هجن.

(۲) مسلماني حڪومت کان ئي اڳ، سنڌ جا هندو واپاري واپار سانگي عربستان وڃڻ سبب عربي ڳالهائي سگهندا هئا.

(۳) جڏهن ته هندي لفظ ”ڪپور“ قرآن شريف جي زماني کان ئي اڳ ”ڪافور“ بڻجي، عربي زبان ۾ آيل ۽ عربي لغت جو جزو بڻيل آهي، جنهنڪري ئي قرآن شريف جي اعليٰ زبان ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪير قبول ڪندو ته، سنڌ جي هندن جي اچ-وڃ عربستان ڏانهن مسلماني حڪومت کان اڳ ڪانه هئي، ۽ عربي لفظ زبردستيءَ سان سنڌيءَ تي پوءِ مڙهيا ويا آهن؟

(٤) مسلماني حڪومت وقت به، ٺٽي جا هندو سوداگر هميشه وانگر سوداگري ئي ڪندا رهندا هئا. جڏهن بغدادي خليفن جي حڪومت ۾ سڌارا ۽ واڌارا ٿيا، ملڪن سان واپار وڌيو ۽ تجارتي منڊيون قائم ٿيون،

بغداد انهن سڀني ڳالهين جو مرڪز بنيو، تڏهن سنڌ جا ڪي واپاري، عربي ممالڪ ۾ عام طرح ۽ بغداد ۾ خاص طرح ويا هوندا، سي سڀاويڪ عربي لفظن جو نئون ذخيرو اکين ڪان ٻه اڳرو هٿ ڪري آيا هوندا. جيئن جيئن ملڪ ۽ قومون وڏيڪ سڌرن ٿيون، تيئن تيئن انهن جي ٻوليءَ ۾ به گهڻو سڌارو ۽ وڌيڪ واڌارو ٿئي ٿو. اهڙي وقت، گهڻا علم، گهڻا اسباب، گهڻيون شيون ۽ گهڻيون ضرورتون اچي ٿيون پرگهٽ ٿين، جنهنڪري لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو قدرتي طرح وڌي ٿو ۽ هو گهرن ۽ بازارين، محفلن ۽ مجلسن، سرڪار ۽ دربار، وهنوار ۽ ڪاروبار ۾ عام جام ڪم اچڻ لڳن ٿا. اهو قدرت جو هڪ اٽل قانون آهي ۽ سمي جو هڪڙو ضروري نيم.

(۵) انهيءَ سمي، سنڌ جي هندن ۾ عربي يا ٻين ٻولين ڪان ڪابه نفرت ۽ ڇوت ڇات ڪانه هئي، نڪي هو عربي ٻوليءَ کي پنهنجي سڀيتا جي ابتڙ سمجهندا هئا.

(٦) جيڪي ودوان ۽ پنڊت بغداد ۾ هنديءَ مان عربيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ويا ۽ اتي ورهين جا ورهيه رهي، عربيءَ ۾ هندي ڪتابن جا ترجما ڪيائون، سي ضرور اڳيئي عربيءَ جا اهڙا ته عالم ۽ ماهر هوندا، جي ترجمي جهڙو ڏکيو ڪم ڪري سگهيا. علمي ڪتابن جي ترجمي جو ڪم عربيءَ ۾ تيسين

کو کونہ ڪري سگھندو، جيسين اهو علمي اصطلاحن کان پورو واقف ۽ عربي لغت جو پورو عالم نہ هوندو.

(۷) جڏهن تہ سنڌ جا هندو عربي زبان پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ وانگي ڳالهائي سگهندا هئا ۽ ان کي پنهنجي سڀيتا جي برخلاف ڪين سمجهندا هئا، تڏهن جيڪڏهن سنڌي زبان ۾ عربي لفظ داخل ٿيا ۽ ٿيندا رهيا تہ ڇا ٿي پيو؟

(۸) جڏهن تہ سنڌ جا هندو ۱۲-۱۳ سؤ سال اڳ عربي ڄاڻندا ۽ ڳالهائيندا هئا، واپار خاطر عربستان بہ ويندا هئا ۽ واپاري ڏيتي ليتي بہ عربن سان رکندا هئا، تڏهن بنا ڪنهن شڪ شبهي جي معلوم ٿو ٿئي تہ هو ضرور عربي رسم الخط (لکڻي) بہ ڄاڻندا هوندا ۽ اها رسم الخط عربيءَ جي موافق ئي هوندي.

(۹) جڏهن تہ سنڌ جا هندو ۱۲-۱۳ سؤ سال اڳ عربي ڳالهائي ۽ لکي سگهندا هئا، تڏهن ائين چوڻ ۾ کو اهم ڪونهي تہ عربي زبان بہ سنڌي هندن جي پراڻي ادبي ۽ ساهتي سڀيتا ۾ داخل هئي. اهو انهن لاءِ فخر هو تہ هو ٻين ملڪن جون زبانون بہ ڄاڻن ٿا. اها هنن جي اعليٰ لياقت ۽ قابليت هئي، جو ٻين زبانن ڳالهائڻ تي بہ اهڙا قادر هئا، جهڙا پنهنجي مادري زبان ڳالهائڻ تي.

## ٻين ٻولين مان لفظن اچڻ ۽ آڻڻ مان فائدو آهي يا نقصان؟

هر هڪ ڳالهه جا ٻه پاسا هوندا آهن: ١- فائدو، ۽ ٢- نقصان، يعني هر هڪ شيءِ ۾ فائدو به هوندو آهي ۽ نقصان به. هيءَ ڳالهه به سڀاويڪ آهي، جو هر هڪ ماڻهو فائدو ۽ نقصان ٻنهي خيال ۾ آڻيندو آهي ۽ ٻنهي کي توريندو ۽ تڪيندو آهي. هو تور تڪ بعد ضرور فائديمند پاسو ئي پسند ڪندو، نه ته به گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن شيءِ جي فائدي ۽ نقصان کي عقل واري ساهميءَ جي ٻن پڙَن ۾ وجهندو. جيڪڏهن فائدي وارو پڙُ لَڙي بيٺو، ته ڪجهه نقصان جي موجودگيءَ هوندي به اها شيءِ پسند ڪندو.

اسان کي به انهيءَ اصول موجب جاچڻ گهرجي ته سنڌي زبان ۾ ٻين ٻولين مان لفظن اچڻ يا آڻڻ مان ڪَسُ آهي يا ڪٽ، نفعو آهي يا نقصان، فائدو آهي يا ڇيهو؟

ويچار ڪرڻ سان، مون کي هڪ سنڌي هجڻ جي حيثيت ۾ تہ ائين معلوم ٿئي ٿو ته ٻين ٻولين مان لفظن جي اچڻ يا آڻڻ ڪري، اسان جي سنڌيءَ کي فائدو ئي فائدو آهي، نقصان ڪونهي.

وري به اسان کي ٻئي هنڌان ڪجهه نه ڪجهه ملي ٿو، ڪجهه نه ڪجهه ٻيڙ پوي ٿو ۽ ڪجهه نه ڪجهه هٿ اچي ٿو. اسان وٽان ڪجهه وڃي ته۔

لاءِ ڪاغذ جو ميدان تنگ، قلم جو گهوڙو لنگ ۽ طبعيت جو حال رنگ برنگ ٿئي ٿو. هن ڪي نثرنويس وانگي ڪاغذ چوٽ ڪارا ڪرڻا ڪينهن، هن جو قلم هل هلان ڪري، ميدان ڪين ماري سگهندو، هن جي طبعيت جو حال هڪ رنگ تي نه هوندو. هن ڪي شعر جي ڪوزي ۾ درياءَ ليٽائڻو ۽ نظم جي لوڙي ۾ سمنڊ سمائڻو آهي. هن ڪي جيڪي چوڻو ۽ لکڻو آهي، توري ۽ تڪي چوڻو آهي. انهن تنگ دائرن ۾ قائل شاعر لاءِ ادب جي ڪشادگي ۽ ساهت جي وسعت ضروري آهي. جيڪڏهن زبان جي لفظي خزاني ۾ مال مٿو ۽ قسمين قسمين هوندو، ته هو پنهنجي ڪم ۾ جلد ئي ڪامياب ٿيندو ۽ چڱو ڪامياب ٿيندو. خيالن ۽ جذبن جي اظهار لاءِ بيشمار لفظ هن جي اڳيان قطارون ٻڌي، اچي بيهندا ۽ مدد ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪي آڇيندا. جيڪڏهن ادب ۽ ساهت جو دائرو تنگ ۽ محدود ۽ خزانو ڳاڻ ڳٽيو هوندو، ته ويچاري شاعر کي جيڪا تڪليف پهچي سگهي ٿي، سا شاعرن ڪان ئي پڇڻ گهرجي. قافيه دار ۽ وزندار شعر لاءِ ٺڪدار لفظن جي ضرورت ٿئي ٿي. پنهنجا يا ٻاهران آيل يا آندل لفظ اهڙي وقت جيڪو ڪم ڏين ٿا، تنهن جو قدر به هڪ ڪامل شاعر کي ئي هوندو.

نثرنويس جي حالت به ڪا گهٽ محتاجي ڪينهي. هن وٽ به جيتريقدر ادب جو خزانو ججهو ۽ ساهت

جو ذخيرو زور هوندو، اوتري قدر هو پنهنجي خيالن ۽ جذبن جو ڏيئو وڏيڪ روشن ۽ پنهنجن جذبن جو صحن وڌيڪ گلشن بنائي سگهندو. هو پنهنجي مضمون کي رنگ برنگ ۽ پنهنجي ڪاغذ کي چين جو ارژنگ ڪري ڏيکاريندو. هو دنيا جي حقيقتن کي سولائيءَ سان ۽ دنيا جي واقعات کي آسانيءَ سان هوبهو چِٽي ۽ بيان ڪري سگهندو. هن کي جيڪڏهن ساڳيو مقصد ۽ ساڳيو مطلب ور ور ڏئي، بيان ڪرڻو هوندو ته اهو مضمون پيري پيري جدا نموني ۽، دفعي به دفعي ٻين ٻين لفظن جي زور تي پنهنجي نثر ۾ به شعر جو شان پيدا ڪري سگهندو. انهيءَ طرح هو هڪ عاليشان نثرنويس ۽ شاندار مضمون نگار بڻجي سگهي ٿو. ٻاهريان لفظ جڏهن پاڻ وٽ آيا، تڏهن هو ڌاريان ڇڏبا ئي نه، پنهنجا ٿي ڇڏبا.

## دنيا جي ٻولين جي هڪ ئي برادري آهي.

ٻولين جي ماهرن ۽ فيلالاجي (Philology) جي عالمن، ڪن لفظن جي هڪ جهڙائيءَ سبب دنيا جي زبانن جا ٽي قسم مقرر ڪيا آهن. اهي ئي ٽي قسم دنيا جون بنيادي زبانون آهن، ٻيون هزارين زبانون انهن مان ئي ڦٽيون آهن. ١- آريائي يا آرين (Aryan)،

٢- توراني يا ترينين (Turanian)، ٣- سامي يا سميٽڪ (Semitic).

پهرئين قسم جي زبانن مان هي آهن: سنسڪرت، فارسي، انگريزي، فرينچ، لٽن وغيره.

ٻئي قسم مان: چيني، تاتاري، ترڪي وغيره.

ٽئين قسم مان: عربي، عبراني، ڪلداني، سرياني وغيره.

دنيا ۾ جيئن سڀ انسان انسانيت جي ڪري هڪٻئي جي برادري آهن، فقط جدا جدا ملڪن ۾ رهڻ ڪري ئي جدا جدا نمونو ۽ ڍار ڍار رهت سهت رکن ٿا، تيئن سڀئي انسانن جون ٻوليون به قريب قريب هڪ ئي ڪُل مان آهن، جيتوڻيڪ جدا جدا ملڪن ۾ وڃي، هنن جدا جدا روپ ورتو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن ضرورت وقت، بلڪ بنا ضرورت، به ڪنهن هڪڙي ملڪ جو ماڻهو ٻئي ملڪ جي ماڻهوءَ کي مدد يا خدمت جي آڇ ڪري، فقط انسانيت جي جذبي سببان، ته ڇا اها انسانيت آهي، جو هن جي مدد ۽ خدمت قبولڻ کان انڪار ڪجي ۽ ڪيس هٿ چنبڙ ڪري، تڙي ڪڍجي؟ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا ٻولي ٻي ٻوليءَ جي اچي ساٿياڻي ٿئي يا ماهيڙي بنجي، ته اهو هرگز مناسب نه آهي، جو هن کي پاڻ وٽان تڙي ڪڍجي. اها نه انسانيت آهي ۽ نه انٽر راشٽري (انٽرنيشنل International) اصول جي مطابق.

ڪي ڳالهيون بيشڪ اهڙيون آهن، جي ٻولي فقط پنهنجي ملڪ جون ئي قبول ڪرڻ گهرجن - جهڙيون صنعتون ۽ هنر - پر تن ۾ جيڪي هنر، پنهنجي ملڪ ۾ ميسر ٿي نٿا سگهن، سي ٻاهرين ۽ ڌارين ملڪن جا ٻه قبول ڪيا وڃن ٿا، جهڙو ڪتابن ۽ اخبارن ڇاپڻ جو هنر.

ٻولي ڪوشش ڪجي ته اهو هنر ٻه پنهنجي ديس ۾ چالو ٿئي، پر چالو ٿيڻ بعد ڇپبو ته نيٺ ڌاريون. ڇا ڪو ٻه عقلمند پسند ڪندو ته ڇاپڻ جي بديشي ايجاد ڪي ڇڏي، اڳئين زماني وانگي ويهي هٿن سان لکجي ۽ ڪاٺين جون ڪلڪون گسائجن؟

ٻوليون اهڙين شين جي شمار ۾ نٿيون اچن. هو جيتر يقدر ڪشاديون هونديون، اوتر يقدر ڪمائتيون ٿينديون. ٻولين جي ڪشادگي ٻن ڳالهين تي منحصر آهي: ١- سندين ذات جي سڌريلائي، ۽ ٢- ٻين سڌريل ٻولين جي مدد حاصل ڪرڻ جي لياقت - جيئن متي لکي چڪو آهيان.

ٻولين جي هڪ برادري هجڻ جو وڏو دليل هڪڙو هي آهي، ته دنيا جي ميني سڌريل ٻولين هڪٻئي مان لفظن جي ڏي وٺ ڪئي آهي، ۽ انهيءَ ڏي وٺ ۾ ڪو عار ۽ عيب نه سمجهو اٿن - جيئن ته انگريزي، فرينچ ۽ جرمنيءَ وغيره ٻولين، عربي ۽ عبرانيءَ مان ڪيئي لفظ ورتا آهن، نه ته انگريزي، فرينچ وغيره آرين ٻوليون آهن، ۽ عربي، عبراني وغيره

سامي زبانون. انهيءَ ٿي برادريءَ جي رواج موجب، اسان جي سڏريل سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاهران لفظن جو چڱوچوکو ذخيرو هٿ ڪيو آهي، ۽ جڏهن جڏهن جهجهو لڳو اٿس، تڏهن ٻاهرئين مال مان گهڻو ڪجهه گڏ ڪيو اٿس. سنڌي ٻولي ته آهي ٿي آرين ٻولين جي ذات مان هڪڙي مڪ. فارسي ۾ ساڳيئي بنياد مان آهي، سو جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ فارسي کان لفظ ورتا، ته هن کي هر طرح حق هو؛ پر جڏهن ته ٻين سڌريل آرين ٻولين، سڌريل سامي ٻولين کان وقت بوقت مدد ٿي ورتي آهي، تڏهن اسان جي سنڌيءَ ڪهڙو گناهه ڪيو؟ هن کي پنهنجن ٻين ڀينرن کان پٺتي ڇو پوڻ گهرجي - خاص انهيءَ حالت ۾، جنهن حالت ۾ اهي سامي ٻوليون سندس پاڙيسري آهن؟

## ادبي ٻولي "عام" ٻولي کان اوچي هوندي آهي، ۽ اوچي هئڻ گهرجي.

"عام" ٻولي جنهن کي نِچ ٻولي سڏيو وڃي ٿو، سا پنهنجي جاءِ تي ضرور علم ۾ نِچ هئڻ گهرجي. انهيءَ ۾ اوچا اوچا لفظ، اوکا اوکا فقرا، تڪدار ۽ جوڙيوال جملا، لغت مان گولي معلوم ڪرڻ جهڙا لفظ ۽ اڻ مشهور يا گهٽ چالو اکر نه هئڻ گهرجن؛ نڪي گهڻا استعار ۽ تشبيهون، اشارا ۽ ڪنايا ڪم آڻجن.

جيئن ٻين ملڪن ۾ ٻين ٻوليُن ۾ "عام" ٻولي ۽ علمي ٻولي، بازاري ٻولي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ فرق سمجهيو وڃي ٿو، منجهانس غلط لفظ ۽ غلط اُچار ڪڍي، ڪيس پاڪ ۽ صاف، صحيح ۽ سلامت بنايو وڃي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ لغت جا صحيح ۽ سالم ڪتاب لکيا وڃن ٿا، تيئن اسان کي به پنهنجي پياري ادبي ٻوليءَ لاءِ انتظام ڪرڻ گهرجي.

## غلط العام ۽ غلط العوام

"غلطالعام" علم ادب ۾ هڪ مشهور اصولي جملو آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن کي به معلوم آهي ۽ هو ڪنهن غلط لفظ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

مون ڏٺو آهي ته "غلطالعام" جو مطلب اڪثر غلط سمجهيو وڃي ٿو. "غلطالعام" جي معنيٰ هيءَ سمجهي وڃي ٿي: "جيڪو لفظ عام لوڪ يعني اڻ پڙهيل يا گهوٽاٽا اُچارين، اهو صحيح آهي."

حقيقت ۾ انهيءَ فقري جي اها معنيٰ غلط آهي. "غلطالعام" لفظ اصل ۾ آهي "الغلطالعام" جنهن جي معنيٰ آهي: "اهو لفظ، جو اڻ پڙهيل توڙي پڙهيل يعني عام طرح سڄي ملڪ جا سڀ رهاڪو هڪ جهڙو غلط اُچارين"- يعني، نه فقط اڻ پڙهيل عام ماڻهو، بلڪ پڙهيل خاص ماڻهو به انهيءَ لفظ کي غلط اچارڻ تي هري ويل هجن. اهڙيءَ صورت ۾ اهڙو غلط

لفظ به صحيح چئبو. جهڙيءَ طرح، عام طرح ”قفل“ کي ”قلف“ چيو وڃي ٿو. جڏهن ته عام ۽ خاص، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، عام جام ”قفل“ کي ”قلف“ چوڻ تي هريل آهن، تڏهن اهو صحيح چئبو، غلط نه چئبو. پر همراه کي هر ماه، طفل کي طلف چوڻ بلڪل غلط آهي، ڇو ته همراه کي هر ماه، طفل کي طلف فقط ”عام“ ۽ اڻ پڙهيل ئي چوندا آهن: پڙهيل ”هر ماه“ ۽ ”طلف“ ڪڏهن به ڪين چوندا آهن.

جيڪي لفظ عام لوڪ يعني اڻ پڙهيل غلط اچاريندا آهن، انهن کي ”غلطالعوام“ چئبو، نه ”غلطالعام“. ”غلطالعوام“ لفظ ڪنهن به صورت ۾ صحيح ڪين چئبا ۽ انهن لاءِ علمي ۽ ادبي زبان ۾ ڪابه جاءِ ڪانهي. ”غلطالعوام“ بازاري لفظ ٿي سگهن ٿا، علمي ۽ ادبي لفظ نٿا ٿي سگهن. ساڳيءَ طرح، جيڪي غلط لفظ فقط مسلمان غلط استعمال ڪن ۽ هندو نه، يا فقط هندو غلط اچارين ۽ مسلمان نه، ته اهڙا لفظ به ”غلطالعام“ ۾ داخل نه چئبا. ”غلطالعام“ اهي لفظ چئبا، جن کي ملڪ جا سڀ باشندا ۽ سڀ فرقا هڪ جهڙو غلط اچارين ۽ غلط لکن ـ ته اهڙا لفظ غلط هوندي به صحيح چئبا. ڪيترائي سنسڪرت شبد جي سنڌي زبان جو سنئون سڌو جزو آهن، تن کي مسلمان غلط اچاريندا آهن ۽ هندو صحيح چوندا ۽ ڳالهائيندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترائي عربي ۽

جي زير سان "آشراف" (الف جي زبر سان) کي "اِشراف" (الف جي زير سان)، جَنڊبو (جيم جي زبر سان) کي جُنڊبو (جيم جي پيش سان) پڙهڻ بلڪل غلط آهي. اهڙيون غلطيون "غلط العام" ۾ داخل نه آهن.

قيقيد

جيڪڏهن ڪن حرفن، يا ڪن حرفن جي اعرابن جي ڦير ڦار يا اڳ پوءِ ٿيڻ سان، ڪو هندي لفظ عربيءَ ۾ اچي ته ان حالت کي "تعريب" چئبو آهي، ۽ اهڙي لفظ کي "مُعَرب"- چندن بنجي، "صندل" ٿيو، "ڪپور"، "ڪافور" ۽ "جائفل"، "جَوزُفل" يا "جعفر".

جيڪڏهن عربيءَ جو لفظ ساڳئي حالت سان فارسيءَ ۾ آيو ته انهيءَ کي "تفريس" چئبو، ۽ انهيءَ لفظ کي "مُفرس".

ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن عربي، فارسي، يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو لفظ ڪن حرفن، يا ڪن اعرابن جي ڦير ڦار، يا هيٺ مٿي ۽ اڳ پوءِ ٿيڻ سان سنڌيءَ ۾ عام طرح چالو ٿي ويو، ته انهيءَ حالت کي "تسنيد" چئبو ۽ انهيءَ لفظ کي "مُسنَد".

جهڙيءَ طرح "عماري" مان "هنياري"، "قفل" مان "ڦُلف"، "سَرّ" مان "سِرُ"، "عِطر" مان "عَطر"، "زُبان" مان "زِبان"، "دَلو" مان "دِلو"،

”ثُومَ“ مان ”ثُومَ“، ”بصل“ مان ”بصر“، ”مِطْرق“ مان ”مُترڪو“، اهي ۽ اهڙا ٻيا سوين عربي لفظ سنڌيءَ ۾ مُسند ٿي چڪا آهن. انهيءَ طرح، جيڪي ٻه لفظ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آيل آهن، سي بدليل حالت ۾ ڦريل صورت ۾ ئي صحيح ڄاڻبا، بشرطيڪ ملڪ جا سڀ باشندا عام ۽ خاص، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل انهيءَ طرح ئي انهن کي ڪالهائيندا هجن.

هيءَ حالت اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽي موجود آهي، ۽ گهٽين ئي ٻولين جا گهڻائي مُسند لفظ منجهس موجود آهن. ڏسجي ٿو ته دنيا جي ٻين مڙيل ٻولين ۾ ٻه هيءَ حالت ججهي قدر موجود آهي.

## تحريف

”تحريف“ اهڙيءَ حالت کي چئبو آهي جو بي علم يا ڪي علم وارا به خواه مخواه سنون سڌن صحيح لفظن کي پنهنجي اچاٽپ سبب ڦرائي بگيڙي غلط ۽ غير صحيح اچارين؛ مگر ملڪ جي سڀني قومن جا پڙهيل ۽ باخبر، ڪالهائڻ وقت، صحيح تلفظ سان اچاريندا هجن. جهڙيءَ طرح ڪي عام اڻ پڙهيل ماڻهو ”همراه“ کي ”هرماه“، ”طفل“ کي ”طلف“، ”گل“ کي ”غل“، ”گلاب“ کي ”غلاب“، خوش کي ”کس“، ”خاص“ کي ”کاش“ چوندا آهن. اهڙن لفظن کي ”مُحَرَف“ چئبو آهي.

ادب ۽ ساهت ۾ مُحَرَف لفظن جو استعمال هرگز جائز ڪينهي. اهڙا ڪريل لفظ بلڪل غلط چئبا. ”تحريف“ جي معنيٰ ٿي آهي بگاڙڻ، ۽ مُحرَف جي معنيٰ آهي بگاڙيل. اهڙن لفظن کي ادبي ۽ علمي ٻوليءَ ۾ ڀ ڪو وزن ڪونهي.

”تحريف“ جو تعلق لفظن ڪان سواءِ معنيٰ سان ڀ آهي، يعني ڪنهن لفظ کي عام اڻ پڙهيل ماڻهو اهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻين، جا معنيٰ حقيقت ۾ انهيءَ لفظ جي نه هجي، نڪي انهن اڻ پڙهيل ماڻهن واريءَ معنيٰ ۾ پڙهيل ڪم آڻيندا هجن. جهڙيءَ طرح ”حال محرم“ کي اڻ پڙهيل ”حال محروم“ يا ”مرحوم“ کي ”محروم“ چوندا آهن. اها ”معنوي تحريف“ چئبي، جا ”لفظي تحريف“ کان ڀ وڌيڪ ناجائز آهي. ”مَحْرَم“ جي معنيٰ آهي ”واقف“، ۽ ”محروم“ جي معنيٰ ”نااميد“، يا ”بي نصيب“. ”مرحوم“ جي معنيٰ آهي ”جنهن تي خدا جي رحمت هجي.“ ڏسو ته ”تحريف معنوي“ هڪ چڱي معنيٰ واري لفظ کي ڪيتري قدر بڇڙيءَ معنيٰ وارو بنائي سگهي ٿي!

”دخيل“ اهڙي لفظ کي چئبو آهي، جو هڪڙي ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو هجي ۽ اصلوڪي ٻوليءَ واريءَ صورت ۾ ئي هوبهو قائم رهيو هجي.

جهڙيءَ طرح ڪتاب، قلم، ڪاغذ، مضمون، اخبار، وڪيل، اصيل، فيصلو، قسمت، قيمت، نصيب، طبيب، حبيب، حڪيم، دوا، علاج، ديوان، عامل، مُنشي، وغيره وغيره. دخيل لفظ سنڌيءَ ۾ بيشمار آهن، جي عربي، فارسي، ترڪي، ۽ انگريزيءَ وغيره مان آيل آهن.

ڏسجي ٿو ته دخيل لفظن جو سلسلو سنڌيءَ توڙي دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين ۾ اڄ به هليو اچي ٿو ۽ انهيءَ طرح سڀ ڪنهن سڌريل ٻوليءَ جو ادب ۽ ساهت وڌندو رهي ٿو.

## سنڌيءَ ۾ دخيل لفظن جي مختصر لسٽ

سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي ٻولين مان دخيل لفظ آيل آهن، ۽ ايترا آهن، جن جو شمار ئي ڪري نٿو سگهجي. رڳو فارسي، عربي ۽ ترڪيءَ مان آيل نه آهن، پر انگريزيءَ مان به ايترا آيل آهن، جن جي حد ۽ حساب ئي ڪونهي. اڳتي مثال طور هرهڪ ٻوليءَ مان آيل لفظن جي مختصر فهرست ڏکان ٿو.

## عربي مان آيل دخيل لفظ

ديوان، عامل، مُنشي، وڪيل، اصيل، قاعدو، قانون، قلم، ڪاغذ، حساب، ڪتاب، صفحو، ورق، جِلد، حَرف، لَفظ، معنيٰ، مضمون، تحرير، تقرير، علم، عمل، تعليم، مدرسو، استاد،

سبق، امتحان، سوال، جواب، صحيح، غلط، عالم، جاهل، عدل، عادل، انصاف، منصف، امانت، امين، فيصلو، فتوا، دولت، مال، امير، وزير، وزارت، وڪالت، اظهار، بيان، باب، فصل، ربيع، خريف، عقل، اڪابر، رسالو، فوج، محلات، مشڪلات، حڪيم، حاڪم، طبيب، حبيب، عشق، عاشق، معشوق، مجنون، مفتون، محفل، مجلس، شمع، طمع، مرض، مريض، دوا، شفا، علاج، صحت، اتفاق، اتحاد، الفت، شعر، شاعر، نظم، نثر، انقلات، اسباب، بندوق، قتل، قاتل، حيات، موت، قوم، جماعت، ملڪ، ممالڪ، ملائڪ، عمر، وقت، سن، تاريخ، آجل، جسم، جثو، روح، راحت، وعدو، وفا، مخالف، موافق، تمام، حيلو، وسيلو، فنا، بقا، صوفي، فقير، مرشد، مريد، غريب، غني، نفعو، نقصان، عام، خاص، خلق، خلقت، خالق، مخلوق، رعيت، بغاوت، ضلعو، تعلقو، ظاهر، باطن، انسان، حيوان، شخص، جذبو، جنون، اشتها، اشتهار، طعام، دعوت، عداوت، مطلب، مقصد، مراد، خيال، خوف، خطرو، بر، هوا، مضبوط، خط، لفافو، مقرري، موقوفي، استعفا، دين، دنيا، عاقبت، آخرت، موقعو، مبارڪ، داخل، خارج، شراب، شربت، شڪ، شبهو، رخصت، اجازت، آلبت، انتظار، عام، خاص، صراف، حجام،

دَرْزي، شَرِير، شَرارت، شُرُوع، دائم، قائم، صاف، صَفا، صَدْري، قَميص، مَدَد، امداد، مَنْصوبو، مَعْلوم، اختيار، مُختار، قيد، قيدي، قَبول، مَنظور، تَجَربو، تَعَلق، باهه، فَتح، صُبح، حال، حالَت، صَلاح، صَواب، خطا، ثواب، عذاب، شڪل، شَباهت، شَرط، شُرُوط، مَحفو، سُريت، غُبار، بُخار، جَمال، ڪمال، ڪماليت، زَواليت، صُورت، تَصوير، ايمان، عَقيدو، شاهد، شهيد، عَرْش، ڪُرسي، اسرار، اشراف، وَرْثو، تَرڪو، تجلو، تحقيقات، تڪبير، تقدير، جنسو، تقرير، طاقت، طمنو، لباس، جوراب، هيمت، حشمت، قدر، قيمت، اقرار، انڪار، فڪر، غَم، فَرحت، فَساد، فهرست، سَير، غَير، شَر، خَير وغيره.

هي اهڙي سؤ کن لفظ نموني طور هتي لکيا اٿم، جي قدرتي طور بنا خاص ڪوشش سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل ۽ آندل آهن. اهي ۽ اهڙا هزارين دخيل (يا، ڪجهه ڦيرگهير سان مسند ٿيل) لفظ هندن، مسلمانن، شهرين ۽ ٻهراڙين وٽ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا.

## فارسي دخيل لفظن جي مختصر فهرست

آواز، آزار، آزاد، گرفتار، آبرو، آئينو، آبادي، برٻادي، آرام، بيآرامي، آه، آگاه، بار، باري، بافتو، شبنم، پشم، ريشم، پردو، پاسخاطري، دهل، دمامو، ڪوفتو، ڪباب، رنگ، رباب، خوشي، شادي،

خانگي، خاندان، خانداني، نوڪر، چاڪر، شاهي، شير، دلبر، روانو، آب دانو، پيشو، پيشگير، تہ خانو، بالاخانو. پائخانو، پاڪي، پائجامو، ڪوشش، سرجوشي، زور، شور، بخت، تخت، مزو، مزيدار، پيغام، پيغمبر، نماز، روزو، دوزخ، بهشت، گشت، سوار، پيادو، انجام، انجامنامو، دستاويز، بندوبست، آتش، آتشبازي، فرياد، فريادي، سزا، سزاياب، سخت، نرم، سرد، گرم، زخم، مرهم، جنگ، سپاهي، چيڪ، چاش، چاشني، چپاتي، ڪفگير، چلم، انجير، بادام، پستہ، توت، شهتوت، بهيدانہ، ناسپاتي وغيره.

هي ڏيڍ سؤ کن فارسي لفظ آهن، جي سنڌ جي عام ۽ خاص پبلڪ ۾ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا. اهڙا نج فارسي لفظ (يا ڪجهہ ڦير گهير سان مسند ٿي) سنڌيءَ ۾ ايترا آيا آهن، جن جو شمار ڪرڻ نہ مشڪل آهي.

جيڪڏهن اهڙا عربي ۽ فارسي لفظ سنڌيءَ مان ڪڍي ڇڏجن، تہ نہ 'عام' سنڌي بولي پنهنجو ڪم ڏئي سگهي ۽ نہ خاص ادبي سنڌي قائم رهي سگهي.

## ڪن ٿورن ترڪي لفظن جي لسٽ

ترڪ سپاهي مغل بادشاهن جي زماني ۾ هندستان ۽ سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيا. سنڌ ۾ اڃا تائين بہ ذات جا، ترڪ مسلمان موجود آهن. اهي ترڪ ذات جا. تعلقي دادوءَ جي خداآباد ۽ ڦڪن جي ڳوٺ ۾ مون پاڻ

ڏٺا آهن. اهي صفا سنڌي ڪوٺاٺا آهن. منجهن ڪابہ نشاني ترڪن جي ڪانهي - نہ صورت، نہ شڪل - نہ لباس نہ ٻولي. هو نيج سنڌي آهن، فقط ذات جا ترڪ سڏائيندا آهن. انهن ترڪن جي ڪري، ڪي ٿورا ترڪي لفظ بہ سنڌيءَ ۾ اچي ويا، ۽ اهڙا ترڪي لفظ سنڌيءَ ۾ اٽي ۾ لوڻ مثل آهن. اجهي هيٺيان ڪي ترڪي لفظ سنڌيءَ ۾ موجود آهن: چقمق، چاقو، قينچي، چاق، چليمچي، چغل، چغلي، چِق (دروازي تي لٽڪڻ واري)، چمچو، چُغو، قابو، قُلي، بيرق، بغچو يا بقچو (بچڪو)، غاليچو، قلندر، قليچ، قمچي (گهوڙي لاءِ چهبڪ)، اوطاق، بورچي، آزبڪ، سوغات، بيگ، بيگم، چيچي (هي لفظ جدا نہ ايندو آهي، ڪن اسمن ۾ گڏيل هوندو آهي، جهڙو گهڙيالچي، نغارچي، مشعلچي)، قاشقو (چمچو)، طمانچو، قنات، سوغات، (اچا ٻيا بہ اهڙا لفظ لڀندا مگر ٿورا).

## انگريزي دخيل لفظن جي لسٽ

انگريزن جي حڪومت کان پوءِ، انهن سان لڙهہ وچڙ رکڻ، يورپ جي نون ايجادن ۽ انگريزي تعليم جي ڪري، سنڌيءَ ۾ انگريزي جا بہ صدها لفظ داخل ٿي ويا آهن، جي سنڌي ٻوليءَ جو جزو ٿي ويا آهن ۽ اهڙا لفظ اڃا بہ داخل ٿيندا رهن ٿا ۽ داخل ٿيندا رهندا. آءٌ ڪي ٿورا اهڙا لفظ مثال طور هتي لکان ٿو:

پينسل، رائفل، پستول، رڪيولر، آرڊر، اسٽيمر، اسٽيمر، اسپرٽ، اليڪٽري، گاسليٽ، پيٽرول، مشن، رون (رائونڊ)، ڪمپائونڊ، ڪوئنين، ڊوز، ڊپازٽ، آڊونس، ڪلاس، فرسٽ ڪلاس، سيڪنڊ ڪلاس، انٽر ڪلاس، ٿرڊ ڪلاس، هوٽل، ڪيڪ، بسڪوٽ، ڪافي، لمليٽ، سوڊا، آرنيج، راسبيري، پيناپل، چاڪليٽ، ڊبل، سنگل، باڪس، ٽفن، باڪس، ماچيس، ڊڪشنري، ڪارڊ، رجسٽر، پارسل، بلٽي، کپاٽ، الماري، ٽيبل، بينچ، اسٽول، چاپ (شاپ)، گدار، چيمبر، جيل، جيلر، سپريڊنٽ، ڊپارٽمنٽ، فٽبال، پريس، ٽائيپ، ڪمپازيٽر، ائڊريس، پلٽ فارم، ڪواٽر، بم، ڪانگريس، ڪانفرنس، ليگ، پوزيشن، پيگ، ڊسمس، فيملي وغيره.

هي ٻه سؤ کن انگريزي لفظ لکيا ويا آهن، جي هوبهو، يا ڪجهه ڦيرگهير سان مستعمل ٿي، اسان جي سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن. هي ٿورا لکيا اٿم، پر انهيءَ کان گهڻو، گهڻا انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا، ۽ ڏسجي ٿو ته وقت بوقت وڌندا ٿي رهن ٿا.

## انگريزيءَ کان سواءِ ٻين يورپين ٻولين جا لفظ سنڌيءَ ۾

ڏسجي ٿو ته انگريزيءَ کان سواءِ ٻين يورپين ٻولين جا لفظ بہ سنڌيءَ ۾ ”دخيل“ يا ڪجهه ڦيرگهير

سان مستند ٿي آيل آهن. آءٌ ڪي ٿورا مثال پيش ڪريان ٿو.

آمليٽ (فرينچ)، ڪمرو (اٽالين)، نيلام يا ليلام (پورچگيز)؛ پادري (لاٽن)، فالتو (پورچگيز)، ڦيٽ (فيتا - پورچگيز)، پگھار (پگا - پورچگيز)، ترينگ (ترنڪ - پورچگيز).

انصاف سان ڏسبو ته اهي انگريزي ۽ ٻين يورپين ٻولين جا لفظ سنڌيءَ ۾ زور زبردستيءَ سان آندل نه آهن، نڪي ڪنهن ڪوشش سان سنڌيءَ ۾ ٺنبيا ويا آهن. هي قدرتي طور ۽ سياويڪ انگريزن جي اثر سان پاڻهي سنڌيءَ ۾، ۽ ساڳيءَ طرح سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويا آهن. جهڙيءَ طرح اهي انگريزي لفظ پاڻهي سنڌيءَ ۾ آيا آهن، تهڙيءَ طرح ئي عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظ به قدرتي طرح سنڌيءَ ۾ آيل آهن. انهن سڀني ٻولين جا "دخيل" مستند لفظ، هاڻي سنڌيءَ جو جزو ۽ عضوو ٿي ويا آهن، جن کي جيڪڏهن ڪڍي، ٽڪي، سنڌيءَ جي جسم کان جدا ڪبو، ته سنڌي ويچاري، جا ادبي اوج کي پهتل آهي، ۽ دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين وانگي، پيرين سيرين ٺيل آهي، سا لنگڙي، لولڙي ۽ سنڌي ٿنڊي ٿي پوندي.

جيئن آءٌ مٿي چاڻائي آيو آهيان، اهو سلسلو جيسين دنيا قائم هوندي، تيسين وڌندو ئي رهندو ۽ اجا به نوان نوان لفظ انهن زبانن جا منجهس پرتي ٿيندا رهندا.

جاچ مان معلوم ٿئي ٿو ته "عمل تسنيد" گهڻن ئي عربي لفظن ۾ ٿيل آهي، يعني گهڻائي عربي لفظ پنهنجي اصلي صورت مٽائي، سنڌي صورت وٺي، سنڌيءَ ۾ ڪم ڏئي رهيا آهن؛ مگر فارسي ۽ ترڪي لفظ بلڪل ڪي ورلي مستند ڪيا ويا آهن، جن جو بيان اڳتي ايندو. عربي لفظن ۾ سنڌي زبان گهڻي ڦيرقار ڪئي آهي، ۽ فارسي وغيره ۾ گهٽ. ان جو سبب هي آهي، جو عربي لفظ هزارن سالن کان، يعني گهڻو آڳاٽي وقت کان، سنڌيءَ ۾ آيل آهن، جنهنڪري گهڻي وقت گذرڻ سببان هو شڪل ئي مٽائي، سنڌي پوشاڪ پهري، سنڌي ٿي ويا آهن. فارسي وغيره جا لفظ جڏهن ته ڪن صدين کان سنڌيءَ ۾ آيل آهن، تڏهن اهي اڃا اوتري قدر پنهنجي صورت بدلائي نه سگهيا آهن، بلڪ گهڻو ڪري ساڳيءَ شڪل ۽ صورت ۾ ڏسجن ٿا. زبانن ۽ ٻولين جي عمر وڏي آهي؛ صديون انهن لاءِ اڃا جوانيءَ جا ڏينهن آهن، مگر هزار سال ئي انهن جي صورت مٽائي، انهن کي پوڙهو بنائي سگهن ٿا. انسان جوان آهي، ته هو چڱيءَ حالت ۾ ڏسبو آهي. جڏهن پوڙهو ٿيندو آهي، تڏهن مُنهَن ۾ گهُنج، وار اڇا، رت ۽ رطوبت گهٽ، رنگ ۽ رونق جهڪي، سونهن ۽ سوڀيا ندارد، ڏند ڪريل، يا ڪِريا، هٿ پير ضعيف، هلڻ چلڻ ۾ ميٺائي-اهي ڦِريل حالتون منجهس ايتريون ته پيدا ٿينديون آهن، جو جنهن جوانيءَ ۾

ڏئو هوندس، سو وري پيريءَ ۾ ڏسڻ مان يڪدم ٻوريءَ طرح سڃاڻندس ٿي ڪين - گھڻي نهارڻ ۽ ڇتائڻ کان پوءِ ٿي، شڪجي شڪبجي، ڪن خاص آهڃاڻن تي مس مس سڃاڻندس. عربيءَ جا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ جوانيءَ جي حالت ۾ آيا، ۽ زماني جي انقلابن ۽ سنڌي زبان جي غلبي سبب، هو اهڙا ته جھري جھور تي ويا، جو هنن جي اصليت معلوم ڪرڻ ٿي مشڪل ٿي پئي. جھڙيءَ طرح "عماري" مان "هنباري"، "قاطع" مان "ڪاتي"، "فوطه" مان "پوتي"، "تدڻه" مان "تلهو" وغيره. انهن لفظن جي اها حالت خود نشاني آهي، هن ڳالھ جي ته عربي لفظ سنڌيءَ ۾ مسلمانن جي اچڻ کان ٻه گھڻو اڳ اچي چڪا هئا، جيئن تاريخي ثابتين مان مٿي ڄاڻايو ويو آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان آيل لفظن جي صورتخطي، اعرابون ۽ آچار.

مٿي اوهين معلوم ڪري آيا آهيو ته سنڌي جيتوڻيڪ بنيادي طرح سنسڪرت مان نڪتل آهي. پر سنديس پرورش ۽ پالنا، مدار و ۽ واڌارو ٻين ٻولين جي مدد مان ٿي ٿيل آهي، جنهنڪري هوءَ هاڻي علمي ۽ ادبي ٻولين مان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي، بيهي سگھي ٿي ۽ بيهي سگھي آهي. البت افسوس هن ڳالھ جو آهي، جو هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جي

صحيح صورتخطي، صحيح اعرابن ۽ صحيح اُچارن لاءِ ڪو به ضابطو ۽ انتظام نه رکيو ويو آهي، جنهنڪري ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي سچي صورتخطيءَ، صحيح اعرابن ۽ صحيح تلفظ (اُچار) ۾ ادا نٿا ڪيا وڃن. نتيجو انهيءَ جو اهو نڪتو آهي، جو هاڻي غلط اُچارن، غلط اعرابن ۽ غلط صورتخطيءَ کي صحيح سمجهيو وڃي ٿو. اهو قصور اڪثر ادب دانن، ادب نويسن ۽ ساهت جي چاهڪن جي بيپرواهيءَ جو آهي، سنڌي ٻوليءَ يا سنڌي ڳالهائيندڙن جو نه آهي. اهو ڪم گهٽي ڪان گهٽو اڪ ڪنهن مستند ۽ مڪمل لغت لکڻ سان ٿي سگهيو ٿي.

اهڙي لغت سنڌي زبان لاءِ هڪ سند ۽ آثار ٿي ۽ سنڌي خواندن لاءِ رهنما ۽ رهبر ٿي سگهي ها. تنهن کان سواءِ، صحيح اُچارن ۽ اعرابن وغيره بابت تحقيقات ڪري، ڪي ضابطا ۽ قاعدا گهڙڻ گهرجن ها، تا ته انهن قاعدن جي ڪسوٽيءَ تي ٻي ٻوليءَ جي ڪرائي ۽ کوٽائي وقت بوقت پرکي سگهجي ها.

جڏهن ته انهن ضرورتن جي ضرورت اڃا باقي آهي، تڏهن آءٌ انهيءَ ڏس ۾ قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. دنيا جي سڌريل ٻولين جي اديبن اهڙن قاعدن ۽ ضابطن ٺاهڻ سان پنهنجي ٻولين جي وڏي خدمت ڪئي آهي. اسان کي به علمي ڪشاده دليءَ ۽ ادبي دماغ کان ڪم وٺي، پنهنجي ٻوليءَ جي اهڙي خدمت ڪرڻ گهرجي.

# سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي صورتخطيءَ ۽ اُچارن جي حالت.

جاچ ۽ تحقيقات مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ يا ته ساڳيءَ صورت، ساڳئي اُچار ۽ ساڳين اِعرابن مان موجود آهن، يا ته سنڌي زبان انهن ۾ تَصَرُّف ڪري، ڪين اصلي حالت ڪان بدلائي ڇڏيو آهي. اهڙن لفظن کي ”مُسَنَّد“ چئبو آهي، جيئن ”تسنيد“ جي بيان ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

مٿي جيڪي لفظ عربي، فارسي، ترڪي ۽ انگريزي وغيره لفظن جي لسٽن ۾ لکيا ويا آهن، سي گهڻو ڪري اهڙائي آهن. البت عربي، فارسي ۽ ترڪيءَ جا ڪي ڪي لفظ اهڙا آهن، جن جي فقط اعرابن ۾ بيپرواهيءَ سببان ئي ٿورو ڦيرڦار ٿيل آهي. جن لفظن جي صورتخطي، اعرابون ۽ اُچار اصلي حالت تي قائم آهن، سي بحث هيٺ اچي نٿا سگهن، مگر جن جون اهي حالتون ڦريل آهن، تن تي ئي ڌيان ڏيڻو آهي. انهيءَ لاءِ ٻه رستا يا ٻه ضابطا آهن: ١- هيءَ ته جيڪي لفظ اصلي حالتن ۾ موجود آهن، سي اصلي صورتخطيءَ، اصلي اِعرابن ۽ اصلي اُچارن سان ئي اُچارجن ۽ لکجن. مثلاً عامل کي عامِل، اصيل کي اصِيل، قاعده کي قاعدو، فائده کي فائدو، قانون کي قانُون، ڪاغذ کي ڪاغَذ، قلم کي قلم، وَرْق کي وَرَق، صفحه کي صفحو، اِنصاف کي اِنصاف،

اِنْقِلاب کي اِنْقِلاب، وَعْدہ کي وَعْدو، صُوفيءَ کي صُوفيي، نَفْعَ کي نَفْو، نصيب کي لصيب، قسمت کي قسمت، انعام کي اِنْعام، اِسْتِعْفا کي اِسْتِعْفا. اِنهن ۾ اهڙن لفظن کي انهي ئي صورتحال ۾ رکجي، جا هنن جي اصلوکي زبان آهي. آنهن جي صورتخطيءَ ۾ آچارن ۾ ڪا به ڦيرڦار نه ڪرڻ گهرجي. يعني عامل کي آمل، اصيل کي اسيل، قاعده کي قاعدو، فائده کي فائدو، قانون کي ڪانون، ڪاغذ کي ڪاغز، قلم کي ڪَلَم، ورق کي ورڪ، صفحه کي صفو، انصاف کي انساف، اِنقْلاب کي اِنڪِلاب، وَعْده کي وائدو يا وادو، صوفيءَ کي سوفي، نَفْعَ کي نفو، نصيب کي نسيب، قسمت کي ڪسمت، انعام کي انام، چقمق کي چڪمڪ، قابو کي ڪابو، اسْتِعفا کي اِسْتِيْفا ڪري نه لکجي ۽ نه پڙهجي.

اهڙيءَ طرح ڪن عربي لفظن جي اعرابن ۾ ڪي ماڻهو انهن جي اصلي اعرابن کان بي خبر هجڻ سبب ڦيرڦار ڪندا آهن، ته اها ڦيرڦار نه هئڻ گهرجي. اها ڦيرڦار فقط ڪن ماڻهن جي چئبي، نه پر ڪئي جي سيني پڙهندڙن جيي. مثلاً آشراف کي اِشراف، آسباب کي اِسباب، حَلِّ کي حِلّ، شَرارت کي شِرارت، تَنْدُرُستي کي تُنْدُرستي، خود ڪَشي کي خود ڪُشي، فَساد کي فِساد، جَذْبه کي جُذبو ڪري، نه پڙهبو.

اعرابن جي استعمال وقت، وڏو ظلم انهن لفظن سان ٿيل ڏسجي ٿو، جن جي ڪنهن وچين حرف تي شدّ، يا پوئين حرف تي تنوين هوندي آهي مگر نہ اها شدّ اچاري ويندي آهي ۽ نہ اها تنوين لکي ويندي آهي. شدّ جي نہ اچارڻ واريءَ حالت ۾ اڪثر اهو لفظ ٻاتڪو لفظ پيو ڀانبو آهي، يا تہ منجهانس هڪ ٻي معنيٰ نڪرندي آهي. جهڙيءَ طرح مُدَبّر کي مُدْبِر پڙهيو ويندو آهي. مُدّبّر (ب جي شدّ سان) وڏي سياستدان کي چئبو آهي، تہ مُدْبِر (دال جي جزم ۽ ب جي زير سان) جي معنيٰ آهي بدبخت، نياڳو، بدقسمت، بدنصيب، پوئين پير پڄندڙ.

ساڳيءَ طرح تنوين کي سنديس بنيادي عربي صورتخطيءَ ۾ ٿي لکجي، يعني مثلاً کي لام پويان الف وڌائي، مٿس ٻہ زبرون ڏئي ڇڏجن ۽ پڙهڻ مهل نون ساڪن جو اچار ڪجي. مثل يا اهڙن ٻين تنويني لفظن کي ڦاڙيءَ ۾ صفا نون لکڻ- هن طرح "مثلن"- صفا غلط آهي.

ساڳيءَ طرح جن عربي لفظن مٿان الف ۽ لام (الْ) هوندا آهن، انهن جي مٿان جيڪڏهن اسم يا حرف ايندو آهي، تہ پڙهڻ مهل الف جو اچار نہ ڪبو ۽ لکڻ مهل الف ضرور لکبو. جهڙيءَ طرح "عبدالڪريم" پڙهبو "عَبْدُلْڪريم" ۽ لکبو "عبدالڪريم". باقي "عَبْدُ-آلْ-ڪَرِيمْ" ڪري

پڙهڻ غلط آهي. البت ڪي عربي لفظ "آلْ" وارا آهن، جن جي لکڻ مهل به الف نه لکڻ جو رواج پئجي ويو آهي، جهڙيءَ طرح "بلڪل ۽ بلفعل"، جي اصل ۾ آهن "بالڪل ۽ بالفعل". اهڙن لفظن جو عام رواج پٺاندر لکڻ ڪٺي "غلطالعام" جي قاعدي ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، ته به چڱو ائين آهي ته اصلي صورتخطيءَ موجب "بالڪل ۽ بالفعل" ڪري لکجي.

ڳالهه ڪن ٿا ته هڪڙي ٽرينڊ ماستر هڪڙي دفعي، هڪڙو ڪتاب پئي پڙهيو، جنهن ۾ "بلڪل" جو لفظ اصلي صورتخطي ۾ "بِالْڪُل" لکيل هو. جڏهن ماستر صاحب "بلڪل" لفظ تي خير سان پهتو، تڏهن اهو لفظ "بِلْڪل" اچارڻ بدران "بال - ڪُل" ڪري اچاريئين. پوءِ "بالِ ڪُل" جي معنيٰ ۾ صفا منجهي پيو.

اهڙيءَ طرح "آلْ" وارن لفظن مان جيڪڏهن "حرف علت" (واو-الف-ي) سان ڪو به حرف ايندو ته "آلْ" جي الف سان گڏ اهو "حرف علت" به پڙهڻ مهل ڪيري پوندو ۽ لکڻ ۾ قائم رهندو. جهڙو "اَبُوالْڪلام" پڙهڻ مهل "اَبُلْ ڪلام" ڪري پڙهبو، مگر لکڻ ۾ "اَبُوالْڪلام" ڪري لکبو. ساڳيءَ طرح "اَبِيالْقاسم" ۽ "اَبَالْحسن" کي "اَبِلْ قاسم" ۽ "اَبَلْ حسن" ڪري پڙهبو، مگر لکبو "اَبِيالْقاسم" ۽ اَبَالْحسن". اڪثر ڪي

ڏسڻا وائسڻا ماڻهو اهڙن اُچارن کي غلط اُچاريندا آهن. "ابوالڪلام" کي "آبُو- آلُ- ڪلام"، "آبيِ الحَسَن" کي "ابيِ-آلُ- حسن" ۽ "آبَولحسن" کي "آبا-آلُ حَسَن" ڪري پڙهندا آهن، جو بلڪل غلط آهي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ عربيءَ جي صورتخطي رواج ۾ آيل آهي، تڏهن اسان کي عربي صورتخطي ۽ عربي اِعرابن کان بيپرواهه رهڻ جو ڪيتريقدر حق آهي؟ سو اوهين انگريزي اسپيلنگن (Spellings) جي نموني مان سمجهي سگهو ٿا. مثال لاءِ انگريزيءَ ۾ "سين" جو اُچار ڪاٿي "ائس" (S) سان ۽ ڪاٿي "سي" (C) سان ايندو آهي. ساڳيءَ طرح "ڪاف" جو اُچار ڪاٿي "ڪي" (K) سان ته ڪاٿي "سي" ۽ "ايچ" (CH) سان ۽ ڪاٿي "سي" ۽ "ڪي" (CK) سان ايندڙ آهي. اسان کي ضرور ائين ئي لکڻو ۽ اُچارڻو آهي، جيئن انگريزيءَ جي مقرر صورتخطي آهي. اسان کي ڪو حق ڪونهي، جو انگريزيءَ جي صورتخطي پنهنجي مرضيءَ سان لکون ۽ اُچاريون. انگريزيءَ جي ابجد (Alphabet) لاطيني صورتخطيءَ ۾ لکي وڃي ٿي، انگريزيءَ کي ڪا پنهنجي ابجد، يا صورتخطي ڪانهي، بلڪ ٻئي هنڌان جهٽ هڻي، هٿ ڪئي اٿس؛ انهيءَ ڪري لاطيني صورتخطيءَ جي اصولن موجب ئي لکڻي ۽ اُچارڻي پوي ٿي. جيڪڏهن ائين نه ڪجي، ته ڪيترن ئي هنڌ هوند معنيٰ ۾ ئي رولو پئجي وڃي. جهڙو "من" جو لفظ آهي. "سن"

جي لفظ جون ٻه معنائون آهن، هڪڙي "پٽ"، ٻي "سج". پٽ جي معنيٰ ۾ "او" (O) سان لکبو، ۽ سج جي معنيٰ ۾ "يو" (U) سان. ڇا اسان کي انگريزي اسپيلنگن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ، يا پنهنجي مرضيءَ موافق لکڻ جو ڪو حق آهي؟ جيڪڏهن نه، ته عربي، فارسي، ترڪي وغيره جي صورتخطيءَ ۾ ڦيرڦار ڪرڻ، يا پنهنجي مرضيءَ موجب لکڻ جو به اسان کي ڪو حق ڪونهي.

هان، جيڪڏهن عربي ۽ فارسي وغيره جا ڪي لفظ سنڌ ۾ گهر ڪري ويهڻ سبب صفا سنڌي ٿي ويا آهن، ته پوءِ ڀلي انهن کي سنڌي صورت ۾ ڇنجي. مگر جيڪي لفظ پنهنجي اصلي صورت تي رهيل آهن ۽ هنن سنڌي پوشاڪ نه پهري آهي، ته زبردستيءَ سان انهن جي صورت مٽائڻ انصاف جي برخلاف آهي.

هي به ڏٺو ويو آهي، جو ڪيترائي مسلمانَ چند سنسڪرت لفظن کي آڻ ڄاڻائيءَ سببِ غلط اعرابن سان اچاريندا آهن. جهڙيءَ طرح "سِپاوِيڪ" کي "سَپاوِيڪ"، "نِرٖنءِ" کي "نَرٖنءِ"، "اَلنگهڻ" کي "آلنگهڻ"، سِمرن" کي "سَمرن"، "وِويڪ" کي "وَوِيڪ". اهڙا غلط اچار سڄيءَ سنڌ لاءِ مثال ٿي نٿا سگهن، نڪي سنسڪرت ڄاڻندڙن کي مجبور ڪري سگهجي ٿو ته هو انهن غلط اچارن کي صحيح تسليم ڪن.

## عروضي شعر جي قافين ۾ اعرابن وغيره جي غلطي بلڪل ناجائز آهي.

عروضي شعر باقاعده بحر ۽ پوري وزن تي ٻڌل آهي. هن جو لفظ لفظ، بلڪ حرف حرف تُريل تڪيل هوندو آهي. هن جي هرهڪ حرف جون حرڪتون ۽ سُڪُونَ 'سچي سون وانگي' بحر جي ترازيءَ ۾ توري ڏسبا آهن. ڪاٿي به ڪا اَنل ۽ ڪاڻِ تي ته اهو شعر غيرموزون، ناقص ۽ اڻپورو چئبو. سون جي اَنل به رتي ٻه رتيون ڪٽي سهي سگهبيون، مگر شعر جي وزن ۾ ذرڙي به کوٽ ۽ واڌِ برداشت ڪري نه سگهبي آهي. قافيي بابت ته اهڙا سخت قاعدا آهن، جي هر حالت ۾ صحيح طرح بجاءِ آڻڻا ۽ پوريءَ پابنديءَ سان پورا ڪرڻا آهن. قافيي واري لفظ جو پويون حرف هڪجهڙو هجي- "زي" هجي ته سيني هم قافيه لفظن جو پويون حرف "زي" ئي هئڻ گهرجي؛ "ضاد" نه هجي، نه "ظئي"؛ "ڪاف" هجي ته "قاف" نه هجي. پوئين حرف کان اڳئين اکر تي جهڙي اعراب پهرئين شعر جي قافين ۾ هوندي؛ اهائي سيني شعرن جي قافين ۾ قائم رکبي- زبر، ته زبر، پيش، ته پيش، زير، ته زير. زبر جي جاءِ تي زير، زير جي جاءِ تي زبر ۽ پيش جي جاءِ تي زير يا زبر هرگز جائز نه آهي. مثلاً "عادِل جي قافيي سان "بُلبُل" جو قافيو نه ملائبو. "بادَل" جي قافيي سان "بيدِل" جو قافيو

نہ آڻبو، "سالِڪ" جي قافيي سان "تدارُڪ" نہ ايندو.
اهڙيءَ صورت ۾ آهي لفظ، جن جي ٻوٽين حرف کان
اڳئين حرف جو اُچار ڪي ماڻهو غلط طرح اُچاريندا
آهن، سي صحيح اعرابن سان ئي اُچارڻ واجب ۽ فرض
آهي. مثلاً جيڪي ماڻهو "مَنْزِل" کي "مَنْزَل"
(زي جي زير سان) چوندا آهن تہ شعر ۾ مَنزِل (زي
جي زير سان) ئي آڻبو ۽ بيدِل جي ئي قافيي سان مِلائبو.

نثر ۾ بہ اهڙن لفظن جون غلط اعرابون درست
ڪري پڙهڻيون آهن. البت جن لفظن جون اِعرابون
"غلطالعام" جي قاعدي موجب سنڌ جي سيني
رهاڪن وٽ عام طرح غلط اُچارڻ ۾ اچن، تہ آهي
ائين پڙهڻ درست آهن، جهڙو "غَرَض" ۽ "مَرَض"،
جو اصل ۾ "ري" جي زبر سان آهن. مگر عام طرح
"ري" ساڪن سان ڳالهايا وڃن ٿا. مُقابلو، مُناظرو
بہ ساڳيءَ طرح "غلطالعام" ۾ داخل آهن. انهن ۽
اهڙن لفظن جو حرف نمبر چوٿون اصل ۾ زير سان
آهي، مگر "غلطالعام" طرح، زير سان پڙهيو ۽
ڳالهايو ويندو آهي، ۽ زير سان جائز آهي.

# عربيءَ جا ڪي مستند لفظ

| مُستَنَد لفظ | اصل عربي لفظ | مُستَنَد لفظ | اصل عربي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪاتيي | قاطع | دہلو | طَبلہ |
| پوتيي | فوطه | گاشو (آٿ | غاشيہ جو) |
| دِڪّيي | دِڪّه | تائيٿُ | تعوِيذ |
| مودِي | مئودي | قوهارو | فوّاره |
| ڪنبد | قند | نارُ | ناعوره |
| ٻڊِڙي | ٻيڊرَه | ڪُٽو | قُرعہ |
| ٿلھو | تلّه | هيج(خوشي) | هيج - هيجان |
| موري | موري | خرچ | خرج |
| آجُرڪُ | آزرقُ | هنياري | عماري |
| سڙَڪ | سِلڪَ | دِلو | دَلوُ |
| گهنٽو | غُنّه | نغارو | نقاره |
| ڪوپ | ڪوب | نفيل | نفير |
| گهنڊ | غنج | گرڙِي | غَرغَرَ |
| مارڪو(ميڙ) | معڙِڪو | متنگل (سگڙي) | منقل |
| بصر | بصل | ڪُڙڪُڙ | قراقر |
| ڪارتُوس | قاروره | شراف | صرّاف |
| دمادم | دَمدَمہ | سيٽَ | سطر |
| ڪلفي(راڳ | قوافي جي) | | |
| گهوتو | غوطہ | نَٽَ | نَطعُ |
| ٻجاجيي | بزّاز | ڪِٽ ڪِٽ | قُل قُل |

| متسند لفظ | اصل عربي لفظ | متسند لفظ | اصل عربي لفظ |
|---|---|---|---|
| مُٿلمو | مُتلمّعُ | جهلّ (گڏه جڻلّ يا آٿ جي) | |
| دَسو | دَسُّ | | |
| ڪُليلو، ڪليلي | غلُول | وَزمُ | وَزَن |
| خميس | قميص | ڊَبڪي | طَبقي |
| قتلام | قتل عام | سيلاني | سيراني |
| سُپان | صُبح | تپاس | تَفحصُ |
| ٿُوم | ثُوم | ڦدولي | فضولي |
| ڪيسو | ڪيسو | ٿَهه، ٿَهه | تَهُ، تَهُ |
| | | سيک (هڏن ميخُ جي) | |
| مُهرو | صيهر | | |
| ڪلياڻ (حُقو) | غليان | خُفتو | خفتہ |
| مُقام | مقام | صابُڻ | صابُون |
| (واڻيو) و ڪال | بقال | ماسيرو | مُعاملو |
| بَدَڪ | بطخَ | دُڪاٽي | دُڪاني |
| ڪارَب | قالب | ڦَراسي | ڦَراشي |
| قُلف، ڪُرف | قُفل | آستو | آستاد |
| مشڪري | مسخري | رِڪيب | رِڪاب |
| سنٿَ | سنّتَ | شال | شاءالله |
| مسالا | مُصالح | ڪَرو (ڏڪر خُمره جو لوٽو) | |
| صابِ | صواب | | |

# فارسيءَ جا ڪي مسند لفظ

| مُتسنّد لفظ | اصل فارسي لفظ | مُسنّد لفظ | اصل فارسي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪيس (هنجو) | خيش | بر و بر | برابر |
| سنب | سُمبه | ڪجائو | ڪجاوه |
| آمستر (ڪپڙيجو) | آستر | گونچُ | غنچه |
| | | ملَمُ | مرهم |
| سُوف | سيب | نارو- | نيسار و ناره |
| خونچو | خوانچه | ڪاڻِ | ڪانِ |
| جليبي | زلابي | دائي | دايه |
| پهراڻ | پيرهن | چِٽُ | چترُ |
| لٽو | لته | دِيناداستي | ديده دانسته |
| ڊاک | تاک | تارو | سِتاره |
| واڙو | بارَه | پُڙُ | پره |
| سِرُ (متو) | سرُ | ڪُنگو يا گونگو | ڪنگ |
| پُلاڻ (آڪ جو) | پالان | چنبو | پنجه |
| خاشڪيلي | خاصخيلي | ڳورپٽ | گورڪن |
| سُگڻ | شِگون | چٽِي | چترِي |
| ڪچڪول | ڪشڪول | تاوڻ | تاوان |
| پرِين | پرِي | چماٽ | چپات |
| ڪُنڊ | ڪُنج | ڪُڙتو | ڪُرته |
| بيگر | بيگار | تارازي | ترازُو |
| ويچارو | بيچاره | آڳر | آخگر |

| مُسنّد لفظ | اصل فارسي لفظ | مُسنّد لفظ | اصل فارسي لفظ |
|---|---|---|---|
| سِيانٺ | نَيام | لَغام | لَگام |
| شِنگ | شَنگ | سَزُور | سَزْدُور |
| نَڙ | نئي | چنڊال | چنڊال |

## انگريزيءَ جا ڪي مسند لفظ

| مُسنّد لفظ | اصل انگريزي لفظ | مُسنّد افظ | اصل انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|
| اِسپتالَ | هاسپيٽل | رونَ (ڦيري | راؤنڊ |
| ٽُوال | ٽاوِل | لاءِ چڪر) | |
| سپريڊنٽ | سپرينٽينڊنٽ | آفيس | آفس |
| پستول | پِسٽْلَ | هيڊ ڪوارٽر | هيڊڪوارٽر |
| اِسٽام | اِسٽامپ | پتلون | پٽلون |
| واسڪوٽ | ويسٽ ڪوٽ | هوٽل | هوٽيل |
| ڪرنٽين | ڪوير ينٽين | رَبَڙُ | رَبَرُ |
| باٽلي-بوتل | باٽل | ڪٻاٽ | ڪپبورڊ |
| فلالين | فَلينَل | اليڪٽري | اليڪٽرڪ |
| بسڪوٽ | بسڪيٽ | ٽِفِن باڪس | ٽفن باسڪيٽ |
| لَمْليٽ | ليمونيڊ | بَمُ | بامب |
| ماچيس | مَئچْسِز | ٽيشن | اسٽيشن |
| آلْمارِي | ايلمره | باڪَسُ | باڪس |

| مُستند لفظ | اصل انگريزي لفظ | مُستند لفظ | اصل انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|
| ٽيم | ٽائيم | ڪواٽر | ڪوارٽر |
| گدام | گوڊائون | مارڪو (نشان) | مارڪ |
| گاسليٽ | گيسلٽ | ماستر | ماسٽر |
| رپوٽ | رپورٽ | ڇاپُ | شاپ |

## نہ فقط لفظ سنڌيءَ ۾، بلڪ برج ڀاشا ۽ هنديءَ ۾ به انيڪ عربي ۽ فارسي لفظ صدين کان آيل آهن.

سنڌي تہ عراق، عرب ۽ ايران جي پاڙيسرڻ آهي ۽ سنڌ جا هندو واپاري هزارن سالن کان واپار سانگي انهن ملڪن ۾ ويندا هئا ۽ اتاهون جا عرب ۽ ايراني سنڌ ۾ ايندا هئا، پر وچ هندستان جو انهن ملڪن سان گهٽو ايرپير هوئي ڪونہ، تہ بہ سن ١١٩٢ع جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن "شهاب‌الدين غوري"، "راءِ پٿورا" تي فتح حاصل ڪئي، تڏهن "چند ڪوي" هنديءَ جي مشهور شاعر هڪڙو ڪتاب نالي "پرٿي راج راسا" لکيو، جنهن کي جن پڙهيو آهي، تن جي راءِ آهي تہ منجهس عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ پريا پيا آهن؛ هر هڪ صفحي ۾ ڪيترائي عربي ۽ فارسي لفظ آهن. انهيءَ ڪتاب ۾ ڪي جنسي ڪم آيل

عربي ۽ فارسي لفظ پيش ڪجن ٿا: "محل" (عربي)، "پروردگار" (فارسي)، "پيگام" (پيغام - فارسي)، "ڪريم" (عربي)، "سُرطان" (سُلطان - عربي)، "پاتيشاه" (بادشاه - فارسي)، "ديوان" (عربي)، "خَلڪ" (خلق - عربي)، "عالَم" (عربي)، "حجرت" (حضرت - عربي)، "مُلڪ" (عربي)، "ڦرمان" (فرمان - فارسي)، "سلام" (عربي).

تنهن کان سواءِ، هندو شاعرن جا ڏوهيڙا بيرج ڀاشا ۾ اچا تائين به مشهور آهن، جن ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ پريا پيا آهن.

سڪندر لوڌيءَ جي زماني ۾، ڪبير ڀڳت بنارس جو باشندو مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. هو اڻ پڙهيل هو. ڀڳت صاحب، گرو راماننند جو چيلو هو، پوءِ پاڻ ايڏي وڏي درجي کي وڃي پهتو، جو پنهنجو هڪڙو خلاصو پنٿ برپا ڪيائين، جنهن کي "ڪبير پنٿ" چيو وڃي ٿو. هن وڏا وڏا ڪتاب ٺاهيا. اهڙي بزرگ جي ڏوهيڙن ۾ به بيشمار فارسي ۽ عربي لغظ موجود آهن. هن جو هڪڙو ڏوهيڙو مثال طور هتي لکان ٿو:

دِين گوايو دُني سي، دُني نہ آئيو هاٿ،
پيڙ ڪلهاڙي ماريو گـا، ڦل نہ اپني ساٿ،
ڪبير سرير سراءِ هي، ڪيون سوئي سک چين،
ڪوچ نگارا سانس ڪا، باجت هي دِين رين.

هن ڏوهيڙي ۾ هيٺيان فارسي ۽ عربي لفظ آهن:

دِرين (عربي)، دُني (دنيا - عربي)، سراءِ (مسافرخانو - فارسي)، ڪوچ (فارسي) نگارا (نقاره - عربي).

گرونانڪ صاحب جن پنجاب ۾ هڪڙي خاص قسم جي ”پنجابي هندي“ ڳالهائيندا هئا ۽ سندن گرنٿ صاحب به انهيءَ ئي ٻولي ۾ رچيل آهي، پر سندن گرنٿ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ ايتريقدر ته گهڻا رل مل ٿيل آهن، جو ڪنهن به هندي ڪتاب ۾ نه ڏسبا.

گرونانڪ صاحب جن سن ٩٠٠ هجري، مطابق ١٥٥٠ عيسويءَ ۾ هن سنسار مان چالاڻو فرمائي، هن زندگيءَ جو چولو مٽايو. انهيءَ کي ساڍا چار سؤ کن سال گذريا آهن. انهيءَ وقت به ”هندي پنجابي“ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو داخلو، سو به گرونانڪ صاحب جن جهڙي بزرگ جي ”گُربانيءَ“ ۾ ڏيکاري ٿو ته اهو ڪو زور زبردستي سان ٿيل ڪونه هو، بلڪ هندو مسلم ملاپ سبب ئي ٻنهي ٻولين جو ميلاپ ٿيل هو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته ٻولين جو ميلاپ دلين جي ميلاپ جي نشاني آهي. گرونانڪ صاحب جي ته مشن ئي هئي ”هندو مسلم ايڪتا“: انهيءَ ڪري جيڪي به هندو مسلم ايڪتا جا ڪوڏيا هوندا آهن، سي اڪرن ۾ ڪيي اڙبا آهن. هنن کي يڪ وجودي ۽ انسانيت جو ئي عشق هوندو آهي. هو انهيءَ عشق جي چاڙهيءَ تي ئي چڙهڻ جي

ڪوشش ۾ هوندا آهن. هو ٻولين کي پاڪ ڪرين ملائي، ڌرين جي ٻولين کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن. آءٌ هتي گرو صاحب جن جي گرنٿ مان ٻه-ٽي پيارا شلوڪ نموني طور لکان ٿو، جي دل کي ڏاڍا پيارا لڳن ٿا. گرو نانڪ صاحب جن سنسار جي سرجن هار سائينءَ جي دربار ۾ هٿ جوڙي، آراڌنا ڪن ٿا ۽ فرمائين ٿا:

ساس ساس سڀ جيو تمهارا، تو هي ڪرا پيارا،
نانڪ شاعر ايو ڪهت هي، سچي پروردگارا.
واري جاؤن آن اِڪ بار- تو سدا سلامت، جتي نرنڪار.

رکيو هنن ٻن شلوڪن ۾ ٻه، "شاعر" (عربي). "پروردگار" (فارسي)، "بار" (فارسي)، "سلامت" (عربي) لفظ موجود آهن.

"بابا تلسيداس" ٢٧ صدي عيسوي ۾ ٿي گذريو آهي. هو ضلعي "باندا" (يو-پي) جو مشهور برهمن بزرگ هو. هو شاعر به لاثاني هو ۽ فقير به بي نظير. بابا تلسيداس، رامائن جو ترجمو ڀاشا ۾ ڪيو آهي، جو سڄي هندستان ۾ مشهور آهي، تنهن کان سواءِ بابا صاحب ڏوهيڙا به گهڻا چيا آهن. ڏوهيڙن ۾ به ڏسبو ته عربي ۽ فارسي لفظ پريا پيا آهن، پر رامائڻ جي ترجمي ۾ به عربي ۽ فارسي لفظ گهڻائي ليئن ٿا.

بابا تلسيداس رامائڻ جي ترجمي ۾ فرمائي ٿو:

سنڪاري سيوڪ سڪل چلي، سوامي رک ڀائي،
گهر ترو تر، بن باگ، بر ڊير ديوا لڳائي.

---

گهر بسواس بچن هٺ بولي- ڪتني ٻڌنگ ڪلہ ٻي کولي

---

رام انيڪ گريب نواجي- لوڪ بيد برير ڏراجي

---

مايا ڪو مايا ملي، ڪر ڪر لمبي هاٿ،
تلسيداس گريب ڪي ڪوئي نہ پوڇي بات.

هنن شعرن ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جا اچار جيتوڻيڪ ڀاشا زبان، ۽ انهيءَ طرف جي رهندڙ جي زباني، مجبوريءَ سبب، ڦريل آهن، تہ بہ اهي لفظ صاف صاف عربي ۽ فارسيءَ جا آهن- جهڙيءَ طرح مٿين شعرن ۾ هي لفظ عربي ۽ فارسي آهن؛ ”تر“ (فارسي)، ”باگ“ (باغ- فارسي)، ”بر“ (عربي)، ”ڪلہ“ (ڪلاه- فارسي)، ”گريب نواج“ (غريب نواز- عربي ۽ فارسي)، ”گني“ (غني- عربي)، ”گريب“ (غريب- عربي).

ساڳيءَ طرح سورداس جي هنديءَ جي مشهور ڪوِي (شاعر) سري ڪرشن جي مهراج جي واڪاڻ ۾ گهڻو ڪلام چيو آهي. سندس شعر عام و خاص وٽ ڏاڍو مقبول آهي. سندس شعر پڙهبو ۽ ڏسبو، تہ ڪوبہ عربي ۽ فارسي لفظن کان خالي نہ لڀندو. سورداس جي هڪڙي هنڌ فرمايو آهي:

مايا ڏام ڏن ڏنتا، ٻانڌيون هون اس ساج،
(ساز- فارسي)
سنت سپئي جانت هون، تو نہ آئيو باج،
(باز- فارسي)
کيت بهت ڪاهي تم تاني، سين سني آواج،
(آواز- فارسي)
ديو نہ جات پار اتر آئي، چاهت چڙهين جهَاج،
(جهاز- فارسي)
ليجي پار اتار سون ڪون، مهراج ٻرج راج،
نهين ڪرت ڪهت پر ڀو تم سون، سدا گريب نواج.
(غريب نواز- عربي- فارسي)

مٿين بزرگن ۽ سنتن جي ڪلام مان ثابت ٿئي ٿو تہ هنن هندي ٻاشا جي مٿو مال هوندي بہ عربي ۽ فارسيءَ کان ڪن چيدن لفظن وٺڻ ۾ ڪو عار ڪونہ ڪيو آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ميلاوت کان بچان نہ ڏيکارجي، پنهنجي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو دائرو تنگ نہ ڪجي. اها تنگ خيالي ۽ تنگدلي چئبي. ٻولين جي واڌاري جي نڪا آهي حد، نڪو حساب. جيئن جيئن زمانو وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن ٻوليون بہ وڌنديون رهن ٿيون. ڏسو تہ مٿين هندو بزرگن جون دليون ڪهڙيون نہ بزرگ هيون ۽ هنن جو دماغ ڪهڙو نہ اعليٰ هو! هنن پنهنجن خاص ڌرمي ڪَوِتائن (شعرن) ۾ بہ ٻين ٻولين جي ملاوت ڪيرﮢ ڪنڌ جي برابر سمجهي. هنن عربي ۽ فارسي لفظن کي

پنهنجن ڏرمي ڪوتائن ۾ آئي، وڏي عزت ۽ آدرڀاءُ ڏنو. ڇا جيڪي عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ انهن سنتن پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن، انهن جهڙا لفظ هندي يا ڀاشا ۾ نٿي ملي سگهيا؟ ڇو نٿي ملي سگهيا، برابر ملي سگهيا ٿي، پر هنن تنگدلي نہ ڏيکاري. هنن ٻوليءَ ۾ ڇوت ڇات جو مرض نہ آندو. هنن جي وقتَ ۾، عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ اچا گهڻا آيل ڪين هئا، تہ بہ هنن مالَ ۽ حالَ آهر انهن ٻولين جا لفظ خوشيءَ سان قبوليا ۽ پنهنجي ڪلام ۾ آندا.

جيئن جيئن دنيا ترقي ڪئي، تيئن تيئن ٻولين جي آمدَ ۾ بہ ترقي ٿي، ۽ ترقي يافتا لفظ اچڻ لڳا، جن جي اچڻ سان سڀني ٻوليءَ جي ساهت ۾ سونهن ۽ سينگار وڌڻ لڳو.

## شاهہ، سچل، سامي ۽ ٻين صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جا انبار.

سنڌ ۾ بہ جن جن بزرگن ۽ درويشن لوڪ پسند سنڌي لٽريچر جو بنياد وڌو ۽ سنڌي نظم ۽ نثر جي شروعات ڪئي، تن بہ اهو خيال اصل ڪونہ ڪيو تہ پنهنجي نظم يا نثر ۾ سنڌي ٻولي هندڪي يا مسلمانڪي ويچار سان لکجي. درويشن ۽ صوفين جو ڪلام مسلمانن، توڙي هندن لاءِ هڪجهڙو

هادِي هو. هُن پنهنجي نيڪ نيتيءَ سان جيڪي لکيو، تنهن سڀني جي سيني ۾ گهر ڪيو، ۽ سڀني سندن ڪلام ۽ ڪمال جا قائل ۽ مائل ٿيا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل صوفيءَ جي ڪلام سان جيتريقدر هندو ڀائرن عزت ۽ محبت ڏيکاري آهي، سا سڀڪنهن کي معلوم آهي. انهن ٻنهي بزرگن جي ڪلام ۾ تَصَوُّف ۽ فقيري نڪتن جي ئي اهڃار آهي. انهن جو ڪلام ڪو مذهبي ڪلام ڪينهي، تنهن هوندي به شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي مذهبي ڳالهيون به ڀريون پيون آهن، اسلامي عقيدا به لکيل آهن، اسلامي فلسفو به بيان ڪيل آهي، اسلامي لفظ به عام جام ڪم آندل آهن ۽ عربي فارسي لفظ ته اڻ ڳڻيا آهن. ايترين خاص ڳالهين هوندي به اڄ ڏينهن تائين شاهه جي ڪلام جي عزت ۽ حُبُ جيڪا هندو ڀائرن ڪئي آهي، سا جڳ پڌري ۽ الم نشرح آهي. ڪڏهن به ڪنهن هندو علم دوست انهيءَ ڪري ته شاهه جي رسالي ۾ اسلامي عقيدا ۽ اسلامي اصطلاح، عربيءَ جا جملا ۽ فارسيءَ جا لفظ ڪم آندل آهن، ڪيس ڀڃان جوڳو نه سمجهيو. انهيءَ سان ثابت آهي ته ٻولين جي ڀيائي، دلين جي دوئي نه آهي. شاهه جي رسالي ۾ جيڪڏهن پنهنجي وقت جي عام ۽ نج ٻولي لکيل آهي ته منجهس خاص ٻولي به ججهي آندل آهي، جهڙو جهڙو بيان تهڙي تهڙي ٻولي شاهه ڪم آندي آهي.

هي ۽ قبول ڪرڻو پوندو ته جيتوڻيڪ شاهه مٺي ۽ مزيدار لذيذ ۽ هردلعزيز ٻولي ڪم آندي آهي ۽ منجهس عربيءَ جا اوکا ۽ اوچا لفظ ٻه ڪم آندا آهن، ته به هوءَ اسان جي موجوده علمي ۽ ادبي ٻوليءَ جهڙي نه آهي- سبب ته شاهه ڪي نڪو منطق لکئو هو، نڪا سائنس جي تعليم ڏيئي هئي، نڪي ٻولين جي ريسرچ ( Researeh ) يا کوجنا ڪرڻي هئي ۽ نڪي عربي ۽ فارسي وغيره ٻولين جا صحيح اشتقاق لکيا هئا: انهيءَ ڪري، هن وقت جي ادبي ٻولي، قدرتي طرح، اڳئين زماني جي ادبي ٻوليءَ کان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ نرالي آهي. آءٌ شاهه، سچل، سامي، بيدل ۽ ٻين سنڌي بزرگن جي ڪلام مان عربي ۽ فارسيءَ جي ملاوت جا ڪي ٿورا نمونا پيش ڪريان ٿو.

## شاهه جي رسالي مان ڪن ٿورن خالص عربي لفظن جي فهرست

عليم، عالم، اعلى، قادر، قائم، واحد، وحده، رازق، ربّ، رحيم، حمد، ڪريم، خاص، مولا، حامي، هادي، صحابي، لاشريڪ، تسبيح، نفس، جام، جنت، الاالله، حقيقت، طريقت، معرفت، ايمان، قلب، قلوب، لسان، فائق، فرمان، وحدت، ڪثرت، جلّ جلاله، جمال، ڪمال، سلطان، خلق، اجل، قصر، مشاهدو، نظارو، عظيم، سعادت، عبادت،

عينُ، انواع، ماموري، معذوري، لاهوتي، ڪيف، خمار، ساقي، طيّر، طيُّوْر، ڪبرياهَ، لاڪوفي، خفي، جلي، فرقان، اسم اعظم، دَور، مُطالع، عزازيل، سبيل، سابق، عِرفان، نحو، صرف، جمع، کراماً ڪاتبين، ڪنزُ، قُدُوري، ڪافيه، نفسي نفسي، صراحي، رعد، فيل، خليل، في الله، صُبُّوْح، مجازي، جريد، عَبَثُ.

## شاهه جي رسالي مان ڪن ٿورڙن فارسي لفظن جي فهرست

شاهه جي رسالي ۾ فارسي لفظ بلڪل ٿورا آهن. سڄو رسالو عربي لفظن مان ڀريل آهي، انهيءَ ڪري آءٌ ڪي ٿورا فارسي لفظ شاهه جي رسالي مان هتي لکان ٿو.

خوب، رهنما، رباب، ڪباب، هر زمان، آزار، روبرو، ناوڪ، رنجوري، دوست، روز، جوش، بوءِ، خوشبوءِ، تنّور، پوشيدو، سردار، ماهه، مادر، مست، سينو، بازي، بازنده، ڪلاه، پيالو، خنجر، نيڪ، پرزا پرزا، زيان، تير، ڪمان، چاڪ، ناز، نُماء، رنگ، غم گداز (غمگسار)، ابر، هرجاءِ، ارزان، بدي، سبزا، باغ، بهار، ساز، سلحدار، فرزند، خاتون، لرزيا، تشنگي، عذرخواهي، تنها.

هنن فارسي لفظن ۾ به ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جي عام ماڻهو نه ڳالهائيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن.

مثلاً رهنما، هرزمان، ناوَڪ، رنجوري، بازنده، غمگذار، اپر، تشنگي، تنها وغيره وغيره.

## سچل جي ڪلام مان ڪي عربي لفظ

ضلالت، محڪوم، تقليد، تجريد، تفريد، مُشرڪ، فارغ، مُدعا، عقبيٰ، قلزم، رحل، مُخنث، خزينه، الفقر فخري، الفقر لايحتاج، القدر، خيانت، لحم، دم (رَتُ)، الاشياء، عينها، اخفانا، عَبيدي، صُمٌ، بُڪمٌ، ڪشف، قبور، تمڪين، تلقين، نَفسَڪ، صريح، تلافي، فروعي، طاعت، طباخي، معدومي، رقص، زهد، نفلاتي، رجماتي، غماز، نَخوَت، سيف، زقوم، ميثاقي، درڪ، مرغول، قالو.

## ساميءَ جي ڪلام مان ڪي خاص عربي ۽ فارسي لفظ

ساميءَ جا سلوڪ جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي سنسڪرتي سنڌيءَ ۾ آهن جا سنڌي، نه عام ڳالهائي وڃي ٿي ۽ نه خاص، بلڪ هڪڙي قسم جي اهڙي ٻولي آهي، جهڙي ڪو مسلمان عالم گهڻي ڪان گهڻي عربي ملائي لکي- تنهن هوندي به منجهس بيشمار خاص عربي ۽ فارسي لفظ موجود آهن. آءٌ تمام مختصر طرح اهڙا لفظ لکان ٿو.

عربي لفظ- ثابوتي، علاج، فارق، ڪُلّي، خاص، قلوب، عضوو، غار، قدرت، مُرشيد، صلاح، ڪامل،

معمور، تحقيق، حبيب، صولت، مذكور، عمل، محڪم، مشغول، حرام، طلب، عيد، رَعيت، صبوري، خالق، مالڪ، غيب، قهار، عدل، تڪيو، ثالث، خالص، والث (وارث).

فارسي لفظ ـ شناخت، جفا، خفا، خودي، خواري، خام، خواب، گمان، گناهه، سخن، برحال، بيشمار وغيره.

ساميءَ جا سلوڪ درسي طرح هندن ۽ مسلمانن کي ورهين کان وٺي پڙهايا وڃن ٿا، مگر ڪڏهن به ڪنهن اعتراض ڪونه ورتو ته ”هيءَ سنسڪرت مان ٺمٺار ٿيل ٻولي، جا عام فهم به نه آهي ۽ ڪن خاص ڄاڻن جي ڄاڻ جهڙي آهي، سا زبردستيءَ سان ڇو ٿي مڙهي وڃي؟“ جيڪي اهڙي ٻولي نٿا ڄاڻن، تن جي اها فراخدلي ڇٽبي، جو اهڙي اوکيءَ ۽ انوکيءَ ٻوليءَ جو ڪتاب پڙهڻ قبوليائون. هيءَ هڪ وڏيڪ مثال آهي هن حقيقت جو، ته ٻوليءَ ۾ دلين جي دوئي آهي ئي ڪانه.

## بيدل جي ڪلام مان
## خاص عربي ۽ فارسي لفظ

بيدل فقير جو ڪلام ته شاهه جي ڪلام کان به وڌيڪ خاص ۽ اعليٰ عربي لفظن سان ڀريو پيو آهي. آءٌ ٿورڙا مثال پيش ڪريان ٿو.

عربي لفظ ـ خاص‌الخاص، جَلوا، ذاتي، حواس، اَيْنَمَا تُوَلُّوا، ثَمّ وَجْهُ اللّٰهِ، فِي اَنْفُسِڪُمْ، سنبل،

شهودي، آنْحدُ (آلا َحدُ)، صِفاتي، زلف، اِثباتي، رمزين، غمزين، وحدت، ڪثرت، نوع بنوع، لاريب، لاخلافي، تلويح، توضيح، تلافي، تنقيح، فيالاصل، اختلافي، مُناظره، طوافي، بشرحافي، تقوئي، ساجد، قُم بِاذ نبي.

فارسي لفظ - رمزشناس، مئي، نگار، گلبدن، سرو، سمن، سوسن، لالہ، نرگس، منصبدار، رخ گلفام، خزان، بَردا، سرخيل، ارمغان، نِهاني، گريز، هَم.

بيدل جي ڪلام ۾ عربي لفظن کان فارسي لفظ گهٽ آهن. بيدل جي ڪلام ۾ اهڙا لفظ نج سنڌيءَ جا ۽ عام فهم ڪين چئبا. جيتوڻيڪ فقيرصاحب اهو ڪلام عام هندو مسلمانن لاءِ چيو هو. جو اڄ تائين هندو مسلمان ڳائيندا رهن ٿا.

## رشي ڏيارام گدومل جي ڪتاب مان خاص الخاص عربي لفظ

رِشي ڏيارام گدومل، جو سنڌ جو مشهور مٺيو ۽ چمڪندڙ هيرو ٿي گذريو آهي، تنهن هڪ ڪتاب نالي "چابُڪ (مَنَ لاءِ)، ۽ رهاڻ" لکيو آهي، جنهن جي ٻولي عام ۽ خاص سنڌيءَ کان بلڪل نرالي ۽ سنسڪرتي سنڌي آهي. باوجود انهيءَ جي ٻه متئين صاحب پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙا ته اوچا

آوچا عربي لفظ وڏا آهن، جي خاص الخاص ڇئي سگهجن ٿا. آءٌ مثال طور بلڪل ڪي ٿورا لفظ انهيءَ ڪتاب جي ڀاڱي ۲، ڇاپي ۱۹۲۱ع مان ڪڍي پيش ڪريان ٿو، جن جي ڏسڻ سان سيڪو سمجهي سگهي ٿو ته اڳين نيڪ انسانن ٻوليءَ بابت ڪهڙي نه فراخدلي ڏيکاري آهي.

جبر، قَدُر، مُسببُ الاَسْباب، مُنقطع، طمُي، تَبديل، تَدريج، وُجُد، سُبحانُ، مڪاشفات، مُطلق، مُعزم، عيّار، طارم، طائر، قُدُسُ، ناطق، رُوح الاَمين، الحَمْد، محدود، عين، عيان، عين اليقين، عين الحيات، نقيض، نغمات، مُخاطبو وغيره.

رشي ڏيارام جي سڄي ڪتاب ۾ بيشمار عربي لفظن مان ڪُڏ، بي‌انداز فارسي لفظ پڻ موجود آهن.

## ٻِ ڀائُن جي عام ٻولي ڪهڙي (هئڻ) گهرجي؟ اخباري ۽ ڪتابي ٻولي ڪهڙي؟

مٿي جيڪي لکي آيو آهيان، تنهن مان سيڪو سمجهُو ماڻهو سمجهي سگهندو ته عام ٻولي، جنهن کي ”نج“ ٻولي چئجي، سا ٻي آهي ۽ ڪتابي (ادبي) ٻولي ٻي. ڪتابي يعني ادبي ٻوليءَ جو درجو، درجي بدرجي ”عام“ ٻوليءَ کان مٿيئي اوچو ۽ اعليٰ آهي. اخباري ٻولي ٻنهي جي وچ ۾ ڦرندڙ آهي. اخباري ٻولي ڪڏهن عام ٻوليءَ جي روپ ۾ لکجي ٿي ۽ لکڻ گهرجي ۽

ڪڏهن ادبي رنگ ۾. جنهن مضمون جو لاڳاپو عام لوڪن سان هوندو، آهو مضمون عام ٻوليءَ ۾ ئي لکڻ گهرجي ۽ لکٽو پوندو، ۽ جنهن مضمون جو تعلق ۽ واسطو خاص علمي ۽ ادبي ماڻهن سان هوندو، آهو علمي ۽ ادبي زبان ۾ ئي ادا ڪبو. جيڪي علمي ۽ ادبي مخزن آهن. تن ۾ ته ضرور ادبي ٻولي ئي لکٽي پوندي ۽ ادبي محاورا، ادبي اصطلاح ۽ ادبي الفاظ ئي ڪم ايندا.

ڪتابن ۾ به ڪتابن جي حالت ۽ حيثيت موجب ئي عبارت لکبي. جيڪڏهن ڪتابن جو مضمون عام لوڪن، هارين ۽ نارين، مزورن ۽ آڻپڙهيلن سان واسطو رکندڙ هوندو، ته اهو مضمون اهڙيءَ طرح ٻولي ۾ ئي لکٽو پوندو، جا عام فهم ۽ آسان هجي. هارين، نارين، مزورن، ۽ اڻپڙهيان ۾ هندو، مسلمان ۽ عام ڳوٺاٺا اچي وڃن ٿا. جيڪڏهن اهڙن مضمونن ۾ ادبي الفاظ ۽ علمي اصطلاح، اوکا اکر ۽ اوچا شبد ڪم آڻبا يا اهڙا عربي لفظ لکبا جي هندو ته هندو، مورڳو اڻپڙهيل مسلمان به نه سمجهن، ساڳي طرح جيڪڏهن سنسڪرت ۽ هنديءَ جا اهڙا شبد شامل ڪبا، جي مسلمان ته مسلمان، پر ڳوٺاٺا ۽ اڻپڙهيل هندو به نه سمجهن ته اهڙي ٻولي اڻ سمجهندڙ ٻڌندڙن لاءِ انساني ٻولي نه چئبي، بلڪ جنن ۽ ڀوتن جي ٻولي پئي ڀانئبي.

هتي هڪڙو نقل ياد آيو اٿم، جو پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ لکان ٿو: هڪڙي عربيءَ جي عالم ڪا زراعتي زمين ورتي، اها زمين آباد ڪرايئين. جڏهن پوک ۾ لاپارو پيو ۽ فصل پار ۾ وڃي گڏ ٿيو تڏهن هڪ دفعي اهو بزرگ سڌ سماءُ وٺڻ ويو. ڏٺائين ته هارين پار کي اجا لوڙهو ڪونه ڏنو هو ۽ فقط ڍنگهر گڏ ڪري رکيا هئائون، انهيءَ ڪري ڍيل ٿيڻ جو امڪان هو. بزرگ جڏهن ڏٺو ته پار اجا بنا لوڙهي هئي آهي، تڏهن پري بيٺل هاريءَ کي هڪل ڪري، فرمائڻ لڳو ”او ميان مُزارع! تو اجا خرمن جي خاربندي ڪانه ڪئي آهي؟“ هاريءَ ويچاري نه ”مُزارع“ جي معنيٰ سمجهي ۽ نه ”خرمن“ ۽ ”خاربنديءَ“ جو مطلب!

هاري حيران ٿي پڇڻ لڳو ته ”قبلا! الاجي ڇا ٿا فرمايو؟“ بزرگ تيئن طيش ۽ غصي ۾ اچي پنهنجو سٺيون ڪلام بلاغت نظام دُهرائڻ لڳو. آخر جڏهن هاريءَ ڪجهه نه سمجهيو، تڏهن بزرگ ڪاوڙ ۾ پرجي فرمائڻ لڳو ته ”لاَحَوْلَ وَلاَ قُوة“، جاهلن ۽ مجهولن سان اچي دامن وابسته ٿيو آهي!“ غريب هاري وات ڦاڙي حيران رهجي ويو. هن ويچاري جو ڪهڙو قصور؟ هو ڇا سمجهي ته ”مزارع“ ڪهڙي جانور جو نالو آهي؟ ”خرمن“ ڪهڙي بلا آهي؟ ۽ ”خاربندي“ ڪهڙو جيت؟ بزرگ خاربنديءَ جي پچر ڦٽي ڪندو، خارون کائيندو روانو ٿي ويو.

جيڪڏهن بزرگ پنهنجي انهيءَ جيئاتي ڪلام جي بجاءِ رکو هيئن چوي ها ته "او ميان هاري! تو اڄا ٻار کي لوڙهو چونه ڏنو آهي؟" ته نه هاري ويچارو حيران ٿئي ها ۽ نه بزرگ ايترو پريشان.

تعليمي ۽ اسڪولي ڪتابن جي ٻوليءَ جو درجو، ضرور درجي بدرجي مٿاهون ٿي ٿيندو ويندو. پهريائين شاگردن کي عام فهم ۽ ٻارن جي سمجهه آهر، پوءِ ٿورو وڌيڪ، تنهن کان پوءِ اڃا به وڌيڪ، آخر ادبي ۽ علمي درجي واري ٻولي سيکارڻي آهي، تا ته هو هر نموني جي ٻوليءَ کان واقف ٿين، وڏي هوندي، ضرورت موافق عام ٻولي ۽ خاص ٻولي ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهن.

## سنڌي زبان هيئر ڪشادي زبان آهي ۽ هن ۾ ڪشادگي ڪيئن آئي؟

ڏسجي ۽ جاچجي ٿو ته اڄڪلهه سنڌي زبان چڱي خاصي ڪشادي زبان آهي. هوءَ هرڪنهن علم جي ترجمي لاءِ تيار آهي. هن ۾ علمي، فلسفي، منطقي، حڪمتي، ڪيميائي ۽ سائنسي اصطلاح موجود ٿي سگهن ٿا، مگر اها خوبي هن ۾ ڪيئن آئي؟ صاف ظاهر آهي ته عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين جي ٿي ميلاوت سان آئي. سنڌي زبان جيڪا صورت سنسڪرت مان ورتيهه سا فقط عام ٻولي ۽ معمولي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ هئي، مگر علمي ۽ فلسفي، حڪمتي ۽ منطقي

مايو ناقص رهندو، هو اڻپڙهيلن جهڙا "پڙهيل" ٿي پوندا.

اسان ڪي چالو تعليم تي وڏو اعتراض اهو ٿي آهي ته ڪاليجن ۽ يونيورسٽين سميت سائنس وغيره جي اهڙي اعليٰ تعليم ٿي ڏني نٿي وڃي، جنهن سان اسان جا تعليم يافتا ڪنهن خاص ڳالهه جا موجد ٿي سگهن. عام راءِ اها آهي ته پنهنجي مادري زبان ۾ هرڪنهن علم ۽ سائنس جي اعليٰ ۽ ڪارائتي تعليم ڏجي، تا ته پڙهندڙ جڏهن پڙهي واندا ٿين، تڏهن هنن جي دماغ ۾ ايجاد جي طاقت پيدا ٿئي ۽ هو پنهنجي انهيءَ طاقت سان ڪي اهڙا هنر ايجاد ڪن، جي ملڪ ۽ خلق لاءِ ڪارائتا ٿين، جيئن ولائت ۾ تعليم يافتا وقت بوقت قسمين قسمين ايجادون ڪري، دنيا کي حيرت ۾ وجهندا رهن ٿا. مثال طور انجنيري علم کڻي وٺو! ڇا انجنيري علم جي سکيا "نج" سنڌي ءَ ۾ ڏئي ۽ وٺي سگهبي؟ ڇا انجنيري علم جا اصطلاح بازاري ٻوليءَ مان ملي سگهندا؟ ضرور اهڙا اصطلاح يا ته انگريزيءَ مان آڻبا، يا ته ايشيا جي ڪنهن اهڙيءَ زنده زبان مان وٺبا، جنهن کان وقت بوقت اسان جي سنڌي زبان ڪشاديءَ دل سان مدد پئي ورتي آهي. پوءِ ڪيئن چئبو ته "نج" سنڌي زبان ٿي تعليم لاءِ ڪمائتي ٿي سگهي ٿي؟

البت عام لوڪن کي مختصر ۽ عام تعليم لاءِ اعليٰ ادبي ٻوليءَ جي ضرورت ڪانهي، پر سچي ايندڙ

نسل کي هرويرو اعليٰ علمي ترقيءَ کان روڪي معمولي پڙهيل بڻائڻو ته ڪينهي؟ جن سائنسي علمن جي ضرورت دنيا ۾ آهي، سي به ته ڪن نه ڪن کي ضرور پڙهائڻا آهن؟ اهي سائنسي علم به ته عام لوڪن لاءِ دنيا ۾ مفيد ۽ ضروري آهن! ڇا ڊاڪٽرن ۽ انجنيرن، تندرستيءَ جي اصولن جي ماهرن ۽ ٻين اهڙن هنرن جي ڄاڻن جي ضرورت عام ماڻهن کي نه آهي؟

سنڌي زبان تڏهن ئي علمي ۽ ادبي زبان ٿي سگهي آهي، جڏهن ٻين زنده زبانن کان مدد وٺڻ ۾ عار نه ڪيو اٿس، ۽ تڏهن ئي ترقي ڪري سگهي ٿي، جڏهن زنده زبانن کان مدد وٺڻ ۾ عار نه ڪندي.

## هندو ودوانن ۽ مسلمان عالمن، سنڌي خواندن ۽ انگريزيدانن جي سنڌي ٻوليءَ جا نمونا

هيءَ به صاف چوڻ جهڙي ڳالهه آهي ته اهڙي ادبي زبان، جا پاڻ ڇپجي ۽ پاڻ سمجهجي، يا مشڪل سان ڪي خاص‌الخاص ماڻهو سمجهن، سا نڪي ادبي زبان ڇئبي ۽ نڪي اهڙيءَ زبان کي آدَبِستان ۾ ڪا جاءِ آهي. عربي ۽ فارسيءَ جي غير مشهور لفظن سان پري ڳالهائبي، ته خود مسلمان به ڪين سمجهندا؛ ساڳيءَ طرح سنسڪرت ۽ هنديءَ جي اوکن شبدن

هڪڙي ٻئي هندو عالم، پنهنجي هڪڙي سنڌي ڪتاب ۾، اجهو هن طرح سنڌي ٻوليءَ کي سينگاريو آهي:

سوال- ٻاڦن ورائجي ٿي ته ڇو ٿي وري؟

جواب- انسان جي مغز ۾ هڪ تنتو آهي، جنهن کي "گهان تنتو پرڻيٽا" چئجي ٿو. جڏهن ٻاڦن ورائڻ جو خيال ڪجي ٿو، تڏهن مٿي پنڌاست ڪان وڃي، ڪور پراست تائين زور اچي ٿو. ۽ اهو جڏهن اسڪنڌاست تائين پهچي ٿو، تڏهن ٻاڦن وري ٿي.

سنڌي خواندن جي سنڌي ٻوليءَ جو نمونو لکڻ ضروري نه آهي.* هو ويچارا وچترا پڙهيل آهن، ۽ وچتر وڏي ڪپالهائيندا آهن، مگر اچڪلهه جي انگريزيدان جنٽلمينن جي ٻوليءَ جو نمونو لکڻ بلڪل ضروري آهي، ڇو ته انهن صاحبزادن جي رهت سهت ۽ بولت چالت ئي نئين نرالي آهي. جيئن هنن جي خوراڪ اور ته پوشاڪ به اور، اَنڪ عجيب ته ٻيڻڪ ۽ عجيب، تيئن هنن جي ٻولي به ته ٽولي ٿي؛ انهيءَ ڪري گلزار سخن جي هنن بلبلن جو ترانو ضرور ٻڌڻو ۽ ٻڌائڻو آهي- چمنستان زبان جو هن رنگين گلن جي ادبي بهار ضروري پَسڻي ۽ پسائڻي آهي.

انگريزيدان جنٽلمينن جي سنڌيءَ جو نمونو

انگريزيدان جوان پنهنجي دوست مهربان، همڪلاس ۽ همزبان سان اجهو هن طرح حال ونڊي ۽ احوال اوري ٿو:

آهن. ”زبان“ کي ”جبان“، زور زبردستي کي ”جور جبردستي“ چوندا ٻڌبا. سنڌ ۾ به ڪيترائي ماڻهو آهن، جي ”ز، ض، ظ، ۽ ڙ“ جو اچار ڪڍڻ به صحيح اچاري نه سگهندا. ڪي ته وري اهڙا آهن جي ”ڙ“ بجاءِ ته ”ر“، بـر الٽو ”ر“ جي بدران ”ڙ“ ڪم آڻيندا آهن. اهڙا ماڻهو ”س“ جي جاءِ تي ”ش“، ”ش“ جي ”عوض“ ”س“، ”ز“ جي بدران ”ج“، ”ج“ جي بجاءِ ”ز“، ”گ“ جي بدران ”غ“، ”غ“ جي بجاءِ ”گ“ اچاريندا رهندا آهن. اهڙن ٻيوس ماڻهن جا اچار ٻوليءَ ۾ سَنَدَ ٿي نٿا سگهن. نڪي اهي غلط اچاريل لفظ صحيح سمجهي، ٻوليءَ ۾ انهيءَ طرح ڪم آڻبا. جيڪڏهن ڪي اهڙا غلط اچاريل لفظ پڙهين ۽ اڻپڙهين، هندن ۽ مسلمانن، يعني ملڪ يا پرڳڻي جي سڀني رهاڪن وٽ انهيءَ طرح ڪم ايندا هوندا، ته پوءِ اهي ”غلط العام“ ۾ داخل ٿي سگهن ٿا، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي.

## ٻاتن جي ٻوليءَ جا مثال

آءٌ اوهان کي اهڙن ٻيوس سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ جا مثال ٻڌايان ٿو، جي صحيح لفظن کي بلڪل غلط اچاريندا آهن. مثال لاءِ هي جملو ٻڌو: ”ڪُڙ جي ٻيڙي روهڙيءَ کان رڙهندي وئي“- انهيءَ جملي کي اسان جا اهڙا ٻيوس سنڌي هن طرح اچاريندا:

# لاڙ، سري ۽ وچ سنڌ جي ٻولي

اوهين متي پڙهي آيا آهيو ته سنڌي ٻولي هندن ۽ مسلمانن جي ڇڪتاڻ سبب وچ ۾ کهاڄي ڪينداڙ جي رهي آهي. ٻئي ڌريون هن ڪي پاڻ ڏي ڇڪي رهيون آهن، جنهنڪري ويچاري هڪ حال ۾ نه آهي. هيءَ به اوهين متي معلوم ڪري چڪا آهيو ته عام ۽ نچ ٻولي ٻي آهي ۽ ادبي ٻولي ٻي. اهو ورهاڱو دنيا جي سڀني مڙني ٻولين ۾ ڏسجي ٿو. ته علمي ٻولي "نچ" ۽ "عام" ٿي سگهي ٿي ۽ نه عام ۽ نچ ٻولي "علمي" ٻولي بڻجي سگهي ٿي. علمي ٻولي ضرور علمي اصطلاحن سان ڀريل هوندي، جا عام لوڪ سمجهي ڪين سگهندا، انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي ٻنهي قسمن ڪي پنهنجي پنهنجي حد ۾ ئي رکڻو آهي. تعليم وٺندڙن لاءِ علمي ۽ ادبي ٻولي کان سواءِ ٻيو چارو ۽ چاڙهو ئي ڪونهي. باقي سنڌ جي آتر، ڏکڻ ۽ وچ واريءَ ٻولي تي نظر ڪرڻي آهي.

ڏسجي ٿو ته سنڌ جي لاڙ ۽ سري جي ٻولين ۾ وڏو فرق آهي. ايترقدر، جو صدها، بلڪ هزارها لفظ لاڙ واري حصي جا اهڙا آهن، جي سري جا ماڻهو ٻڌي سمجهي ڪين سگهندا آهن. اهڙيءَ طرح سري جي ٻوليءَ ۾ به ڪيئي اهڙا لفظ آهن، جي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سمجهندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٿر ۽ ڏٽ جي ٻولي وچان ئي نرالي آهي. شاهه ڀٽائيءَ

جي ڪلام ۾ ڏسجي ٿو ته سيڪنهن قسم جي سنڌي ڪم آندل آهي، پر لاڙ جي سنڌي ڪڇ، مڙيئي سرس ورتايل آهي. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سري جي ٻوليءَ جا خاص خاص لفظ ڏاڍا وڻندڙ ۽ پيارا آهن، پر اهي پنهنجي حد ۾ ئي ڪم اچن ٿا، لاڙ جا سِري ۾ ۽ سِري جا لاڙ ۾ ڪم نٿا اچن- ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾.

سنڌ جي انهن ٻنهي هنڌن کان سواءِ ٽيون هنڌ آهي "سنڌ جو وچولو". سنڌ جي وچولي جي ٻولي وڌيڪ وزائتي ۽ زياده فصيح آهي. وچولي جي ٻولي، لاڙ ۽ سري جي ٻولين مان سڌريل صورت ۾ بنيل آهي. وچولي ٻولي، لاڙ ۾ به ۽ سري ۾ به آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي، ۽ اهائي علمي ۽ ادبي ٻولي سمجهي وڃي ٿي. اڪثر ڪتاب ۽ اخبارون انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون. تعليمي ڪتاب ته خاص طرح وچولي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکيا وڃن ٿا.

وچولي سنڌ جون حدون، طول (ڊيگهه) ۾، گهڻو ڪري لاڙڪاڻو ۽ ان جي آسپاس کان وٺي حيدرآباد ۽ ان جي ويجهي پسگردائي تائين آهن؛ عرض (موڪر) ۾، درياءَ جو اولهه پاسو، جبل کان سواءِ ۽ درياهه جي اوڀرين پر ۾ ساهتي پرڳڻو سڄو. انهن حدن کان سواءِ، اتر پاسو، "ٻوليءَ جي ڪري، "سِرو" چئبو، ۽ ڏکڻ پاسو 'لاڙ'. لاڙ ۾، "جڏهن کي جيهر"، "تڏهن" کي "تيهر"

چوندا آهن. ڪوهستاني سنڌي "آسين" کي "آسون" ڳالهائيندا آهن. سيري ۾ "هتي" کي "هيتڙي"، "ڪٿون" کي "ڪٿان"، "مون" يا "آءٌ" جي بجاءِ "مان"، "رکندس" جي جاءِ تي "رکندم" چوندا آهن. مثلاً هئن چوندا آهن: "مان هيتڙي ڪٿان رکندم". انهيءَ نموني جي ٻولي خاص پنهنجن ئي حدن ۾ ڳالهائي سگهجي ٿي. ساري سنڌ لاءِ فقط سنڌ جي وچولي واري ٻولي ئي معتبر آهي.

آءٌ ڪتاب وڏي وجهه جي انديشي سببان انهن ٽنهي قسمن جي سنڌيءَ جا وڌيڪ مثال ۽ نمونا نٿو لکان، اها ڳالهه پڙهندڙن ۽ ايندڙن تي ٿو ڇڏيان.

## انشاء پردازي

"انشاء پردازي" مضمون نويسيءَ جي اهڙيءَ قابليت ۽ لياقت کي چئبو آهي، جو صرف، نحو، فصاحت ۽ بلاغت ۾ بلڪل ڪامل ۽ مُڪمّل هجي. مضمون جو هرهڪ فقرو ائين پيو معلوم ٿئي، جيئن موتين جي هار جي هڪ پوتل لڙهي، يا گلدستي ۾ ورهايل گلن جي قطارن مان هڪ خوشنما قطار. مضمون جنهن مطلب ۽ مقصد لاءِ لکيل هجي، ان جو هر پهلو نظر ۾ رکجي. خوشيءَ جو مضمون هجي ته منجهس ڪو به گُتل اهڙو لفظ نه آڻجي، جو خوشيءَ جي برخلاف هجي. غم جو هجي، ته ڪو به اهڙو جملو منجهس نه اچي، جو خوشيءَ جي معنيٰ ۾ ٻه

ڪم ايندو هجي. جنگ جو ذڪر هجي ته جنگ جا لوازم (جنگ سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون) چڱيءَ طرح بهادرانه انداز ۾ بيان ڪيل هجن. ٻولي به جنگي نموني جي هجي. صلح جو ذڪر هجي، ته دوانديشي ۽ خودداري، تدبر ۽ تدبير سان صلح جا سوڻ ساٺ ذڪر ۾ آندل هجن. تاريخي مضمون هجي، ته ٻولي به تاريخي ڍنگ جي هجي، نه شاعراڻي ۽ نه جاهلاڻي. سياسي مضمون هجي، ته سنجيده ۽ مدبرانه طرز ۾ لکيل هجي، نه ظريفانه ۽ غير شريفانه نموني ۾. ظريفانه مضمون هجي، ته ظرافت جي خلاف منجهس دل آزار جملا ۽ ڪميڻا جملا نه هجن. بهار جو ذڪر هجي، ته بهار جي خوشحالي ۽ آباديءَ سان واسطو رکندڙ اسباب بيان ڪيل هجن. خزان جي خبر هجي، ته خزان جي خرابي ۽ بربادي جو پورو پورو نقشو ڪينچيل هجي. مضمون ۾ ٻوليءَ جا اهڙا لفظ ڪم آندل نه هجن، جي جهوني زماني ۾ ڪم آڻبا هئا، مگر اڄڪلهه استعمال ۾ نٿا اچن.

ٻاتي ٻولي به انشاء پردازي جي خلاف آهي. ڪوتائن جي غلط اچارن کي به انشاء پردازي جي صحن ۾ پير پائڻ جي اجازت ڪانهي. خط هجي، ته جنهن ذاتهن به لکيل هجي، ان جي مان ۽ مرتبي موجب ٻولي ڪم آندل هجي، خط جو مضمون اهڙو مختصر به نه هجي، جنهن جي مراد ۽ مطلب

بلڪ ادبي. لفظ غلط آندل نہ هجن، بلڪ صحيح. زبان ڦٽيسي ۾ بي رسي نہ هجي، عبارت ڪسي ۾ ڪُ چسبي نہ. جو لفظ جنهن معنيٰ ۾ ڪم ايندو هجي، انهيءَ ئي معنيٰ ۾ آندو وڃي. جيڪڏهن ڳالهہ اهڙي هجي، جنهن ۾ طاقت ۽ زور هجي، تہ آن بابت مضمون بہ زوردار هجي. ڪنهن ڪمزور ڳالهہ کي زور وٺائڻو هجي، تہ لفظ اهڙا ڪم آڻجن، جو مضمون کي زمين تان کڻي، آسمان تي پهچائي ڇڏين. مضمون ۾ دلپذيري ۽ تاثير پيدا ڪرڻو هجي، تہ الفاظ بہ اهڙا آڻجن، جي دل ۾ چُڀندڙ ۽ پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي قبضو ڪندڙ هجن. مطلب تہ هرهڪ ڳالهہ پنهنجي پنهنجي حد ۾ پوريءَ طرح ۾ شاندار نموني ۾ آندل هجي. انهيءَ کي چئبو آهي "انشاء پردازي".

اڳئين زماني ۾ فارسي زبان ۾ انشاء پردازيءَ جو گهڻو رواج هو. قابل تعليم يافتا، انشاء پردازيءَ ۾ وڏو نالو ڪڍندا هئا. قابل انشاء پرداز کي "مُنشي" سڏيو ويندو هو. هو فارسيءَ ۾ مضمون لکندا هئا، تہ چڻ موتي ويهي پوئندا هئا. اڳئين زماني جا منشي هرڪنهن مضمون لکڻ تي قادر هوندا هئا. هو حاڪمن جي پاران خانگي خط، سرڪاري خط، ڪاوڙ جا خط، قرب جا خط، غرض تہ هر قسم جا خط لکندا ۽ ڪماليت سان لکي سگهندا هئا. "انشاء ابوالفضل" فارسيءَ ۾ انشاء پردازيءَ جو هڪ وڏي درجي وارو ڪتاب آهي، جو ابوالفضل جي لکيل

خطن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ابوالفضل جا اڪبر بادشاھ طرفان حاڪمن ڏانهن لکيل سرڪاري خط ۽ ابوالفضل جا خود اڪبر ۽ ٻين دوستن ڏانهن پنهنجي طرفان لکيل خط گڏ ٿيل آهن. تنهن کان سواءِ، منجهس ڪيترن ئي ڪتابن جا ديباچا ۽ ڪيترن ئي ڪتابن تي تقريظون يا سمالوچنائون ڪيون ڪيل آهن. اهي خط ۽ تقريظون پڙهجن ٿيون، تہ حيرت وٺيو ٿي وڃي. انشاء پردازيءَ جو پورو حق ادا ڪيل آهي. انشاء پردازيءَ جون سڀ صفتون منجهس موجود آهن.

اڳئين زماني ۾ اصطلاحي طور سهٽيءَ عبارت ۾ لکيل خطن جي مجموعي کي "انشاء" سڏيو ويندو هو ۽ اڃا بہ اهڙي ئي مجموعي کي "انشاء" سڏجي ٿو، مگر انشاء پردازيءَ فقط خطن جي مضمونن تائين محدود نہ آهي. انشاء پردازي آھا آهي، جنهن جو مٿي پڙهي آيا آهيو.

افسوس، جو سنڌي زبان جي آدَبَ ۽ ساهت ۾ انشاء پردازيءَ جو، يا اهڙن خطن جي مجموعي جو رواج پيدائي ڪونہ ٿيو، جنهنڪري مُصَنِفَن ۽ مضمون نويسن ۾ اعليٰ مضمون نويسيءَ جو جوهر پيدا ٿيڻ لڳي ها، قابل نثر-نويسن جي ڪثرت ٿئي ها، غلط لفظن لکڻ کي ٻُنجو اچي ها ۽ صحيح ادب جو سنڌيءَ ۾ واڌارو ٿئي ها. البت مولانا قاضي حاجي هدايت الله صاحب منياري، تعلقي هالا واري

بزرگ جو هڪڙو ڪتاب نالي "هداية الانشاء" لکيل موجود آهي، جو جهوني نموني جي سنڌي ادب جو عجيب و غريب نمونو آهي. پر اهو به بيقدريءَ جو نذر ٿي ويو ۽ هاڻي ناياب آهي. هاڻي به تعليم جي ڪورس (نصاب) ۾ ضرورت آهي ته "انشاء پردازيءَ" کي تعليم جو هڪ ضروري جزو بنايو وڃي. اميد ته تعليم جا اختياريءَ وارا هن طرف خاص ڌيان ڏيندا.

## صورتخطي سچي ۽ صحيح لکڻ ضروري آهي

ڪجهه وقت ڪان وٺي، ڪن صاحبن جي مرضي ۽ خواهش اها پئي ڏسڻ ۾ اچي ته "ث"، "س" ۽ "ص" جو فرق ڪڍي فقط "س" قائم رکجي. "ت" ۽ "ط" جو تفاوت ڪڍي فقط "ت"، "ذ" ۽ "ظ" جي بجاءِ رکي "ز" لکجي. "ع" کي "الف" سان ۽ "ق" کي "ڪ" سان بدلائجي. جيڪڏهن ائين ڪبو، ته معنيٰ ۾ ايترو ته رولو پئجي ويندو، جو پڙهڻ وارا قدم قدم تي ٺوڪرون ۽ وک وک تي ٿاٻا کائيندا، معنيٰ سمجهڻ ۾ دماغ پريشان ٿيندن، لکپڙهه هنن لاءِ مصيبت ٿي پوندي، ڇاڪاڻ صورتخطيءَ وارن لفظن ڏسڻ شرط سچي معنيٰ ۽ گهربل مطلب سمجهه ۾ ئي نه ايندو.

آءٌ ان بابت ڪي ٿورا مثال ڏئي، اوهان کي سمجهايان ٿو.

جيڪذهن ”صورت“ کي ”سُورت“، ”چَق مَق“ کي ”چڪ مڪ“، ”حال“ کي ”هال“، ”شق“ کي ”شڪ“، ”صدا“ کي ”سدا“، ”قابل“ کي ”ڪابل“، ”ڪثرت“ کي ”ڪسرت“، ”روح“ کي ”روه“، ”قال“ کي ”ڪال“، ”قتل“ کي ”ڪتل“، ”غذا“ کي ”غزا“، ”حق“ کي ”هڪ“، ”عدم“ کي ”ادم“، ”قصو“ کي ”ڪسو“، ”فقر“ کي ”فڪر“، ”قمر“ کي ”ڪمر“ ڪري لکبو، ته هيٺين طرح معنائن ۾ زير ۽ زبر جي نه هئڻ سببان، وڏو رولو پئجي ويندو.

”صورت“ جي معنيٰ شڪل، ته ”سورت“ گجرات جو هڪ مشهور شهر. ”چق مق“ باهه دکائڻ جو مشهور پٿر، ته ”چڪ مڪ“ وات جو چَڪُ ۽ هٿ جي مُڪ. ”حال“ معنيٰ حالت يا خبر چار، ته ”هال“ معنيٰ وڏو صفو يا وڏو ڪمرو. ”شق“ معنيٰ ڦاڙ، يا چير، ته ”شڪ“ معنيٰ گمان، يا اڻپورو خيال. ”صدا“ معنيٰ پرلاءُ يا آواز، ته ”سدا“ معنيٰ هميشه. ”قابل“ معنيٰ لائق يا ڪامل، ته ”ڪابل“ معنيٰ افغانستان جي گادِيءَ جو شهر. ”ڪثرت“ معنيٰ گهڻائي، ته ”ڪسرت“ معنيٰ ورزش. ”روح“ معنيٰ ساهه، يا پران، ته ”روه“ معنيٰ پهاڙ يا جبل. ”قال“ معنيٰ قول يا ٻول، ته ”ڪال“ معنيٰ موت، يا ڏڪر. ”قتل“ معنيٰ ڪوس، ته ”ڪتل“ معنيٰ ڪَجور. ”غذا“ معنيٰ کاڌو يا خوراڪ، ته ”غزا“

معنيٰ بهادرائي، لڙائي. "حق" معنيٰ سچ يا سچي ڳالهه، تہ "هڪ" معنيٰ ايڪو، ڀيرون انگ. "عدم" معنيٰ نيستي يا نابودي، تہ "ادم" معنيٰ سعيو يا ڪوشش. "قصو" معنيٰ ڳالهه يا ڪهاڻي، تہ "ڪسو" معنيٰ ڪونو يا اٽپورو. "فقر" معنيٰ فقيري يا درويشي، تہ "فڪر" معنيٰ ڳڻتي يا ويچار. "قمر" معنيٰ چنڊ، تہ "ڪمر" معنيٰ چيلهہ.

اهڙا سوين، بلڪ هزارين مثال ملي سگهندا، جن جي صورتخطيءَ جي جيڪڏهن صورت مٽبي، تہ هڪ جي معنيٰ ٻي پئي نڪرندي!

آءٌ اوهان کي مٿي ذڪر ڪيل ڦريل صورتخطيءَ وارن لفظن جا ڪي جملا مثال طور لکي ڏيکاريان ٿو، تا تہ اوهان کي معنيٰ جي مونجهاري جو اندازو آساني سان ٿي سگهي.

"آءٌ صورت ڏسي آيو آهيان" - ڇا، صورت يا سورت؟ "چڪ مڪ سان ٿي ڪم لائو" - ڇا چق مق يا چڪ مڪ؟ "هن جو حال بلڪل خراب آهي" - ڇا، حالُ يا هال؟ "پلي سدا اچي" - ڇا، صدا يا سدا؟ "مون ڏٺو تہ ڪابل آهي" - ڇا، قابل يا ڪابل؟ "ڪسرت چڱي نہ آهي" - ڇا ڪثرت يا ڪسرت؟ "روحُ تتل آهي" - ڇا، رُوح يا روهُ؟ "تنهنجو جهڙو آهي هال، تهڙو ئي آهي ڪال" - ڇا، حال ۽ قال، يا هال ۽ ڪال؟ "ڪتل ڪنهن کي بہ پسند ڪينهي" - ڇا، قتل يا ڪتل؟ "گهٽي غزا چڱي نہ

آهي" - چا، غذا يا غزا؟ "هو هڪ آهي" - چا، حق يا هڪ؟ "ادم ڪري چڏ - چا، عدم يا ادم؟ "هي سچو ئي ڪسو آهي" چا، قصو يا ڪسو؟ "هن ۾ تہ ڪو فڪر ئي ڪونهي" - چا، فقر يا فڪر؟ "ڪمر جو ڪمال تہ ڏس ا - چا، قمر يا ڪمر؟

اهڙا لفظ هزارن جملن ۾ اهڙيءَ طرح ڪم اچن ٿا، جي جيڪڏهن صحيح ۽ سچي صورتخطيءَ ۾ لکيل نہ هجن، تہ هوند گھربل معنيٰ ڪڍهن بہ ڏسڻ ۽ پڙهڻ شرط سمجھہ ۾ نہ اچي؛ انهيءَ ڪري صورتخطي ڦيرائڻ، يا انهن حرفن جي آچارن کي هڪ حرف جي آچار ۾ بند ڪرڻ جو خيال ۽ ڪوشش ئي عبث آهي.

# آفتاب ادب

عرف

# ساهت جو سج

(ياگو پيو)

---

## علم بديع، علم بيان ۽ علم معاني

---

## علم بديع، علم بيان ۽ علم معاني

انشاء پردازي ۽ اعليٰ مضمون نويسيءَ لاءِ علم بديع، علم بيان ۽ علم معانيءَ جو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. هنن ٽنهي علمن جو تفصيل گهڻو طويل آهي، انهيءَ ڪري آءٌ هرهڪ مان ڪجهه ٿورو حصو هتي لکان ٿو، تا ته مضمون نويسن ۽ انشا پردازن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه روشني ٿئي. جيڪڏهن حياتي هونديم ته آءٌ هنن ٽنهي علمن بابت هڪ خلاصو ڪتاب لکندس. افسوس ته سنڌي ادب لاءِ هن ڪان اڳ ههڙن ضروري علمن جي لکڻ جو ڪنهن به عالم خيال نه ڪيو آهي، نه تعليم کاتي جي طرفان انهن علمن جي تعليم جو ڪو انتظام ٿيل آهي. نه ته جيئن سنڌيءَ جي صرف ۽ نحو بابت ڪجهه نه ڪجهه لکيو ويو هو، تيئن انهن علمن بابت انهيءَ ئي وقت ڪجهه نه ڪجهه پربند ڪرڻ گهربو هو، تا ته اڄ اسان جا اديب، شاعر ۽ مضمون نويس انهن علمن ڪان به آشنا هجن ها.

## علم بديع - صنائع و بدائع

علم ”بديع“ جا ٻه قسم آهن: (١) ”صنائع لفظي“، (٢) ”صنائع معنوي“.

"صنائع لفظي" جي معنيٰ آهي "ادبي ڪاريگريون"، جي لفظن ۾ رکيلون هجن. (صنائع – جمع، صنعت – واحد) "صنائع لفظي" سان لفظن ۽ جملن ۾ سونهن ۽ سوڀيا پيدا ٿيندي آهي.

"صنائع معنوي" سان معنائن ۾ خوبي ۽ محبوبي پيدا ٿيندي آهي.

آءٌ ٻنهي قسمن جا ڪي ٿورا نمونا لکان ٿو.

## صنائع ۽ بدائع لفظيءَ جا ڪي نمونا

اهڙا لفظ، جي لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن مگر معنائون جدا جدا رکندا هجن؛ يا لکڻ ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر پڙهڻ ۾ سندن اعرابن جو تفاوت هجي – پهرئين کي "تجنيس تام"، ۽ ٻئي کي "تجنيس ناقص" چئبو آهي.

تجنيس تام جا مثال

(فاعلاتن مفاعلن فعلن)

وار ڇوڙي، جي سون تي وارَ ڪرين،
خوش ٿيان، جي هزار وار ڪرين! – "حڪيم"

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

هزار ڪهرا مون در تنهنجي تي ڪيا ڪهرا،
مگر نه منهنجي اڱڻ ۾ تون آئين هڪ ڪهرو! – "حڪيم"

هن شعر ۾ "وار" جو لفظ ٽي دفعا آيل آهي، مگر جدا جدا معنائن ۾: (١) مٿي جا وار، (٢) حملا يا آلوڻ، (٣) دفعا يا ڀيرا.

هن شعر ۾ "ڳهرا" جو لفظ ٻه دفعا ڪم آندل آهي: هڪڙي جي معنيٰ "پيرا"، ٻئي جي معنيٰ "ڦيرا".

(فعولن فعولن فعولن فعل)

سلڻ لاءِ تنهنجي ڪيتر ڪشي ومن،
ڪَڪَرَ قربَ تنهنجي جي تي ڪاله وَمن. —"حڪيم"

هن ۾ "وَسَ" ٻه دفعا ڪم آندل آهي: هڪڙي جي معنيٰ "حيلا وسيلا"، ٻئي جي "بارش".

(فعولن فعولن فعولن فعول)

خدا ترس آهين، ڪجهه وقت ترس،
خودي ڇڏ، تَڪَبّر ڇڏ، ته ٿين سڀ ۾ سَرس. —"حڪيم"

پهرئين "ترس"، جي معنيٰ "ڊڄندڙ"، ٻئي جي معنيٰ "دير ڪر".

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

ڏس ته آهيان اکين آن بيمار،
مارِ گيسو هٿان نه مون کي مار! —"حڪيم"

ٻئي مصرع ۾، پهرئين "مار" جي معنيٰ "نانگ"، ٻيو مار، امر "مارڻ" مان.

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

اکيون آهيان، سڳهو ناهيان، سڳهو تي يار، تي ساٿي،
منهنجي دل درسنه آهي، تي سٿورن ۾ ڳهٽو سالي.
—"حڪيم"

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ادا ۽ ناز سان پنهنجي، اهڙن، مشي ڪي نه مار،
نه وَمن نه وَمن اي محبوب تون! وَمي وجهه تون ۽ مارا

پھرئين ۾ لفظ "ساٿي" ٻه دفعا آيل آهي: پهرئين جي معنيٰ "ساٿي، همراهه، مددگار"، ٻئي جي معنيٰ "عاجز، ٿڪل، درماندي، آڏ مٿي".

ٻئي شعر جي پهرئين مصرع ۾ "مار" مارڻ مان امر ۽ ٻيءَ مصرع ۾ "مار" حرف عجب.

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

باري! سون تي نه وجهه تون باري بارَ،
سيرَ ڪريان تو تان صدقي آن سؤ بارَ! - "حڪيم"

هن شعر ۾ ٻه دفعا تجنيس تام آيل آهي: هڪ دفعو "باري" لفظ ۾، ٻيو دفعو "بار" لفظ ۾. پهرئين "باري" جي معنيٰ "ڌڻي پاڪ"، ٻئي جي معنيٰ "ڳرا، وزندار" ۽ اهڙي طرح پهرين "بار" جي معنيٰ "بوجهه"، ٻئي جي معنيٰ "دفعا، ڀيرا".

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

مٽير ايترا تنهنجا آهين توراَ،
ڳڻيان جيترا تيترا ٿين سي تورا. - "حڪيم"

(١) تورا=احسان (٢) تورا= ڳهٽ.

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

ڪي خوشدل، ڪي خندان، ڪي لرزان ليماڻا،
ڪي ڪن ناز نخرا ۽ ڪي ڪن نهَ ساڻا،
رکن ڪي تا سيرَ هينان سيرَ ڪي، وهاڻا،
ڪي بدبخت بيڪار، ڪي بخت ڄاڻا۔

ڪي عزت ۾ اعليٰ، ڪي اقبال وارا،
ڪي ذلت، زبوني ۽ بدحال وارا.

("ابيات ڪلام" قادر جي قدرت اميد- ٢)

هن شعر جي ٽيئين سِٽ ۾ ”مير“ جو لفظ ٻه دفعا ڪم آندل آهي: پهرئين جي معنيٰ ”متو“، ٻئي جي معنيٰ ”ميڻيءَ جي مير“.

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

وڻيس پنهنجي ديس جا ڀاتا وڻن، جي ڦلا وڻن،
ديس پنهنجي کي ڏسو اڄ آهي ورسايو بهار.

”بهار ڪلام“

هن شعر ۾ لفظ ”وڻن“ ٻن هنڌ آيل آهي، جو لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ هڪجهڙو آهي، پر معنيٰ ڌار ڌار اٿس: (۱) وڻن-وڻ جو جمع (۲) وڻن-پسند اچن.

مٿين ٽنهي شعرن ۾ ”تجنيس تام“ آهي: جن لفظن ۾ تجنيس تام آهي، سي نه فقط لکڻ ۾ هڪجهڙا آهن، بلڪ پڙهڻ ۽ اعرابن ۾ به هڪجهڙا آهن.

تجنيس ناقص جا مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعول)

وطن جون اچو، تا ڳيون واپرايون،
نه ڪم ايندئون هرگز ڳيون کي پرايون،
پيئن ڪسان ٿي اهڙو سبق پيل پرايون،
ڪي موهو ته چو ڀاڻ ڪي ٿا ڦرايون،
وطن جي محبّت جي آهي علامت،
ته ان ۾ مدارو ڪريون ساڻ صنعت.

(”بهار اخلاق“-حب وطن)

هن شعر جي مصرع ۲ ۽ ۳ ۾ لفظ ”پرايون“ ٻه دفعا آيل آهي: پهريون ”پ“ جي زبر سان ۽ ٻيو ”پ“ جي زير سان-ٻنهي هنڌ لکڻ ۾ هڪجهڙو

آهي ۽ ٻئي ۾ اعرابن جو تفاوت آهي. انهيءَ کي تجنيس چئبو، پر ناقص.

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

يار، پاڻان نہ ڪر تون مون کي ڌارَ،
در تي پنهنجي پرين، نہ ڌاريون ڌارِ. –"حڪيم"

هن ۾ "ڌار" لفظ ٻہ ڀيرا ڪم آندل آهي، جو لکڻ ۾ تہ هڪجهڙو آهي، ۽ ٻئي ۾ پهرئين جي پڇاڙيءَ تي زبر آهي ۽ ٻئين جي پڇاڙيءَ تي زير: (۱) جُدا، (۲) ڌار=رک-امر "ڌارڻ" مان.

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

نہ گاهہ گاهہ ٻہ تون ٿو ڪرين نِگاهہ مٺير،
نِگاهہ مهر جي اي مهربان، ڪر مون تي! –"حڪيم"

هن ۾ "نَہ گاهہ" ۽ "نِگاهہ" ڪم آندل آهي؛ پهرئين مصرع ۾ "نَ" جي زبر سان ۽ ٻئي ۾ "نِ" جي زير سان، معنيٰ ٻي-ٻي.

## صنائع و بدائع معنوي جا ڪي نمونا

ايهام: "ايهام" جي معنيٰ لغت ۾ آهي "وهم ۾ وجهڻ": اصطلاح ۾، اهڙا لفظ جن جون ٻہ-ٻہ معنائون هجن ۽ ڪلام ۾ ٻئي معنائون وٺي سگهجن.

(فعولن فعولن فعولن فعول)

تنهنجي عشق جي منهنجي دِل ۾ سٽي،
ڏِليءَ ڪاٺ ڪا مون نہ اهڙي سٽي. –"حڪيم"

پوئينءَ مصرع ۾ "سُٺي" جون ٻہ معنائون آهن: (١) سُٺي، يعني ٻُڌي، (٢) "سُٺي" سبڻ واري. جيڪا بہ معنيٰ وٺبي تہ پيٺي ٿهندي. هن ۾ تجنيس تام بہ آهي.

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

وارَ چوڙي، جي مون تي وار ڪرين،
خوش ٿيان، جي هزار وار ڪرين! - "حڪيم"

هن شعر جي قافيي ۾ لفظ "وار" ٻہ دفعا آيل آهي؛ جيڪڏهن پهرئين "وارَ" جي معنيٰ "حملا" ۽ ٻئي جي معنيٰ "پيرا" وٺبي، تہ بہ ٺهندي، ۽ جيڪڏهن ٻئي جي معنيٰ بہ "حملا" وٺبي، تہ بہ پيٺي ٺهندي. انهيءَ شعر ۾ تجنيس تام بہ آهي، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي.

مُراعاتُ النّظير يا تَناسُب: "مراعاتُ النظير" يا "تَناسب" اهڙيءَ ادبي قابليت کي چئبو آهي، جو ڪلام ۾ هڪٻئي سان مناسبت ۽ واسطو رکندڙ شيون بيان ڪجن.

(مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن)

ٽڙيو چمن ۾ گلاب جو گل، گهمي محبت ۾ مست بلبل،
ٻڌين جو چوطرف شور ۽ غُل، بهار آيو، بهار آيو!
"بهار ڪلام"

هن شعر ۾ بهار سان مناسبت ۽ واسطو رکندڙ شيون ٿي بيان ڪيل آهن، بهار جي مند ۾ گلاب جا گل ٽڙندا آهن، بلبلون گلن جي محبت ۾ چڙ مست

ڏسبيون آهن، باغن ۾ پکين جي نغمن جو شور پئجي ويندو آهي.

تلي چمن ۾ ٿيي تاري تاري، ٿيو فرش گلشن جو ميناڪاري،
ٿي جڳ ۾ چوڌاري اڄ بهاري، بهار آيو، بهار آيو!
"بهار ڪلام"

بهار جي موسم ۾، وڻن ۽ بوٽن جي تاري تاري وڻندڙ انداز ۾ لڏندي رهندي آهي. باغن جي زمين ۾ سهڻا سهڻا ۽ ساوا سبزا چمندا آهن، چمن تہ ميناڪاري فرش وڇائجي ويندو آهي. ساري ملڪ ۾ قدرتي خوشي ڦهليل ڏسبي آهي. هي بهار سان واسطو رکندڙ اسباب بيان ڪيل آهن.

"بهار ڪلام" ۾ جيڪي بهار بابت شعر آهن، تن ۾ گهڻو ڪري "مُراعات النظير" جا مثال گهڻا موجود آهن.

مُشاڪَلت: ڪنهن لفظ کي اهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻجي، جا حقيقي طرح ان جي نہ هجي.

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

تون منهنجي عرض ڪرڻ تي بہ منهن ڪٿو ٿو ڪرين،
ڇا تنهنجي مرضي اها آ، سڀ ڇڏيان آن وات!
- "حڪيم"

"منهن"، ڪا ڪاٺ يا چمڙي جي شيءِ نہ آهي، جو ڪٿو يا ميٺو چئي سگهجي. ساڳيءَ طرح "وات" ڪو ڪپڙو يا جانور جي کَل ڪينهي جو سبيو وڃي.

اهي ٻئي لفظ (ڪنو ۽ سبڻ) حقيقي معنيٰ ۾ ڪم آندل نہ آهن، بلڪ استعاري طور استعمال ٿيل آهن.

عڪس: ڪنهن شعر جي پهرئين مصرع جا ٻہ اڌ هجن. انهيءَ جو پهريون اڌ، ٻئي اڌ جي جاءِ تي رکجي ۽ ٻيو اڌ پهرئين جي جاءِ تي، تہ سڄو شعر ٺهي پوي.

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

صاحب تدبير تي ۽ تابع تقدير تي،
تابع تقدير تي ۽ صاحب تدبير تي.

"بهار اخلاق"

لفّ ونَشْرُ: "لف" جي معنيٰ آهي ويڙهڻ ۽ "نشر" جي معنيٰ ڦهلائڻ: شاعرن جي اصطلاح ۾ شعر جي اهڙي خوبيءَ جو نالو آهي، جو شعر ۾ ڪن شين جو بيان ڪري، پوءِ ڪي مناسب ڳالهيون ساڻن ملائجن. هي ٻہ قسم آهن - مُرتّب ۽ غيرمُرتّب: "مُرتب" - باترتيب ۽ "غيرمرتب" - اڻ ترتيب.

مرتب جو مثال:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات)

منهن تنهنجو، ابرو تنهنجا، اکيون تنهنجون اي عجيب!
چنڊ آهي، تيغ آهن، مخمور مست آهن.

- "حڪيم"

غيرمرتب جو مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ماهہ گذريا، سال گذريا، ساعتون گذريون ٻہ-ٽي،
تنهنجي در تي، تنهنجي ڳولا ۽ تو کان جدا.

- "حڪيم"

هن شعر جي ٻيءَ مصرع جا فقرا پهرينءَ مصرع جي فقرن مان هين طرح لڳل آهن: "تنهنجي ڳولڻ لاءِ سال گذريا، تنهنجي در تي ساعتون گذريون، توکان جدا ماهہ گذريا" - يعني سالهاسال جي جستجو کان پوءِ هٿ آئين. تنهنجي در تي اچا ڪي گهڙيون مس گذريون ته وڇوڙي وري وڇوڙي ڇڏيو، جنهن کي ته ڪيئي مهينا گذري ويا آهن.

مبالغو: ڪنهن شيءِ جي نيڪي يا بدي، حد ۽ حقيقت کان وڌائي ڪجي. هن جا ٽي قسم آهن، آءٌ ٽن قسمن جا مثال لکان ٿو.

(١) اغراق: اهڙي صفت، جا عقلي طرح ته ڪٿي ممڪن هجي، مگر عادتي طور ٿيندڙ نه هجي. مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

زلف ۾ محبوب جي، قيدي ٿي جڏهن منهنجي دل،
خوش ٿيا اغيار، پر لڳي يار جي دل بيقرار.
- "حڪيم"

حسن وارا ته هميشه حسن پرستن کي پنهنجي زنجير زلف ۾ اسير بنائي، خوش ٿيندا آهن ۽ عاشقن کي لٽڪائي، ڦٽڪائي ماريندا آهن. اِها هنن جي عادت آهي. عادتي طور ائين ٿي ڏسبو آهي، پر عقلي طرح سنگدل محبوب جو موم دل ٿيڻ به ممڪن آهي، خاص طرح عاشق جي سخت بيحاليءَ وقت.

(٢) غلوّ: اهڙو وڌاءُ، جو نه عقلي طرح ۽ نه عادتي طرح ممڪن هجي.

مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

بلبل نالان کـي اهڙو خار گـل بيزار ڪيو،
جو ڇڏي صحن چمن کي عرش تي ڪيئن آشيان.
- ”حڪيم“

عرش تي آشيانو ڪرڻ نہ عادتي طرح ڏٺو ويو آهي ۽ نہ عقلي طرح ممڪن آهي.

مَدحُ مشابہ ذَمُ: ڪنهن جي اهڙي تعريف، جنهن مان ائين پيو معلوم ٿئي، تہ شاعر شايد پنهنجي ممدوح (جنهنجي تعريف هجي) جي بدِي بيان ڪرڻ پيو آهي، مگر ائين نہ هجي. پاڻ وڏيڪ تعريف هجي.

مثال:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات)

محبوب منهنجو حسن جي اقليم جو آ شاه،
پر ملڪ پنهنجو سارو سخا ۾ لٽي ڇڏيئين. - ”حڪيم“

”پر“ جي آڌر مان ائين پيو معلوم ٿئي تہ، ڄڻ شاعر پنهنجي محبوب جي تعريف ڪندي، اڪتي هلي، منديس گلا يا بَدِي بيان ڪندو، مگر ”پر“ جي پويان پاڻ تعريف مڪمل ڪري ڏيکاريائين. يعني بيان ڪيئين تہ منهنجو محبوب عاشق آزار ۽ ديدار ڪرائڻ ۾ ڪنجوس ڪينهي، بلڪ سخي ۽ فراخدل آهي، جو پنهنجي ديدار جي دولت ڪان ڪنهن بہ مشتاق ديدار کي محروم نٿو رکي ۽ انهيءَ طرح ڪندي ڪندي، ڄڻ حسن جي دولت ئي لٽائي ڇڏي اٿس.

ذم مشابه مدح: اهڙو ڪلام، جنهن ۾ ڪنهن جي بدي بيان ڪيل هجي، مگر شروعات ۾ اهڙا لفظ ڪم آندل هجن، جن جي اصلي معنيٰ ورتل ته هجي، بلڪ پاڻ مخالف معنيٰ ورتل هجي: يا اهڙا لفظ جن مان ائين معلوم ٿئي ته شاعر چڻ تعريف ڪري رهيو آهي. مثال:

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن)

(۱) خوش رهه رقيب! منهنجي پرينءَ جي ڀرواس ۾،
جنهن کو ڪتو رهي تو سخيءَ جي اڳڻ اڳيان.
- "حڪيم"

پهرين مصرع پڙهندي، ائين معلوم ٿئي ٿو ته شاعر چڻ رقيب جي تعريف ڪري رهيو آهي، مگر پوئين مصرع ۾ رقيب جو قدر ڪتي جهڙو ڪري ڏيکاريائين.

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن)

(۲) آباد ڪر الاهي! صياد جو تون خانو،
بلبل جو جنهن ڪيو آ ويران آشيانو. -"حڪيم"

ظاهري ڪري، شاعر صياد کي چڻ دعا ٿو ڪري، مگر اڳتي هلي آهائي دعا، پٽ ۽ پاراتي جي صورت اختيار ڪري ٿي. ٻيءَ مصرع پڙهڻ مان ساڳي "آباد" لفظ جي معنيٰ ڦيري "برباد" ٿئي ٿي.

( مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن )

(۳) خدايا! مون اڇو ڪيو آهي منهن پنهنجو، مگر توبه
تون پنهنجي نور وحدت مان ڪجهه منهن منهنجو لو رالي.
- "حڪيم"

شاعر پنهنجي گنهگاريءَ جو اقرار اهڙن لفظن ۾ ڪري ٿو، جن مان پهرياڻين ائين ٿي سمجهيو وڃي ٿو ته ڄڻ هو ڪنهن چڱي ڪم جو دم هڻي رهيو آهي، مگر اڳتي هلي ساري قلعي کولي ٿو ۽ چوي ٿو ته "مون پنهنجو منهن اهڙو ڪيو آهي، جنهن کي تنهنجي نور وحدت جي ضرورت آهي." اتي معلوم ٿيو ته "منهن اڇو" جي معنيٰ آهي "مُنهن ڪارو".

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

(۴) "ٻاڙ سائي ٿئيس شل"، بلبل چيو ٿي منجهه چمن،
هَيءُ! خزان ويران ڪيو اڄ آهي منهنجي باغ کي!
-"حڪيم"

پهرينءَ مصرع مان معلوم ٿئي ٿو ته بلبل ڪنهن کي خير جي دعا ٿي ڪري، پر ٻيءَ مصرع سڄي ڳالهه کولي رکي، جنهن مان معلوم ٿيو ته "ٻاڙ سائي ٿئيس" جي معنيٰ آهي "ٻاڙ سڪيس".

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

(۵) "ٻيڙي تريس" تار ۾ مون کي ڇڏي ويو،
ٻهچاءِ ٻار يارب، مون کي ٻرينءَ جي ٻارا
-"حڪيم"

هن شعر ۾ به "ٻيڙي تريس" جي معنيٰ آخر "ٻيڙي ٻڏيس" واري وڃي بيٺي آهي. هن ۾ تجنيس تام به آهي.

حَشُو: "حشو" چوندا آهن "ڀرتي ڪرڻ" کي- يعني ڪلام ۾ اهڙو لفظ يا جملو وڌائڻ،

جنهن کانسواءِ به مضمون نهي سگهي. هن جا ٻه قسم آهن (١) مليح، (٢) قبيح.

حشو مليح: اهڙو ڪلام جنهن ۾ زائد لفظن يا جملن جي اچڻ ڪري، پاڻ ڪلام ۾ سواد ۽ سلوڻپ پيدا ٿئي. مثال:

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

ڏسان تو ڏي اگر ڪڏهين، ڇنين ٿو 'بند ڪر اکيون'،
اکيون پوريان سدائين جي، ته ٿو الٽو سڏين مون کي!
-"حڪيم"

هن شعر ۾ "اگر ڪڏهين" جو فقرو ۽ "سدائين" جو لفظ زائد آهن - جيڪڏهن نه آڻجن ها، ته به مطلب پورو نڪري ها. يعني، "جيڪڏهن تو ڏي ڏسان ٿو، ته ڇنين ٿو 'اکيون بند ڪر'؛ جيڪڏهن اکيون بند ڪريان ٿو، ته انڌو ٿو سڏينم". مگر، "اگر ڪڏهين" جي فقري ۽ "سدائين" جي لفظ پاڻ مضمون ۾ ملاحت ۽ غمگيني پيدا ڪري وڌي آهي، ڇو ته يار ڏي نهارڻ ڪڏهن ئي نصيب ٿيندو آهي، ۽ انڌي جون اکيون سدائين پوريل هونديون آهن.

حشو قبيح: ڪلام ۾ اهڙا زائد فقرا هجن، جن جي ڪري پاڻ مضمون ۾ قباحت ۽ ٻڌندڙ کي ڪراهت اچي. مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

تون ليليٰ عرب جي، آن مجنون عرب جو،
تون گل، آءٌ بلبل، قسم آهي رب جو. -"حڪيم"

هن شعر ۾ ”عرب جو“ فقرو وڌيڪ ۽ واهيات آهي. محبوب کي فقط ليليٰ سڏيو آهي، ۽ عاشق کي فقط مجنون. اهي ٻئي عرب جا هئا، تنهن سان شاعر جو واسطو ئي ڪونهي. شاعر محبوب کي ليليٰ ۽ پاڻ کي مجنون انهيءَ ڪري سڏي ٿو، جو ليليٰ مجنون جي مشهور معشوق هئي ۽ مجنون ليليٰ جو مشهور عاشق. باقي عرب جا هئا يا عجم جا، پورب جا هئا، يا پڇم جا، يورپ جا هئا، يا ايشيا جا، آفريقا جا هئا، يا آمريڪا جا، تنهن سان شاعر جي تشبيه جو ڪو تعلق ڪونهي.

## علم بيان

”علم بيان“ اهڙن قاعدن جو نالو آهي، جن جي سمجهڻ سان هڪڙي ئي معنيٰ کي ڪيترن نمونن سان ڪم آڻي سگهجي. انهيءَ علم جو مدار آهي ”دلالت تي. دلالت جا ڪيترا ئي قسم آهن، مگر علم بيان جي جسم جو جزو اعظم، يا انهيءَ علم جي بدن جو رُوح آهي ”دلالت التزامي“. دلالت التزامي جي ذريعي ئي تشبيه، استعارو، ڪنايو، حقيقت، مجاز ۽ ٻيون اهڙيون، حالتون ٻوليءَ ۾ پيدا ٿي سگهن ٿيون.

”دلالت“ چئبو آهي ”هڪڙي معلوم ۽ موجود شيءِ سان ڪنهن نامعلوم ۽ غير موجود شيءِ جو پتو معلوم ڪرڻ“ـ جهڙيءَ طرح ”شينهن“ چوڻ يا ٻڌڻ سان مشهور درندو جانور تصوّر ۾ اچي ويندو آهي. ”شينهن“ لفظ هڪ معلوم شيءِ چئبي، ۽ انهيءَ جانور

جو وجود غير موجود، مگر معلوم ۽ موجود شيءِ (لفظ) جي ذريعي نامعلوم ۽ غير موجود شيءَ (جانور) ۾ معلوم ٿي وڃي ٿي.

دلالت التزامي: ڪو لفظ يا جملو حقيقي يا لغوي (لغت واري) معنيٰ ۾ ڪم نه اچي، بلڪ ڪنهن اهڙيءَ ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪم اچي، جا معنيٰ ڪنهن ٻي سبيان لڳل هجي. مثلاً "هو تنهنجوئي گهوڙو آهي"، جنهن جي معنيٰ آهي ته "هو تنهنجي سواريءَ لاءِ حاضر آهي." "گهوڙو" اهڙي جانور کي چئبو آهي، جنهن تي سواري ڪبي، آهي. مگر "سواري" گهوڙي جي حقيقي معنيٰ ۾ داخل نه آهي، بلڪ جڏهن ته گهوڙي کان سواريءَ جو ڪم ورتو وڃي ٿو، انهيءَ ڪري ان کي سواريءَ وارو جانور سمجهيو وڃي ٿو، ۽ سواريءَ جي معنيٰ انهيءَ سبيان ساڻس لڳل آهي.

تشبيه: ڪنهن هڪ شيءِ کي ڪنهن ٻي شيءِ جهڙو بيان ڪرڻ، ۽ خود اها مقرر ڪرڻ؛ مثلاً "هي گهوڙو هوا جهڙو آهي". گهوڙو پنهنجي حد ۾ رکيو ويو آهي، ۽ هوا پنهنجي حد ۾، مگر گهوڙي کي سندس تيز رفتاريءَ سبب هوا جهڙو چيو ويو آهي، نه خود هوا.

مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

جي دنيا ۾ ڪو ديس مٺڙو چئن ٿيو،
ته منهنجو مٺو ۽ پيارو وطن ٿيو.

"بهار اخلاق"

"تشبيه" جو بحث ۽ بيان تمام وڏو آهي. آءٌ انهيءَ کي خلاصي ڪتاب لاءِ ڇڏيان ٿو. هتي تشبيه جي قسمن مان ڪي ٿورا قسم نموني طور لکان ٿو:

## تشبيه جا جُزا يا آرڪان

مُشَبَّه ـ جا شيءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جهڙي ڪري ڏيکارجي.

مُشَبَّه به ـ جنهن شيءِ جهڙو ٻيءَ شيءِ کي ڪري ڏيکارجي.

وجه شبه ـ جا صفت، مُشَبَّه ۽ مُشَبَّه به ٻنهيءَ ۾ لڀي.

غرض تشبيه ـ جنهن مقصد لاءِ، هڪڙي شيءِ ٻيءَ شيءِ جهڙي ڪري ڏيکارجي.

حرف شبه ـ جنهن جي ذريعي مُشَبَّه ۽ مُشَبَّه به کي پاڻ ۾ ملائجي.

مثال: "هي پهلوان شينهن جهڙو آهي"ـ انهيءَ جملي ۾ "پهلوان" "مُشَبَّه" آهي، "شينهن" "مُشَبَّه بِه"، "طاقت" "وَجه شبه"، پهلوان جي طاقت مندي ۽ پهلواني ڏيکارڻ "غرض تشبيه"، "جهڙو" حرف تشبيه.

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

سَروَ جهڙو يار جو قد، چنڊ جهڙو منهن سندس،
نرگس جهڙيون اکيون ۽ ماڻ جهڙا لال لب.

ـ"حڪيم"

"قدُ" "مُشبّه"، "سرو" مُشبّه به، "سڌائي" وجه شبه، "يار جي قد جي سهڻي سڌائي ڏيکارڻ" غرض شبه "جهڙو" حرف تشبيه. اهڙيءَ طرح "چنڊ جهڙو منهن" "نرگس جهڙيون اکيون" "پان جهڙا لب"- اهي فقرا به سمجهڻ گهرجن.

## تشبيھ جا ڪي نمونا

ملفوف- پهريائين به- چار مُشبّه آڻجن ۽ پوءِ ترتيبوار مُشبّه به.

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

وَنيلُ چوٽو ڪَليل منهن، سهڻو قد محبوب منهنجي جو،
ٿيو جڻ مُشڪ خالص، ماهتاب ۽ سَروِ بُستاني.

-"حڪيم"

"ونيل چوٽو" مشبه، "مشڪ خالص" مُشبه به۽ "ڪليل منهن" مشبه، "ماهتاب" مشبه به۽ "سهڻو قد" مشبه۽ سرو بستاني" مُشبّه به.

مجمل- جنهن ۾ جيتوڻيڪ "وجه شبه" بيان ٿيل نه هجي، ته به آسانيءَ سان سمجهي سگهجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ڪيترو ئي لرم ٿي، آزيون ليازيون تو ڪريان،
ڪو اثر ظاهر نٿو ٿئي، جڻ ته دلِ پٿر اٿس.

-"حڪيم"

"دِل" مشبه، "پٿر" مشبه به، "سختي" وجه شبه. جيتوڻيڪ سختيءَ جو ذڪر شعر ۾ ڪونهي، پر سڀڪو سمجهي سگهي ٿو ته پٿر سخت آهي.

مفصل- اهڙي تشبيه جنهن ۾ "وجه شبه" بيان ڪيل هجي. مثال:

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

ڀڄان ٿو تيغ ابرو کان، ڪمان سان جنن ڀڄي ٿو ڪر،
ڊڄان ٿو مست چشمن کان، ڊڄي جنن شينهن کان ڪري.

"حڪيم"-

هنهي ۾ "وجه شبه" "ڀڄڻ" آهي. هتي مشبه به ۽ مشبه ۾ اضافت آهي.

قوي- جنهن ۾ مشبه ۽ مشبه به ته موجود هجن، پر حرف تشبيه ۽ وجه شبه بيان ڪيل نه هجن- مثال:

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

گلابي گل ٿيا گل يار جا ۽ لب ٿيا لال،
صنم جي سونهن چاندوڪي، سمن ٿيو جسم جاليءَ جو.

"حڪيم"-

"گل" مشبه، "گلابي گل" مشبه به، (حرف تشبيه ۽ وجه شبه، ندارد)؛ "سونهن" شبه، "چاندوڪي" مشبه به، (حرف تشبيه ۽ وجه شبه ڪونهي)، "جسم" مشبه، "سمن" مشبه به، (وجه شبه غيرموجود).

ضعيف- جنهن ۾ مشبه، مشبه به، حرف تشبيه ۽ وجه شبه سڀ موجود هجن- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

روشنيءَ ۾ يار جو سُنهن جڻ ته آهي آفتاب،
زلف دلبر جا سياهيءَ ۾ ٿيا اڌ رات جڻ.

"حڪيم"

منهن ۽ زلف- مشبہ، آفتاب ۽ اڌ رات- مشبہ بہ، جھڙو- حرف تشبيہ، روشني ۽ سياهي- وجہ شبہ.

<u>ڪامل</u>- اهڙي تشبيہ، جنهن جي مشبہ کي مشبہ بہ، ۽ مشبہ بہ کي مشبہ بنائي سگهجي. مثال:

(مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن)

دَر دَر تو رُلان دلبر، آن عشق جو ديوانو،
ڏس شمع تہ ڪئن آهي ديوانو پروانو!

"حڪيم"-

جيڪڏهن پوئين مصرع ۾ "ديوانو" کي مشبہ ۽ "پروانو" کي مشبہ بہ سمجهجي تہ بہ ٺهي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن ابتڙ سمجهجي تہ بہ جائز آهي.

<u>ناقص</u>- اهڙي تشبيہ، جا بلڪل وهمي يا خيالي هجي، جنهن جو وجود ئي دنيا ۾ نہ هجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

چمڪندڙ منهن يار جي ۾ آهي چمڪاڻ جي موج،
سون جو درياء وهندڙ جنہ تہ لهرون ٿيو هئي.

"حڪيم"-

"چمڪندڙ منهن" مشبہ، "سون جو وهندڙ درياء" مشبہ بہ. "سون جي وهندڙ درياء" جو دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونهي، جنهن کي مشبہ بہ بنايو ويو آهي.

<u>حقيقت</u>

ڪو بہ لفظ يا جملو انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪجي، جا معنيٰ لغت موجب انهيءَ جي هجي. مثلاً "شينهن" جو لفظ خود شينهن (درندو جانور) لاءِ ڪم آڻجي، "ماڻهو" جو لفظ خود ماڻهو (انسان) لاءِ. جيڪڏهن "شينهن"

جو لفظ پهلوان جي معنيٰ ۾، ۽ "ماڻهو" جو لفظ فضيلت واري يا سڌريل جي معنيٰ ۾ ڪم آڻبو ته اها حقيقي معنيٰ چئبي.

## مجاز

ڪنهن لفظ يا جملي کي اهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻجي، جا منديس لُغوي ۽ حقيقي نه هجي، مگر انهيءَ لاءِ ڪو قرينو يعني خاص تعلق موجود هجي. مثلاً "فلاڻي جون ٻانهون ڊگهيون آهن"- هن جملي ۾ "ٻانهون ڊگهيون" پنهنجي حقيقي ۽ لغت واريءَ معنيٰ ۾ ڪم آندل نه آهن، بلڪ "ٻانهون ڊگهيون" معنيٰ "وڏي پهچ". هي قرينو (خاص نشان) انهيءَ مجاري معنيٰ سمجهڻ جو اهو آهي، جو ڊگهيون ٻانهون پري تائين پهچنديون آهن ۽ ننڍيون ٻانهون اوتري تائين نه، انهيءَ ڪري مجازي معنيٰ نڪتي "وڏي پهچ". مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ڏسو ته لالا جي لبن تي ڇا نه لاليءَ لڳي،
پانُ لالاجان ڪَي اڄ آهي ڪارايو بهار.

"بهار اخلاق"

"لالا جي گل کي پان کارائڻ" مان مراد آهي، "لالا جي گلن جي پنن کي ڳاڙهي رنگ ۾ رڱڻ". لالا جو گل پان ڪو نه چٻاڙيندو آهي، انهيءَ ڪري پان کارائڻ جي حقيقي معنيٰ نه ورتي. پان کائڻ مان چپ ڳاڙها ٿيندا آهن. اهو قرينو آهي مجازي معنيٰ وٺڻ لاءِ.

## ڪنايو

ڪو لفظ يا جملو جيئن ٺيڪ لغت واريءَ معنيٰ ۾ نہ آڻجي، بلڪ ڪنهن ٻيءَ مناسب معنيٰ ۾ ڪم آڻجي، تنهن هوندي بہ لغت واري معنيٰ ڏئي سگهجي. مثلاً، "فلاڻي جو چلهو سدائين گرم آهي"، "فلاڻي جو هٿ ڪشادو آهي". پهرئين فقري جي معنيٰ "فلاڻو مهمانواز آهي"، ٻئي فقري جي معنيٰ "فلاڻو سخي آهي". جيڪڏهن انهن فقرن جون لغوي معنائون وٺبيون، تہ بہ ٺهي سگهنديون. سدائين چلهو گرم انهيءَ جو هوندو آهي، جنهن جو رڌو-پڪو مهمانن لاءِ چالو هوندو آهي. سخيءَ جو هٿ، سواليءَ اڳيان هميشه کليل هوندو آهي.

### مجاز جا قسم

"مجاز" جا ٻہ قسم آهن: (۱) استعارو، (۲) مجاز مرسل.

استعارو- "استعاره" جي معنيٰ آهي "اڌارو وٺڻ". اصطلاح ۾ جيڪو قرينو يا خاص تعلق حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ هوندو آهي، سو جيڪڏهن تشبيه جهڙو هوندو، مگر تشبيه جو ڪو بہ حرف مثلاً جهڙو، وانگر، گهاءِ، مثل وغيره منجهس نہ هوندو، تہ "استعارو" چئبو. مثلا "شير ڏٺم، جنهن ترار پئي هلائي". انهيءَ فقري ۾ شمشير زن پهلوان کي شير سڏيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو جملو هن طرح ڪالهائبو: "شير جهڙي پهلوان کي ڏٺم، جنهن ترار پئي هلائي"، تہ پوءِ اهو "استعارو" نہ چئبو، پر "تشبيه" چئبي.

مجاز مرسل – جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪن لفظن جي حقيقي معنيٰ ڇڏي، مجازي معنيٰ وٺڻ ۾ ايندي، ته پوءِ ڏسبو ته مجازي معنيٰ ۾ تشبيه جهڙي معنيٰ آهي يا نه؟ جيڪڏهن تشبيه جي معنيٰ پيدا ٿيڻ جهڙو ”قرينو“ هوندو، مگر تشبيه جو ڪو ظاهر حرف نه هوندو مثلاً ”جهڙو، وانگر“ وغيره ته اهو ”استعارو“ چئبو، جهڙيءَ طرح استعاري جي بيان ۾ ذڪر آهي. پر جيڪڏهن تشبيه جي معنيٰ پيدا ڪرڻ جهڙو ”قرينو“ يا ”تعلق“ نه هوندو، بلڪ ڪو بيو قرينو هوندو، ته انهيءَ کي ”مجاز مرسل“ چئبو آهي.

## استعاري جا جزا يا ارڪان

جيئن تشبيه جا جزا يا ارڪان آهن، تيئن استعاري جا به آهن: (١) تشبيه ۾ جنهن کي ”مُشَبَّه“ چئجي ٿو، استعاره ۾ ان کي ”مستعار له“ چئبو آهي؛ (٢) جنهن کي مشبه به سڏجي ٿو، استعاري ۾ ان کي ”مُستعار مِنهُ“؛ (٣) جنهن کي ”وجه شبه“ ڪوٺجي ٿو، تنهن کي ”وَجهه جامع“؛ ۽ جو لفظ استعاري لاءِ اڌارو وٺي آڻجي ٿو، تنهن کي ”مُستعار“. انهن رڪنن يا جزن جي معنيٰ هين طرح آهي.

مُستَعارُله – جنهن لاءِ ڪو لفظ اُڌارو وٺي ڪم آڻجي. مثلاً، شينهن جو لفظ پهلوان لاءِ.

مُستَعار مِنهُ – جنهن شئي ڪان ڪو لفظ اُڌارو آڻجي. مثلاً، مشهور درنده جانور شينهن ڪان شينهن جو لفظ.

مُستعار- اڏارو ورتل لفظ.
وجه جامع- اڏاري وڃڻ جو پورو سبب.
"مون هڪڙو شينهن ڏٺو، جنهن خوب ترار پئي هلائي"- انهيءَ فقري ۾ پهلوان (جنهن جو نالو ورتل نه آهي) "مستعارله" جڏهن خود جانور شينهن "مُستعار منه"، طاقت "وجه جامع"، لفظ شينهن "مُستعار".

## استعاري جا ڪي نمونا

تمثيل - جنهن جو وجه شبه (وجه جامع) هڪ کان وڌيڪ ڳالهين مان ٺهيل هجي. استعاري جي قسمن مان تمثيل بهتر ۽ دلچسپ قسم آهي- مثال:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات)

دنيا جي گهر کي ڇاڻ سياڻا تون هڪ حباب،
اڀري ۽ جلد، جلد فنا ٿيي ۽ ٿو وڃي.
-"حڪيم"

مٿين شعر ۾ دنيا جو گهر "مستعارله"، خود حباب "مستعارمنه"، لفظ حباب "مستعار"، جلد فنائيت "وجه جامع"- هن تمثيل ۾ اڀرڻ ۽ اڀرڻ جي جلدي، فنائيت ۽ فنائيت جي جلدي ايتريون ڳالهيون آندل آهن.

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن)

نيڻ وارن جو لٿو، چو ته ڪيئن، ايرا پيرا؛
هاڻي ڪاڏي ته ڪي هٿ پوچي اچي، پيو ٿو گهمان!
-"حڪيم"

وارن جو ڪارو رنگ لهي وڃڻ، پير نيرا ڪرڻ، ڪاڏيءَ کي اچي پوچي هڻڻ، يعني اڇن وارن وارو ٿيڻ، انهيءَ حال سان بي شرم ٿي گهمڻ— ايتريون سڀ ڳالهيون مٿين شعر ۾ بيان ٿيل آهن. هن ۾ مستعار له ”پيري ۽ پيداهو، گنهگاري ۽ بدڪاري“ آهي.

استعارهءِ داخليہ— ”وجه جامع“ استعاري جي معنيٰ ۾ داخل هجي— مثلاً آڏامڻ معنيٰ ڊوڙڻ. ”اڏامڻ ۽ ڊوڙڻ“ ٻنهي جو وجه جامع (مطلب) ساڳيو آهي، يعني هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچڻ— مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

ڪٿي اي قاصد، هي منهنجو خط آڏام، آڏام؛
رسائي يار کي جلدي، چئي ادب سان سلام.

يعني، ’اي قاصد، تکو ڊوڙي، منهنجو خط جلد يار کي پهچاءِ‘. آڏامڻ جو لفظ تکي ڊوڙڻ لاءِ آڏارو ورتل آهي، ۽ وجه جامع (هڪ هنڌان جلد ٻئي ٻئي هنڌ پهچڻ) ٻنهي ۾ هڪ جهڙو موجود آهي.

استعارهءِ خارجيہ— وجه جامع معنيٰ کان خارج هجي— مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

انقلاب دهر کان اڄ ڪالو ڪارا ٿيا سفيد،
ڪالوَ ڪارا ٿيا ڪبوتر، شانُ بالا تن جو ٿيو!

”ڪانوَ ڪارا“ جوانيءَ جا ڪارا وار. ”ڪبوتر“ پيريءَ جا اڇا وار. ڪبوترن جو شان ڪانوَن کان بلند ۽ بالا آهي: پيرمردن جي عزت جوانن کان

سرس آهي. هتي وجه جامع سفيدي آهي، مگر سفيدي نہ جوانيءَ جي وارن ۾ آهي، ۽ نہ ڪانوَن ۾.

استعارهء مطلقہ- جنهن ۾ نہ "مستعار له" جي ڪا صفت ذڪار يل هجي، ۽ نہ "مستعار منه" جي. مثلاً "اڄ شينهن اچي ويو"- يعني پهلوان اچي ويو. هن ۾ نہ مستعار له (پهلوان) جي ڪا صفت ڄاڻايل آهي، ۽ نہ مستعارمنه (جانور شينهن) جي- مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعول)

(١) ٿيس خوش تہ گل باغ ۾ آيو آ،
آن بلبل ۽ ڊوڙي وڃي آت رسيس. -"حڪيم"

هيتي گل مان مراد محبوب آهي. هن شعر ۾ نہ مستعار منه (گل) جي ڪا خاص صفت ڄاڻايل آهي، ۽ نہ مستعار له (محبوب) جي.

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن)

(٢) ڪڏهن ٿي ڪج پيا، هي زماني جو رنگ آهي!
ڊيلن جي جاءِ ڪانوَ وٺي ويا، ڪلنگ آهي!

استعارهء مجردہ- جنهن ۾ "مستعار له" مان ڪي واسطو رکندڙ وصفون بيان ڪيل هجن- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ارگسين چشمن سان موهيو مون کي، ان سرو سهي،
نرگسن کي پٺ لهي ڪيئين، جن اکيون هوري چڏيون.
-"حڪيم"

هن ۾ "مستعار له" (محبوب) جون ٻہ صفتون بيان ڪيل آهن: (١) عاشق کي پنهنجن نرگسين اکين

سان موهڻ، (٢) نرگس کي شرمسار ڪرڻ. "سرو سهي" مستعار، "محبوب" مستعار له.

## مجاز مرسل جا ڪي نمونا

"مجاز مرسل" ٻوليءَ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هو عام طرح ٻوليءَ ۾ ڪم ايندو رهندو آهي، انهيءَ ڪري "مجاز مرسل" جا ڪي ضروري نمونا لکان ٿو، تا ته ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ "مجاز مرسل" سمجهه ۾ اچي سگهن.

ڪُليه- ڪُل ٿو جو ذڪر ڪري، جُزي جي معنيٰ وٺجي- مثال:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

ٿيو شرمسار باغ ۾ اي گل! گل سمن،
ڏاتو جڏهن تو حسن سندو تن تي پيرهن.
-"حڪيم"

"تن" مٿي ڪان وٺي پيرن تائين ساري جسم کي چئبو آهي، جو "ڪُل" چئبو. "پيرهن" جسم جي فقط هڪ حصي جو لباس آهي، جو جسم جو جزو چئبو. هتي ڪل "تن" جو ذڪر ڪري، جسم جي انهيءَ جزي جي معنيٰ ورتي وئي آهي، جنهن تي پيرهن پهربو آهي.

جزئيه- ذڪر جُزي جو ۽ معنيٰ ڪُل جي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

اکيون ۾ تنهنجي اجهو اچ مٿو لڪايو مون،
اجها! اجهو ڏج مون، ڪج ته بي اکيون مون کي.
-"حڪيم"

هتي "مٿي" مان مراد سڄو جسم آهي، مٿو جزو آهي ۽ جسم، ڪُل.

سببيه- ذڪر سبب جو، ۽ مراد مُسَبَّب جي- مثال:

(فاعلاتن مفاعلن فعلن)

عشق جي باهه منهنجي دل ۾ آهه،
حسن جي نُور تنهنجي چهري ۾. -"حڪيم"

"باهه"، سبب؛ مراد "گرمي" جا مُسَبَّب آهي.

مُسَبَّبيَه- ذڪر مُسَبَّب جو، ۽ مراد سبب جي- مثال:

(مفاعلات فعولن مفاعلن فعلن)

ٻري ٿي باهه، وِسايان، لٿي وسامي سا،
ٿي تنهنجي لاءِ شرابي! ڪباب دل منهنجي.
-"حڪيم"

باهه ڪانهه ٻرندي آهي؛ باهه ٻرڻ جو سبب ڪا ٻي شئي هوندي آهي (ڪاٺي وغيره).

هتي "باهه" مُسَبَّب آهي، ۽ "دل" سبب- يعني، دل جي سڙڻ ۽ ٻرڻ مان باهه پئي دکي.

محليه- ذڪر محل يعني ظرف جو؛ مراد، مظروف يعني ظرف يا محل ۾ رهندڙ جي- مثال:

(فاعلاتن فعلاتن فعلن)

حال منهنجي جي خبر آهي سڄي شهر کي؛ پر
هي عجب آهي، جو تون ٿي ٿو رهين ناواقف!
-"حڪيم"

شهر، محل يا ظرف، مراد، شهر ۾ رهندڙ (مظروف) يار.

آليه- ڪنهن اوزار جو ذڪر ۽ مراد، اوزار سان واسطو رکندڙ ڪم جي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ڪڏهن تون ملندين ٻه مون سان؟ زبان ڪر هڪڙي،
رڙان پيو ٿو تنهنجي لاءِ روز و شب- ڪن ڏي!

-"حڪيم"

زبان، سخن جو اوزار آهي ۽ ڪَنَ ٻڌڻ جو، "زبان ۽ ڪَنَ" مان مراد آهي "سخن ۽ ٻڌڻ".

ماضيه- ڪنهن جي گذريل حالت بيان ڪري، مراد وٺجي حاضر حالت جي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

ڏسين ٿو آهيان فقط هڪڙي مُٺ مٽيءَ جي، بس
آ تنهنجي مرضي مٽياليئم، يا ڪرين برباد.

-"حڪيم"

انسان اصل مٽيءَ مان بڻيل ۽ مٽيءَ جو پُتلو آهي. انسان جي اها حالت ماضيءَ ۾ هئي، پر هاڻي هو مٽيءَ جو بوتو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هتي ماضيءَ واري حالت بيان ڪري، هاڻوڪي جسم جي مٽيءَ ورتي ويئي آهي.

استقباليه- ايندڙ زماني جي حالت، ڪي موجود حالت بنائي، بيان ڪجي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

ادا ۽ ناز سان پنهنجي مِٽا، مٽي ڪي نه مار،
نه ڄمي نه ڄمي! اي سڄڻ، تون ڄمي وڃين ٿو، مارا

"مثو" هڪ اهڙي حالت آهي، جا زمان مستقبل ۾ ٿيڻ واري آهي، مگر شاعر هيٺرئي ماڻ کي انهيءَ حالت ۾ بيان ڪري ٿو:

## تعريض

"تعريض" بہ مجاز جو هڪ قسم آهي. "تعريض" چئبو آهي اهڙي اِشاري کي، جو ڳالهہ ڪجي ڪنهن هڪڙي جي ۽ اِشارو هجي ڪنهن ٻئي ڏي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

مثل سبزه آهيان، پل پار هيرن ۾ لتاڙ،
خار ناهيان، جو رسايان ڪنهن کي ڀي آزار آن.
-"حڪيم"

هن شعر ۾، ظاهر ڪري نرمي بيان ڪيل آهي، مگر اشارو محبوب جي سختيءَ ڏانهن آهي.

## ڪنايي جا ڪي نمونا

ايما - اهڙو ڪلام جنهن جي حقيقي معنيٰ مان غير حقيقي معنيٰ جلد سمجهہ ۾ اچي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

ڪمر ٻڌل ڏس اهو هو قتل لئي منهنجي،
ترار ڇيلهہ سان، جڻ سولجر، مٿي دشمن.
-"حڪيم"

"ڪمر ٻڌل" جي حقيقي معنيٰ آهي "سندرو ٻڌل"، جنهن مان غير حقيقي معنيٰ "بلڪل تيار" جلد سمجهہ ۾ اچي ٿي.

رمز - جنهن جي معنيٰ ۽ مراد ڪنهن خاص اصطلاح سمجهڻ تي منحصر هجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

راتيون جاڳيان ياد ۾ دلبر جي ۽ تڪيان پيو واٽ،
ڳولي ڳوناٺو ٿو نيڙو ڪٿيون اڄ رات جو.

–"حڪيم"

ڳوناٺو رات جو نيڙو ۽ ڪٿيون ڏسي، وقت معلوم ڪندو آهي. هنن جو اهو خاص اصطلاح آهي. شاعر چوي ٿو ته 'آءٌ انتظار سان، اي محبوب، تو لاءِ اٿين واٽ نهاريان ٿو، جيئن ڳوناٺو وقت لاءِ نيڙو ۽ ڪٿيون نهاريندو آهي!

تلويح – جا صفت ڪنهن ڳالهه لاءِ ضروري هجي، آها بيان ڪري، خود آها ڳالهه مراد وٺجي – مثال:

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن)

مون تي ڪرم ڪرڻ ۾ تون ڪنجوس ٿو رهين،
همٿ بند آهي تنهنجو سدا منهنجي واسطي!

–"حڪيم"

"همٿ بند رکيل" ڪنجوس جي خاص صفت آهي. اها صفت بيان ڪري، ڪنجوسي مراد ورتي وئي آهي. يعني، تو وٽان منهنجي لاءِ مهرباني ڪرڻ ۾ هميشه ڪنجوسيءَ جو مظاهرو ٿيندو رهي ٿو.

علم بديع، علم بيان ۽ علم معانيءَ جي مثالن ۾ مون گهٽو ڪري شعر لکيا آهن، مگر اهي سڀ علم، نثر ۾ به ڪم آڻيا ۽ ڏسبا آهن. البت شاعرن جي ڪلام ۾ججها هوندا آهن.

پهاڪن ۾ ته صنايع بدايع جهڙون صفتون اڪثر لڀنديون آهن. عالمن جو متفق رايو آهي ته "مجاز

حقيقت کان وڌيڪ بليغ آهي" ۽ "ڪنايو وڌيڪ بليغ آهي صريح ڪلام کان".

آءٌ هتي بديع ۽ بيان جي خوبين وارن پهاڪن مان مثال طور پهاڪا لکان ٿو.

## پهاڪا

"آزمائي کي جو آزمائي، سو ڏُوڙ منهن ۾ پائي".
هِن پهاڪي ۾ "ڌوڙ منهن ۾ پائڻ" "ڪنايي" مان "اِيما" جو قِسم آهي. "ڌوڙ منهن ۾ پائڻ" جي حقيقي معنيٰ آهي "ڌوڙ جو ڀَڪُڪٽي، منهن ۾ وجهڻ". اهو ڪبو آهي افسوس ۽ ماتم، ڏک جي اظهار ۽ پڇتائڻ وقت. انهيءَ ڪري انهيءَ فقري مان فوراً غير حقيقي معنيٰ افسوس ڪرڻ ۽ پڇتائڻ معلوم ٿي وڃي ٿي. يعني، جيڪو آزمائي کي آزمائيندو، سو آخر پڇتائيندو، پر حقيقي معنيٰ وٺبي، ته به ڪلام بي معنيٰ نه ٿيندو.

"اَڪَن کان انب گهُرڻ ناداني آهي". هن ۾ "استعاره مُطلقه" آهي، ڇو ته نه مستعارمنه (اَڪَن) جي ڪابه صفت بيان ٿيل آهي ۽ نه مستعارله (بڇڙي ۽ نالائق انسان) جي ڪا صفت بيان ڪيل آهي. جڏهن ته اڪن ۾ مٺاڻ جي خاصيت ۽ انبن واري لياقت ڪانهي، تڏهن اڪن جو لفظ بڇڙي ۽ نالائق انسان لاءِ اڌارو ورتي، ڪم آندو ويو آهي، ۽ جڏهن ته آڪَن جي آڪ ٽٽڻ جي صورت انبن جهڙي ٿي ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري اڪن جو لفظ اهڙي انسان لاءِ ڪم آندل

آهي، جنهن جي شڪل تہ ماڻهن جهڙي هجي، مگر منجهس ماڻهپو، فضيلت، لياقت ۽ فيض نہ هجي. يعني، بي فيض انسان مان اميد فيض جي رکڻ عبث آهي. "انبن" بہ بہ ساڳيو استعارو آهي.

"جي آڪرين بہ مٺا وجهن، سي مهرين پٺي ڪين ڏيچن." هن بہ "استعاره مطلقه" آهي. جي مصيبتون سِر تي سهائيندا، سي ڏک ۽ تڪليفن کان نہ ڏچندا.

"آنَ جو منهن جنڊ ڏي". هن بہ تمثيل" آهي. هن بہ "وجه جامع" هڪ کان وڌيڪ ڳالهين مان ورتل آهي: (١) آنَ جو منهن، (٢) جنڊ.

"ترار جو ڦٽيل ڇٽي سگهي، زبان جو ڦٽيل نہ ڇٽي". هن بہ "استعاره موجوده" آهي. مستعارله (جنهن کي گاريون ملن، يا جنهن جي ڪلا ٽٽي) لاءِ ڦٽجڻ ۽ ڇٽڻ جون حالتون ڏيکاريل آهن.

"بُڪ بہ بصر بہ ميٺو". "استعاره مجرده" آهي. "بصر" مستعارمنه آهي: ٿوري ۽ جهڙي تهڙي شئي، مستعارله. انهيءَ مستعارله لاءِ "ميٺو" صفت بيان ڪيل آهي- يعني، وڏيءَ ضرورت وقت ٿوري ھورت بہ غنيمت آهي.

"ٿڌو گهڙو ٻاڻ کي ٻاٺي چانو بہ ويهاري". هي ڪنايو آهي. "ٿڌو گهڙو" معنيٰ، "چڱو ۽ وڻندڙ انسان". "چانو" معنيٰ، سُک ۽ آرام"، عزت ۽ پيار.

يعني، چڱو ۽ وڏندڙ انسان پاڻ کي پاڻهي پيارو ۽ عزت وارو ڪندو.

"جيڏرو ته لک جو، مٺو ته ڪک جو." هي به ڪنايو آهي. يعني جيڏرو انسان قيمتي آهي. مٺو ته پائي به نه لهي.

"ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا." هي به ڪنايو آهي. يعني زوراور ماڻهو هر طرح پنهنجي ڏاڍائي ڏيکاري سگهي ٿو.

"مٿا مور نه جاڳاءِ." هي استعاره مطلقه آهي. وسريل دردناڪ ڳالهين کي "مٿا مور"، ۽ ياد ڏيارڻ کي "جاڳائڻ" سان استعارو ڪيو ويو آهي.

"وڏهن شينهن لتاڙجن ٻوڙا." هي به استعاره مطلقه آهي. يعني وڏهن ڏاڍا مڙس، ستائجن ڪمزور.

تشبيهون ۽ استعارا، مجاز ۽ ڪنايا جيئن ٻين سڌريل ٻولين ۾ هوندا آهن، تيئن سنڌيءَ ۾ به آهن، پر ادبي زبان جي ترقيءَ خاطر، سنڌيءَ پنهنجي ملڪي موجودات مان تشبيهن ۽ استعارن، مجازن ۽ ڪناين ٺاهڻ کان سواءِ ٻين ٻولين جو به اهڙو اسباب پاڻ وٽ چڪي آندو آهي. مثلاً گل ۽ بلبل، شيرين ۽ فرهاد، چنگ ۽ رباب، شراب ۽ ڪباب، صراحي ۽ ساقي، شمع ۽ پروانو، ميڪده ۽ ميخانه، ڪاڪل مشڪين، دامِ زلف، لب لعلين، آهو چشم، نرگس چشم، آهو گردن، تيغ ابرو، تير مژگان، شمشاد قد، سرو قامت، صنوبر بالا، خزان و بهار، نازڪ اندامي، ڪبڪ خرامي، وغيره وغيره.

صفائيءَ لاءِ وري بہ بيان ڪريان ٿو. "ڏس تہ گل آهي؟" "گل" باغ جي گل کي چئبو آهي، ۽ "گل" ماڻهو جو نالو بہ هوندو آهي. جيڪڏهن چوندڙ جو مطلب آهي "باغ وارو گل" تہ اِها "حقيقت" چئبي، ۽ جيڪڏهن چوندڙ جي مراد آهي آهو ماڻهو جنهن جو نالو "گُل" آهي تہ اهو مجاز چئبو.

## استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي ۾ تفاوت

"استعاري" ۽ "مجاز مرسل" ۾ لفظن جي لغوي ۽ حقيقي معنيٰ نہ ورتي آهي. جيڪڏهن ورتي تہ مضمون بي مطلبو ٿي پوندو. "شينهن ترار پئي هلائي"- انهيءَ فقري ۾ جيڪڏهن "شينهن" جي معنيٰ مشهور درندو جانور ورتي، تہ اهو ترار ڪيئن هلائيندو؟ پوءِ اهو جملو ئي بي معنيٰ ٿي پوندو. انهيءَ ڪري اهڙي جملي ۾ ضرور مجازي معنيٰ ورتي- يعني، "پهلوان". باقي "ڪنايو"، سو جيتوڻيڪ منجهس اصلي ۽ حقيقي معنيٰ نہ ورتي آهي، پر جيڪڏهن کڻي ورتي، تہ بہ جملو بيمعنيٰ نہ ٿيندو. "فلاڻي جون ٻانهون ڊگهيون آهن"- انهيءَ جملي ۾ "ڊگهيون ٻانهون" حقيقي معنيٰ ۾ نہ آهن، بلڪ "ٻانهون ڊگهيون" معنيٰ "وڏي پهچ". پر جيڪڏهن انهيءَ جملي جي معنيٰ ورتي "ڊگهيون ٻانهون" تہ بہ جملو بي معنيٰ نہ ٿيندو، ڇو تہ ڪن ماڻهن جون ٻانهون ننڍيون ٿينديون آهن ۽ ڪن جون وڏيون.

جيتوڻيڪ حقيقي معنيٰ وٺڻ سان ڪلام ۾ ڪا ڪماليت نہ رهندي، تہ بہ ڪا نہ ڪا مناسب معنيٰ ضرور نڪرندي.

## استعاري ۽ تشبيھ ۾ فرق

"استعارو" درحقيقت "تشبيہ" جو ٻي نمونو آهي. فرق فقط هي آهي، جو "تشبيہ" ۾ حرف تشبيہ ايندو آهي، جنهنڪري مشبہ ۽ مشبہ بہ جدا جدا سمجهيا ويندا آهن، ۽ "استعاري" ۾ "مستعار" خود "مستعارمنہ" بڻايو ويندو آهي. "فلاڻو شينهن جهڙو آهي"- انهيءَ جملي ۾ تشبيہ آهي، ۽ حرف تشبيہ آندل آهي، جنهنڪري "فلاڻو" ٻي شئي ۽ "شينهن" ٻي شئي سمجهي وڃي ٿي. "فلاڻو شينهن آهي"- انهيءَ جملي ۾ "فلاڻو" کي خود "شينهن" ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

## علم معاني

"علم معاني" اهڙن قاعدن جي مجموعي کي چئبو آهي، جن جي ذريعي لفظن جي حالتن کان واقف ٿجي، ۽ ڳالهائيندڙ، يا لکندڙ پنهنجي مراد بيان ڪرڻ ۾ معنوي غلطي نہ ڪري. ٻين لفظن ۾ "ڪلام فصيح ۽ بليغ، ۽ ڪلام غير فصيح ۽ غير بليغ ۾ فرق ڪري سگهجي". هن مان اوهين سمجهندا تہ علم معانيءَ ۾ فقط ٻن ڳالهين جو بيان هوندو:

(١) فصاحت، (٢) بلاغت.

فصاحت: جڏهن ته "علم معاني" جي عالمن وٽ "لفظ، جملو ۽ ڳالهائيندڙ" اهي تيئي فصيح ٿي سگهجن ٿا، تڏهن انهن ٽنهي جو بيان الڳ الڳ ڪجي ٿو.

لفظ فصيح، اهڙي لفظ کي چئبو آهي، جنهن ۾ (الف) (١)، نه اهڙا حرف هجن، جن جي ڪري انهيءَ لفظ پڙهڻ ۾ زبان کي ڏکيائي يا ڳراڻي معلوم ٿئي. جهڙيءَ طرح لفظ "رڙهڻ" جنهن ۾ "ڙ،هه" ۽ "ڻ" جي گڏجڻ ڪري لفظ ٿي ڳرو ۽ اڙانگو ٿي پيو آهي؛ (ب) (٢)، نه اهڙا آڏا آبتا ۽ هيٺ مٿي حرف هجن، جي لفظ جي اصليت جي برخلاف هجن- جهڙيءَ طرح لفظ "هرماه"، جو "همراه" جي بگڙيل صورت آهي؛ (ج) (٣)، نه منجهس جهنگلي نمونې جو آچار هجي، جو ادبي رنگ کان بيرنگ هجي- جهڙيءَ طرح شتُرڪو، موتاج، ڪاش.

ڪلام فصيح- اهڙيءَ عبارت کي چئبو آهي، جنهن ۾ (الف) (٤)، زبان تي ڳراڻي پيدا ڪندڙ لفظ نه هجن- جهڙيءَ طرح "ڳڙ جي ڀيڙي روهڙيءَ کان رڙهندي وئي"؛ منجهس اهڙا جملا نه هجن، جي

(١) اصطلاح ۾ ان کي تنافر چئبو آهي.
(٢) انهيءَ کي مخالفت قياس لغوي چئبو آهي.
(٣) انهيءَ کي غرابت چئبو آهي.
(٤) انهيءَ کي ضعف تاليف چئبو آهي.

ورجيسن ۽ محاورن جي برخلاف هجن - جهڙيءَ طرح "گل لٽڻ" اِهو سنڌي محاوري جي برخلاف آهي: محاورو آهي "گل پٽڻ" يا "گل چونڊڻ". (ب)*، منجهس اهڙا جملا ۽ اهڙيون ترڪيبون نه هجن، جن جو مطلب ۽ مراد سمجهڻ ۾ مشڪل ٿي پوي - مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

(١) تنهنجي ڳولڻ لئي اکيون منهنجيون آئيون،
پر نه آئين هٿ اکيون پوئيم ڪٿي.

- "حڪيم"

پهرين مصرع ۾ ڳولڻ لاءِ اکين جو آئڻ، ظاهر ڪري سمجهه ۾ ئي نٿو اچي. چو ته "اکين جو آئڻ" چئبو آهي "اکين جي اچڻ" کي. جنهن جون اکيون پچنديون، سو ڪنهن شئي کي ڳوليندو ڪيئن؟ ٻيءَ مصرع جو مطلب به صاف سمجهه ۾ نٿو اچي. ڪنهن جي نه هٿ اچڻ ڪري، اکيون پوئيون ڪنهن؟ پر شاعر جي مراد آهي ته "تُنهنجي ڳولڻ لاءِ منهنجون اکيون تيار ٿيون ۽ سڀري پيئيون. ڳولا گهڻي ڪيائون، پر هٿ نه آئين. آخر نااميد ٿي، مري ويس".
(١) "اوهان جيءِ گهمندي گهمندي گهر اچي نڪتس". اِها عبارت غير فصيح آهي. محاوري موجب، هن طرح هئڻ گهرجي: گهمندي گهمندي، اوهان جي گهر اچي نڪتس".

---

* الهيءَ کي تعقيد چئبو آهي.

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن)

(۲) در ڪينڪي ڇڏينه س، جي تون تڙين ٻ، تنهنجو،
ساري اِتي گذاريان ڇڏ يار عمر پنهنجي!
—"حڪيم"

انهيءَ شعر جو مضمون هن طرح هئڻ گهربو هو: "جي تون تڙين، ته ٻ، تنهنجو در ڪين ڇڏيندس - ڇڏ، يار، ته ساري عمر اتي گذاريان!" انهيءَ شعر کي قيرائيءَ هيئن لکجي ته شعر فصيح ٿي پوندو:

در ڪينڪي ڇڏينه س تنهنجو، تڙين جي تون، ته ٻ،
ڇڏ، يار عمر پنهنجي ساري اِتي گذاريان!
—"حڪيم"

(د) (۱)، اهڙو ڪلام، جنهن ۾ هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتيون اضافتون نه هجن - جهڙيءَ طرح "بلبل، باغ جي گل جي خوشبو جي سنگهڻ جي لاءِ حيران ۽ پريشان آهي"— مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

يار جي ديدار جي گلزار جي ديدار لاءِ،
منهنجي ديدن جي اطر جي لاءِ سرمو خاڪ دوست.
—"حڪيم"

پهرين مصرع ۾ اضافتن جو اجتماع آهي، جي هڪ ٻئي سان لاڳيتيون آهن، انهيءَ ڪري شعر غير فصيح ٿيو. اهو شعر هن طرح هجي ته فصيح ٿيو:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات)

گلزار روئي يار جي ديدار واسطي،
ليڪن جي لاءِ منهنجي؛ ٿيو سرمو خاڪ دوست. —"حڪيم"

---

(۱) هن کي توالي اضافات چئبو آهي.

فصيح ڳالهائيندڙ اهو چئبو، جنهن جو سخن ۽ ڪلام فصاحت جي برخلاف مٿي ذڪر ڪيل عيبن کان آجو هجي. هو فصيح ڪلام ڳالهائڻ تي قادر هجي. ڳالهائڻ ۾ نه لغت جي لحاظ موجب غلطي ڪري نه صرف ۽ نحو جي قاعدن جو النگهن ڪري، ۽ نه علم معانيءَ جي لحاظ کي نظرانداز ڪري. جنهن ڳالهائيندڙ ۾ اهي اوصاف نه هوندا، ته اهو "انسان ناطق" ڪٿي چئبو، پر نه انسان فصيح.

<u>بلاغت:</u> ڪلام بليغ چئبو آهي اهڙي ڪلام کي، جنهن ۾ فصاحت جون سموريون صفتون ته لڀن، پر وڌيڪ هي ڳُڻ به منجهس هجي، جو جاءِ، وقت ۽ حالت مطابق هجي. غم جي وقت، مجلس ۽ حالت ۾ ڪو به خوشيءَ جو اظهار نه هجي، شاديءَ جي وقت، مجلس ۽ حالت ۾ غم جو ڪلمو زبان تي نه اچي. ڪنهن معزز ۽ بزرگ ماڻهو جي ڪٽنب جي ڳالهه ڪرڻي هجي ته "پٽس، ماٽس، جوٽس، ڌيٽس، پٽس" ڪري نه چئجي. اهو نمونو بازاري ۽ بلاغت جي برخلاف چئبو، جهڙو جنهن جو شان، تهڙوئي شاندار ڪلام ۽ شاندار لفظ ڪم آڻجن. اهڙا لفظ هن طرح چئجن: سندن پتا يا والد، سنديس ماتا يا والده، سنديس گهرواري يا بيبي، سنديس نياڻي يا دختر، سندس پٽ يا فرزند. اهڙن لفظن کان سواءِ، "س" ضمير غائب اهڙن هنڌن ڪم آڻڻ اڪلي جي بيعزتي آهي. اڪلي

ڪي ڪنهن ڳالهه جي خبر ئي نه هجي ۽ ڪيس خبر ڏيڻي هجي، ته معمولي ڪلام ڪم آڻبو. مثلاً ”جج ڪورٽ ۾ اچي ويو آهي“. اڳلي کي ڪنهن ٽيل ڳالهه ۾ شڪ هجي، ته ان کي خبر ڏيڻ وقت ڪلام ۾ زور ڏبو ۽ ذرا تاڪيدي لفظ وڌائڻو پوندو. مثلاً، ڪنهن کي جج جي اچڻ ۾ شڪ آهي ته مٿيون جملو هن طرح چئبو: ”جج يڪ ڪورٽ ۾ اچي ويو آهي“. جيڪڏهن ڪنهن کي جج جي اچي وڃڻ کان صفا انڪار آهي، ته اهڙي ماڻهو کي جج جي اچڻ بابت هن طرح چئبو، ”ايمان جو سٺهن (يا خدا جو قسم) جج ڪورٽ ۾ يڪ اچي ويو آهي.“ انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته ”بليغ انسان“ اهو چئبو، جو فصيح به هجي ۽ حالتن مطابق به ڳالهائي. هاڻي اسين فصاحت ۽ بلاغت جي تفصيل بيان ڪرڻ کان اڳ ڪن واسطيدار ڳالهين جو ذڪر ڪريان ٿو.

## طبع صحيح ۽ ذوق سليم

طبع صحيح ۽ ذوق سليم، فصيح ۽ بليغ انسان لاءِ ضروري وصفون آهن، مگر اهي خداداد ۽ ڏاتار جي ڏات آهن. ڏسجي ٿو ته ڪيترائي انسان انهيءَ نعمت کان محروم آهن. تعليم يافته ٿيڻ بعد به هنن ۾ نه طبع صحيح جي روشني موجود ڏسبي آهي ۽ نه ذوق سليم جو نُور. هن ڪي اها خبر ئي ڪانه

هوندي آهي ته فصاحت ۽ بلاغت آهي ڇا؟ ڪنڊا آهن يا گل؟ سٽ آهي، يا پٽ؟ پشم آهي، يا ريشم؟ طبع صحيح هڪ ڪاريگر وانگي آهي ۽ عمدو ڪلام سندس ڪاريگريءَ جو هڪ نمونو. ڪاريگر جيترو قدر پنهنجي هنر ۾ هوشيار ۽ فن ۾ فائق هوندو، اوترو قدر سندس ڪم سارا هه جوڳو، بلڪ بينظير ٿيندو.

## اديبن ۽ مصنفن جا ڪتاب ڏسڻ گهرجن

"بلاغت" ۾ ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪامل اديبن ۽ بليغ مصنفن جا ڪتاب ضرور ڏسجن. اهڙا مضمون، جي بلاغت جي قاعدن مطابق لکيل هجن، سي بلاغت جي قاعدن معلوم ٿيڻ بعد انهيءَ باري ۾ پوري رهبري ڪندا. فقط قاعدا پڙهڻ ڪافي نه آهن، پر انهن جو عملي نقشو اديبن جي نظم ۽ نثر ۾ ئي ڏسجي سگهجي ٿو. اهڙا اديب، جي سند لائق هجن ۽ انهن جو ڪلام شاهديءَ ۾ پيش ڪري سگهجي، ڪي ٿورا ۽ خاص درجي جا ئي هوندا آهن. "علم معاني" پڙهڻ کان پوءِ ئي ڪري ۽ ڪوڙي جي خبر پوندي آهي.

## مضمون جي بيهڪ

جيتوڻيڪ بليغ ڪلام لاءِ ٺاهوڪا لفظ ۽ عمديون معنائون ضروري شيون آهن، ته به مضمون جي بيهڪ

ضرور سهڻي ۽ ناموڪي هجي. اکر اکر سان ائين جَڙيل هجي، جيئن زيور تي هيرا، لفظ لفظ سان ائين جڪڙيل هجي، جيئن زنجير جون ڪڙيون. لفظ ڪهڙا به ڪٿي اعليٰ درجي جا هوندا، پر جيڪڏهن ماڳائتا ۽ برمحل ڪم آندل نه هوندا، ته ڪلام ۽ مضمون ۾ بلاغت واري ڀيهڪ نه ٻيهندي. انهيءَ کي اصطلاح ۾ "بندش" چئبو آهي- جهڙيءَ طرح "ڪالهه وڏيرو گهوڙي تي چڙهيو هو"- هن جملي ۾ چوندڙ جو مقصد آهي وقت ٻڌائڻ، يعني وڏيرو ڪالهه گهوڙي تي چڙهيو هو، نه ڪو اڄ: "وڏيرو ڪالهه گهوڙي تي چڙهيو هو"- هن جملي ۾ مقصد آهي ته وڏيرو گهوڙي تي چڙهيو هو، نه ڪو پيو. جيڪڏهن پهرئين مقصد لاءِ پوئيون جملو ڪم آڻبو ته ڪلام جي بندش ۾ ڀيهڪ نتي پوندي. مقصد جو لفظ ابتدا ۾ ئي ڪم آڻبو آهي، نه وچ ۾.

## مُسنَد، مسندالَيه ۽ اِسنادُ

جيئن علم نحو ۾ "مبتدا" ۽ "خبر" هوندي آهي، تيئن علم معاني ۾ "مُسنَد" "مُسند اليه" هوندو آهي، ۽ انهن ٻنهي جو جيڪو پاڻ ۾ تعلق يا لاڳاپو هوندو آهي، تنهن کي "اسناد" چئبو آهي. مسند اليه "مبتدا" ۽ مسند "خبر" جي بجاءِ هوندا آهن. مثلاً، ڏَنُو ڏن وارو آهي". "ڏنو" نحو ۾ مبتدا، ۽ علم معانيءَ موجب

مُسند اليه آهي، ”ذن وارو“. نحو موجب خبر ۽ علم معانيءَ ۾ مُسْنَدُ ۽ لفظ ”آهي“ اسناد.

## مجاز لغوي ۽ مجاز عقلي

”مجاز لغوي“ ۽ مجاز عقلي جو بحث علم معانيءَ ۾ گهڻو آهي، انهيءَ کري مختصر طرح سمجهائي سگهان ٿو:

”مجاز لغوي“ لفظن ۾ ليندو آهي، ۽ ”مجاز عقلي“ جملن ۾.

”مجاز لغوي“، اهڙي مفرد لفظ ۾ ليندو آهي، جڏهن اهو لفظ پنهنجي حقيقي معنيٰ جي بجاءِ، ڪنهن ٻيءَ مناسب معنيٰ ۾ ڪم اچي- جهڙيءَ طرح ”شينهن“، ”پهلوان“ جي معنيٰ ۾.

”مجاز عقلي“، اهڙي جملي ۾ هوندو آهي، جنهن جو مطلب عقل سان ٿي سمجهه ۾ ايندو آهي، نہ لغت سان- جهڙي طرح ”بهار ڏاڍا گل ٽيڙيا آهن“: هن جملي ۾ ”مجاز عقلي“ ڪم آندل آهي، عقل ٿي سمجهي سگهي ٿو تہ حقيقت ۾ گل ٽيڙڻ خالق ۽ آپاڻهار جو ٿي ڪم آهي، نہ بهار جو، پر مجازي طرح، اهو ڪم بهار جو ڄڻبو.

هاڻي، آءٌ علم معانيءَ موجب ڪلام جا ڪي نڪتا بيان ڪريان ٿو، جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ گهربل ۽ ضروري آهن.

## علم معانيءَ جي ڪن نڪتن جا نمونا

”مُسنداليه“ ڪيترن ئي هنڌن تي آڻبو آهي، جنهنڪري ڀاڻ مضمون ۾ بلاغت پيدا ٿيندي آهي-

(١) جڏهن ”مُسنداليه“ جو آڻڻ غير ضروري، بلڪ اجايو سمجهجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

آهيان مجنون، آهيان بلبل، آهين ليليٰ، آهين گل،
آهيان قمري، آهيان ڪوئل، آهين سرو، آهين بهار.
-”حڪيم“

هن ۾ مُسنداليه ”آءٌ“ يا ”تون“ آندل نه آهي. ”آءٌ آهيان مجنون، آءٌ آهيان بلبل، تون آهين ليليٰ تون آهين گل“ چوڻ ڪلام ۾ اجائي واڌ ۽ ڊيگهه ڪرڻي آهي. جڏهن ”آهيان ۽ آهين“ ۾ ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر اڳيئي موجود آهي، تڏهن ”آءٌ ۽ تون“ جو ضرور ئي ڪونهي.“

(٢) ”مسنداليه“ ڏانهن ڳالهائيندڙ کي تڪرار هجي، ته ڳالهائڻ وقت ان جو نالو نه وٺندو- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

تنهنجي در تي ٿو ڏسان هو روسياه،
جيءُ جلئي ٿو رڪ ٿئي، منهنجا سڄڻ! -”حڪيم“

”هو روسياه“ اشارو آهي ”رقيب“ ڏانهن، جنهن جو نالو وٺڻ عاشق کي تڪرار وچان پسند نه آهي.

(٣) ڏکي ڪلام کي مختصر ڪرڻ لاءِ "مسنداليه" نه آڻجي- مثال:

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)

"وڃين ٿو ڪاڏي اي نادان دل جليا عاشق!
نه ڪاٿ ڦاٿا پٿي در مٿي!" چيو "آس!"

-"حڪيم"

عاشق جڏهن معشوق جي بيپرواهي ڏسي، معشوق کان رُسي هلي ٿو، هين لاءِ ته مَنَ مٿس ڪو اثر ٿئي، تڏهن معشوق مهر ڪري کيس سڏي ٿو ۽ پڇي در تي ڦاٿن ڪاٿي کان روڪيس ٿو. عاشق اهڙي مهر ڏسي، جواب ۾ چوي ٿو: "آيس"- "آءٌ آيس" نٿو چوي، هن لاءِ ته مٿان ڪلام ڏکو ٿئي ۽ محبوب آڏو پڌو هليو وڃي.

(٤) جڏهن نالو وٺڻ بي ادبي سمجهي وڃي- مثال:

(مفتعلاتن مفتعلاتن مفتعلاتن مفتعلاتن)

آهي جڳ جو وارث والي، شان سندس آ آوچو عالي،
ڪين ڇڏيندم ڦٽرين خالي، سائين منهنجو سرجنهار.

-"حڪيم"

هن ۾ "الله" يا "پرميشر" نه آندو ويو آهي. شاعر انهيءَ خيال سان ته اهڙو پاڪ نالو ناپاڪ زبان تي ڪيئن آڻيان! ادب وچان ائين ڪيو آهي.

(٥) جڏهن ڪنهن جو نالو لڪائڻ ئي مناسب سمجهيو وڃي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

"ڪهڙو تو وٽ سو پيارا وڃڻ، اهڙي پيار سان؟

"منهنجو نوڪر هو، ملازم هو ۽ هو خدمتگار."

-"حڪيم"

حقيقت ۾ نہ ڪو نوڪر هو، نہ ڪو خدمتگار هو، بلڪ رقيب هو، ۽ محبوب ان جو نالو لڪائڻ مناسب سمجهيو.

ڪٿي ڪٿي پاڻ "مسنداليه" مروڙيو بہ آڻبو آهي.

(١) جڏهن نالو وٺڻ ضرور سمجهيو وڃي- مثال!

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

ڏسي گل ڪسي بلبل ٿي حيران پريشان،

بسي برگ گل، وار ڪالبدارجي وهس.-"حڪيم"

هتي بلبل جو نالو ظاهر ڪرڻ ضروري هو، ڇو تہ شاعر سنڌس پکن ۽ ڪنهڙاڻين کي گل جي پنن سان تشبيه ڏني آهي. حيرت ۽ پريشانيءَ ۾ انسان جي بدن جا وار ڪانڊارا آهن. اهائي حالت بلبل جي ڏيکاريل آهي. بلبل جا بہ وار ڪانڊارا آهن، ۽ سنڌيس ڪنهڙاڻيون ٽڙي وينديون آهن، گل جي مکڙيءَ جا پن بہ ٽڙندا آهن ۽ مکڙي گل جي صورت ۾ ايندي آهي.

(٢) ڪڏهن ذهن جي اکيان "مسنداليه" ظاهر ڪري ڏيکاريو آهي، تا تہ هو صفا سمجهي تہ ميءَ ڳالهہ فلاڻي بابت آهي- مثال:

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن)
ڇو ڪرين سون کي نصيحت تو اجائي ناصح؟
ناصح! مشفق محبوب منهنجو آهي، بس.
-”حڪيم“

”ناصح“ ڪندڏهن، محبوب“ مسنداليه.

(٣) تعظيم خاطر نالو ظاهر ڪبو آهي- مثال:

(مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن)
جي حسن مليو توکي، اي حسن جا مالڪ، ڏس!
الله کيو سون تي پڻ عشق جو احسان!
-”حڪيم“

هن ۾ مسنداليه ”الله آهي.

(٤) مسنداليه جي نالي وٺڻ سان مزو ايندو هجي- مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعولن)
رهي شل سدا تنهنجي جالي، جوالي!
ڏسين ڪو نه ڏک شال ڀسمالي، جالي!
-”حڪيم“

هن ۾ مسنداليه ”جائي“ آهي، جنهن جي نالي وٺڻ سان مزو ايندو آهي.

(٥) مسنداليه جي صفائيءَ ۾ سچائپ لاءِ اضافت آڻجي، ڇ ڪيس مضاف بڻائجي- مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعل)
سنهه ۽ تيغ ابرو، سنهه م سر ۽ گردن،
ڏجن شال ڪيهي سان گڏ سڏ، سهائين! -”حڪيم“

۾ ۾ "تيغ ابرو، مير ۽ گردن" اهي ٽئي مسنداليه آهن، مگر حرف اضافت "سندو" سان ضمير حاضر "ه" ۽ ضمير متڪلم "م" ڏانهن مضاف آهن ۽ لاءِ ته تيغ ابرو ڪنهن ٻئي جا نه، پر يار جا؛ ميرُ ۽ گردن ڪنهن ٻئي جا نه، پر عاشق جا مقرر سمجهيا وڃن.

[نوٽ "اضافت" ٻن اسمن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. پهرئين اسم کي مُضاف ۽ ٻئي کي مضاف اليه چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ اضافت جي نشاني "جو، جا، جي، سنڌو"، وغيره ايندي آهي. جهڙيءَ طرح "باغ جو ميوو"، باغ جا گل"، "باغ جي هوا"، سنڌس، سندم، سندهُ، سندوَ، ٻئس، ٻئم، ٻنهين، ٻنهوَ، وغيره.]

(٦) ڪڏهن ظاهر نالي جي بجاءِ مسنداليه ضمير موصول آڻبو آهي؛

(الف) ناواقف ٻڌندڙ کي ڪنهن جي وصفن کان واقف ڪرڻو هوندو آهي، ۽ نالو ٻڌائڻ مقصد نه هوندو آهي. مثال:

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فاعلن)

ڪالهه جنهن لڙهايو تي مون کي، ڏنئين آرام اڄ،
هو جو ڪله نامهربان، اڄ آهي سوئي مهربان.
"حڪيم"_

"جنهن" ۽ "جو" ضمير موصول آهن، جيڪي مسنداليه جي بجاءِ آيل آهن.

(ب) غلط فهمي دور ڪرڻ لاءِ خود مسنداليه جي بجاءِ ضمير موصول آندو ويندو آهي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن مفاعلن)

جيڪي تو مون سان ڪيو، سو سڀ سٺو،
جيڪي هن ڪان پوءِ ڪندين، مهندم ڀلو.

-"حڪيم"

محبوب ڪي متان غلط فهمي هجي ته هيل تائين ته سندس عاشق سور ۽ سختيون سهندو آيو آهي، شايد هن کان پوءِ نه سهي سگهي. انهيءَ غلط فهميءَ دور ڪرڻ لاءِ مسنداليه (سختيون) جي بجاءِ ضمير موصول "جيڪي" ڪم آندو ويو آهي.

(ج) ڪنهن مصيبت کي ورڻ ياد نه ڪرڻ لاءِ ظاهر مسنداليه جي بدران ضمير موصول ڪم آڻبو آهي. مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

جيڪي تي گذريو متئير تنهنجي هتان،
تي سو گذريو، ٿي سو گذريو- الامان!

-"حڪيم"

(٧) ڪنهن مسنداليه سان گڏ يا ان جي بجاءِ ضمير اشارو آڻبو آهي:

(الف) امتياز يا تخصيص لاءِ، يعني ڪنهن مسنداليه کي مقرر ڪرڻ لاءِ- مثال:

(مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعلن)

هن عاشق هردرد کي بي درد ٿي، تو ماريو،
همدرد تنين ها جيڪر، ڪهڙو ا. ڇڏو تني ها!

-"حڪيم"

(ب) مسنداليه جي تعظيم خاطر فقط ضمير اشارو آڻبو آهي ـ مثال ؛

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

مون جي در جو آهيان بردو ۽ غلام،
تو ڪريان در تي مندس، سهسين سلام.
ـ "حڪيم"

(ج) حقارت ڏيکارڻ لاءِ فقط ضمير اشارو آڻبو آهي، نہ خود مسنداليه ـ مثال ؛

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

مي آهي ساڳيو، جنهن تي ملائون ڪيون متير،
اڄ آيو آهي مڪر ڪري، مهربان ٿي.
ـ "حڪيم"

مسند

(١) ڪلام کي مختصر بنائڻ لاءِ مسند نہ آڻبو آهي ـ مثال ؛

(فعولن فعولن فعول فعل)

سيڻي تو مان خوش ٿيا، مگر هڪڙو آئون،
سيڻي مون مان خوش ٿيا، مگر هڪڙو تون.
ـ "حڪيم"

"هڪڙو آن" مسنداليه ـ "خوش نہ آهيان" مسند، مصرع ۾ "هڪڙو تون" مسنداليه ـ "خوش نہ آهين" مسند.

(٢) ڪڏهن مسند کي ڪلام ۾ نہ آڻي، ساڻس واسطو رکندڙ ڳالهيون آڻيون آهن ـ مثال.

(مفاعلن فعلا تن مفاعلن فعلن)
نہ پک ۾ ٻاڻي تو جھلجي، وڃي وِڻين ڪان وَهي،
نہ هٿ ۾ تنهنجي ڪٽاري، لہ دل ۾ منهنجي قرار.
-"حڪيم"

يعني، نہ پڪ ۾ ٻاڻي جھلجي، نہ تنهنجي هٿ ۾ خنجر جھلجي، ۽ نہ منهنجي دل ۾ آرام ٽڪي سگھي.

(٣) اجائي ڊيگھہ کان بچڻ لاءِ مسند نہ آڻبو آهي- مثال :

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
ماريو توکي ڪنهن؟ ستايل چيو تہ "هُن"،
ڪنهن متي تي هن کي چاڙهيو؟ چيم تہ "مون".
-"حڪيم"

يعني هن ماريو، مون متي تي چاڙهيو.

(٤) مسند، ڪن خاص سببن جي ڪري آڻبو هوندو آهي :

(الف) يقيني طرح ڪنهن ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ مسند آڻبو آهي- مثال:

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن)
مون غمزده کي غمزن سان آهي، ڪنهن ڪُنوا
مـون کـي ڪنو آ يـار، آهـو ئـي گواهہ آهہ.
-"حڪيم"

مون کي غمزن سان ڪنهن ڪنو؟ انهيءَ سوال جي جواب ۾ فيترو چوڻ ڪافي آهي "يار" ۽ ائين چوڻ تہ "مون کي يار ڪنو" ثابت ٿو ڪري تہ مون کي پڪ ئي پڪ يار ڪنو آهي.

(ب) پڌندڙ گهڻ سمجهه وارو هجي، ته مسند آڻي، ان کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

"ڇا؟ گهرين تو يار جي ڪوچي ۾ منزل، اي غريب؟"
"يار جي ڪوچي ۾ منزل تو گهران، هان اي رقيب"
-"حڪيم"

هاڻي آءٌ علم معانيءَ جا ڪي مکيه نڪتا بيان ڪري، ڳالهه کي پورو ٿو ڪريان. مون هوندي به ٿورين ئي ڳالهيون "صنائع و بدائع" بابت لکيون آهن، تا ته اڻ هريلن لاءِ تڪليف جو سبب نه ٿئي.

قصر

"قصر" جي معني آهي "روڪڻ يا ڪنهن حد ۾ بند ڪرڻ، يا ڪا حد مقرر ڪرڻ"، اصطلاح ۾، "ڪا شيءِ ڪنهن سان خاص ڪرڻ"- مثلاً "گهر ۾ فقط آءٌ آهيان"، يعني ٻيو ڪونهي. هن فقري ۾ گهر ۾ رهندڙن جي حد مقرر ڪئي وئي آهي. "تون ئي چاڻين ٿو"- يعني، ٻه ڪو ٻيو هتي "چاڻڻ" جي حد مقرر ڪئي وئي آهي. اهڙين حالتن کي "قصر" چئبو آهي "قصر" ٻه قسم ٿيندو آهي:

(١) حقيقي، (٢) غير حقيقي.

قصر حقيقي

(الف) ڪا هڪڙي صفت موصوف سان لڳائبي، ٻين صفتن کي موصوف کان روڪي ڇڏجي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

أزمايو توکي مون هر وقت اي خنجر بڪف،
عاشق جي سِرَ آڏائڻ لئي فقط قاتل رهئين.

–"حڪيم"

"قاتل" خنجر بڪف معشوق جي صفت آهي. شاعر محبوب ۾ فقط اِها هڪڙي صفت ثابت ڪرڻ گهري ٿو، ۽ آن جي ٻين صفتن کان صفا منهن موڙي ٿو. لفظ "فقط" قصر لاءِ ڪم ايندو آهي.

(ب) ڪنهن صفت سان هڪڙو موصوف لڳائي، ٻين موصوفن کي روڪي ڇڏجي– مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

تون ئي منهنجو روح آهين، تون ئي روحاني رهاڻ،
تون ئي راحت دل جي آهين، تون ئي دردن جي دوا.

–"حڪيم"

"تون" موصوف، "روح، روحاني رهاڻ، دارو ۽ دوا" صفتون– يعني، اِهي صفتون فقط تو ۾ آهن، ٻين ۾ نه: "ئي" نشاني "قصر" جي.

(ج) گهڻين شين کي هڪجهڙو سمجهي، فقط انهن ئي جي ڳالهه ڪجي ۽ ٻين کي خيال ۾ به نه آڻجي. مثال:

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات)

مون جو ڏٺو هي شهر ته سهڻن جو شهر آهه،
تن ۾ به تون ئي آهين تون سردار حسن جو.

–"حڪيم"

محبوب جي شهر ۾ ضرور ڪي ڪوچا ٻه هوندا، پر شاعر ڪوچن ڪي نظر انداز ڪري، شهر ئي سڄي جو تو مقرر ڪري ٿو پوءِ وري سڄي ۾ حسن جو سردار محبوب کي بنائي ٿو، تان ته محبوب جي تعريف پوريءَ طرح بلڪ اعليٰ درجي جي ٿئي.

قصر غير حقيقي

(الف) ٻڌندڙ کي خيال هجي ته موصوف ۾ هڪ کان وڌيڪ صفتون آهن، ته ڳالهائيندڙ ٻڌندڙ جو اِهو خيال غلط سمجهي، کيس درست ڪري- مثال:

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

ٻڌائين تو کي تنهنجا چاڙتا ٿا ڇا مان ڇا دلبر؟
مگر مون تو ۾ هڪڙوئي ڏٺو گڻ "بيوفا آهين"!
- "حڪيم"

محبوب کي پاڻ ۾ وڏو گمان هو ته منجهس سڀ ڪي گهڻائي گڻ آهن، جيئن مندس واسطيدار کيس ٻڌائين ٿا، مگر عاشق منهن تي چٽي ڏنيس ٿو ته "تنهنجو اهو گمان بلڪل غلط آهي. تو ۾ فقط هڪڙو گڻ آهي، جو معشوقن جي گڻن مان هڪڙو وڏو گڻ ليکيو ويندو آهي- اهو آهي "بيوفائي".

(ب) جڏهن اڪيلي کي ڪنهن بابت گمان هجي ته منجهس غلاڻي صفت آهي، مگر ٻڌندڙ کي ان جي اهڙي گمان سان اتفاق راءِ نه هجي- مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعل)

نہ چؤ، آهين مون تي سدا مهربان،
پلا ڇو ءِ ڪٺاري ڇو هٿ ۾ اٿئي؟ -”حڪيم“

محبوب ہاڻ ڪي عاشق اڳيان ظاهر ڪري ٿو تہ مٿس مهربان آهي، مگر عاشق ساڻس اتفاق راءِ نٿو ڪري، ۽ چويس ٿو تہ ”تون منهنجي لاءِ قاتل نہ، قاتل آهين“.

(ج) ڪنهن ۾ هڪڙي صفت ڪان وڌيڪ صفتون هجن، مگر انهن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي ٻين کان وڌيڪ سمجهي، اهائي آڻجي ۽ ٻين کي نظر انداز ڪجي- مثال:

(فعولن فعولن فعولن فعول)

سڀڪي ڇا مان ڇا ڀيا ٿا سمجهن اديب،
فقط آهيان آن شاعر خوش بيان“. -”حڪيم“

شاعر چوي ٿو تہ ٻيا ماڻهو مون کي عالم، فاضل، مصنف، مؤرّخ وغيره وغيره الائي ڇا ماں ڇا ڀيا سمجهن، مگر مون ۾ هڪڙي نہ صفت آهي، جا منهنجي نظر ۾ ٻين صفتن ڪان فائق آهي، اها هيءَ آهي تہ آءٌ ’شاعرِ خوش بيان‘ آهيان“.

## فصل ۽ وصل

”فصل“ - ٻن جملن جي وچ ۾ حرف عطف آڻجي نہ ٿو.

"وصال"- ٻن جملن کي حرف، عطف آڻڻ سان ملائي ڇڏجي. فصل ۽ وصل جو مدار آهي عطف جي آڻڻ ۽ نه آڻڻ تي، انهيءَ ڪري عطف جو ٻي بيان ڪبو.

"عطف" ٻه قسم ٿيندو آهي (١) عطف مفرد جو مفرد تي- مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ياسمين و سنبل و سوسن، سمن سهڻا ڏسو،
اڄ سڄي عالم ۾ چوڏاري عجب ڇايو بهار.

- "بهار اخلاق"

(٢) عطف جملي جو جملي تي- مثال:

(مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن)

ٿي رت بسنتي، ٿي منهن گلابي، وئي خزان جي سڄي خرابي،
ٿسي گل سان بلبل جسي بي‌حجابي، بهار آيو بهار آيو.

ڪن هنڌن حرف عطف آڻبو ئي ڪينهي:

(الف) جيڪڏهن حرف عطف کان اڳئين ۽ پوئين جملي يا اسم جو پاڻ ۾ گهرو ميلاپ هوندو، يا ڪنهن اسم جون هڪ کان وڌيڪ صفتون هونديون، ته اهڙيءَ حالت ۾ حرف عطف نه آڻبو. جهڙيءَ طرح مٿين ٻن شعرن ۾ آهي.

(ب) جيڪڏهن ٻن کان وڌيڪ عطف هوندا، ته پوئين عطف کان سواءِ ٻين عطفن جي جاءِ تي حرف عطف نه آڻبو. مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

رنگ، رونق، سونهن ۽ سوڀيا ڏسي، تنهنجي سڄڻ،
گل کي، سج ۽ چنڊ کي آيون ڏلدن ۾ آڳريون.

"حڪيم" -

(ج) جيڪڏهن ٻن ڪان وڌيڪ عطف هوندا ۽ اهي ٻڌل هوندا، نه اڪيلا، ته هڪڙو حرف عطف آڻبو ۽ ٻيو نه آڻبو - جيتوڻيڪ فقط پڇاڙيءَ وارن ٻن اسمن، يا جملن ۾ حرف عطف آڻي، ٻين ۾ نه آڻڻ، به جائز آهي، جيئن مٿي نمبر (٢) ۾ ڄاڻايو ويو آهي - مثال:

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو، نيلوفر ۽ ماه،
هي سڄو لقشو ڏي اهڙو آهي، جهڙو مان ۽ تون.

"حڪيم" -

عطف جا مٿيان قاعدا نثر ۾ لازمي آهن، مگر نظم ۾ بعضي، ضرورت شعريءَ جي ڪري، ڪجهه هيٺ مٿي ٿي ويو ته جائز آهي. هي به معلوم هجي ته جن ٻن جملن جي وچ ۾ عطف هجي ته انهن ٻنهي جملن جي درميان ڪا نه ڪا ضرور مناسبت هجي. جيڪڏهن مناسبت نه هوندي، ته عطف ناجائز ٿيندو. جهڙيءَ طرح هنن ٻن جملن ۾ عطف ناجائز آهي - "شاهه سنڌ جو شاهه شاعر آهي ۽ شاهو ڏاڍو ڪنجوس آهي."

## ايجاز

”ايجاز“، گهٽي مضمون کي ٿورن لفظن ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪجي، جو لفظن جي ٿورائي، معنيٰ ۾ ڪو مونجهارو نه وجهي. ايجاز جا ٻه قسم ٿيندا آهن:
(١) ايجاز قصر (٢) ايجاز حذف.

ايجاز قصر: لفظ ٿورا ۽ معنيٰ جججهي- مثال:

(مفعول فاعلا ن مفعول فاعلن)

ڪاٿين گيت پل پيا الگ انگ تنهنجي جا،
آن توکي منهنجا سهڻا! سچو سهڻو توسڏيان - ”حڪيم“

شاعر هڪ لفظ ”سچي سهڻي“ چوڻ سان محبوب جي حسن ۽ جمال جي ڪمال تعريف ڪري ڏيکاري آهي- وار سهڻا، اکيون سهڻيون، پرون ۽ ڀنيڙيون سهڻيون، رخسار ۽ لب سهڻا، قد ۽ بت سهڻو، هٿ ۽ پير سهڻا، ناز ۽ انداز سهڻو- اها، بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ تعريف فقط ”سچي سهڻي“ ۾ اچي وئي.

ايجاز حذف! سچو جملو. يا جملي جو جزو نه آڻجي-

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

چمن جي صحن مان سيڙي، صفا ڪيائين خزان جا ٻن،
بهار آهي اچڻ وارو ۽ اڄ گل تخت تي ويهندو.
- ”حڪيم“

ڪنهن صفا ڪيا؟ باغبان.

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

خنجر ابرو سان تو ماريو لڪن کي، مون کي ٻڌ،
وجهندا هٿ دامن ۾ تنهنجي، روز محشر سڀ شهيد.
- ”حڪيم“

موُن کي ھڻ تہ خنجر اوري مان ماريو؛ خيال
کر يا عاقبت انديشي کر، جو قيامت ۾ سيڪو
بي گناھ ھاؤ چڪيندو، ۽ انھن سا گڏ، آءٌ بہ دامن
ھڪڙيندو سانءِ."

## اِطناب

"اطناب"، چوندا آھن اھڙي ڪلام کي جنھن ۾
مقصد ظاھر ڪرڻ لاءِ لفظ گھڻا ھجن، پر نہ ايترا گھڻا،
جي اجايا معلوم ٿين - مثال:

(مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن)

سھڻن جو ڪم سنڌ آ سرُ عاشقن جو سھڻا،
تو سر سنڌ گھرين تون منھنجو، اي ستمگر!

- "حڪم"

ھرينءَ مصرع ۾ جڏھن محبوب کي "سھڻو" سڏي،
سھڻن جو ڪم "سر سنڌ" بڌايئين، تڏھن ٻيءَ مصرع
جو مطلب از خود معلوم ٿي ويو، تہ شاعر جو سھڻو
بہ سندس سر سنڌ گھري ٿو، تڏھن ھوندي بہ انھيءَ
مقصد کي ٻي مصرع ۾ بيان ڪيو اٿس، جنھنڪري
ٿوري مقصد لاءِ گھڻا لفظ ڪم آڻيا پيا آھن، مگر اھي
اجايا نہ آھن، چو تہ شاعر محبوب کي چتاءَ ٿو ڪري
تہ "آءٌ تنھنجي نيت کان واقف آھيان"، ۽ محبوب کي
اھڙي خون ناحق ڪرڻ جھڙي نيت رکڻ سبيان
"ستمگر" بہ سڏيو ھوس: انھيءَ ڪري وڌيڪ لفظ اجايا
نہ چئبا.

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

پلي هڻ، پلي هڻ تون ابرو جو خنجر،
هي سر منهنجو حاضر آ پيرن ۾ تنهنجي.
– "حڪيم"

هن ۾ "پلي هڻ" ٻه دفعا آندل آهي، نه ته هڪڙو دفعو ئي ڪافي هو، پر ٻن دفعن مان شاعر جو مطلب آهي "يار ڪي سچي دل سان خنجر هڻڻ لاءِ دعوت ڏيڻ"، انهيءَ ڪري، ور ور ڏئي ڪيس چوي ٿو "پلي هڻ، پلي هڻ."

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

ڪيو خوش تو مون کي، خوش هجين شل، ڪم چڱو تو ڪيو،
چڱن کان ئي چڱايون ٿيون اچن، منهنجا چڱا سائين!
– "حڪيم"

جنهن مقصد لاءِ هي شعر آهي، تنهن کان "خوش هجين شل" وارو جملو ٻاهر آهي، پر جڏهن ته شاعر جو مطلب آهي ته 'تو ڪٿي ڪهڙي نه مون سان ڀلائي ڪئي، پر آءٌ تو کي وري ئي دعا ٿو ڪريان ته "شال خوش هجين" – انهيءَ ڪري اهو جملو وڌيڪ ته چئبو، پر اجايو نه چئبو.

"ايجاز" ۽ "اطناب" جون خوبيون، يا جايون سڀڪو سمجهي ڪين سگهندو. هي ڪم قابل انسان ۽ ڪامل بليغ جو آهي. مون نموني خاطر ٿورو لکيو آهي. اميد ته جيڪڏهن پڙهندڙن هيترو هضم ڪيو، ته وڌيڪ لاءِ پاڻهيئي اشتها ٿيندين.

# ڪلام مهمل

"ڪلام مهمل" چئبو آهي اهڙي ڪلام کي، جو ڳالهائجي عام جام، مگر ڳالهائيندڙ جي دل جو واسطو انهيءَ معنيٰ سان هجي ئي نه، جا معنيٰ انهيءَ ڪلام جي لفظن ۾ رکيل هجي. ٻين لفظن ۾ سمجهڻ گهرجي ته "ڪلام مهمل" جي معنيٰ آهي "ڪلام بي معنيٰ" يا "ڪلام غير مقصود". ظاهر ڪري اهڙو ڪلام ادب يا ساهتيه ۾ ڪا اهميت نٿو رکي، مگر جڏهن ته عام جام ڪم ايندو آهي ۽ ماڻهو ڳالهائيندا رهندا آهن، پوءِ جڏهن ڪن ڪن جملن ۽ فقرن ۾ اهڙو ڪلام مهمل ضروري جزو ٿي پوي ٿو، ايتريقدر، جو جيڪڏهن نه ڳالهائجي يا نه آڻجي ته اها عبارت ٿي ناقص پئي معلوم ٿئي، پر اهڙو ڪلام مُحاوري جو درجو حاصل ڪيل هوندو آهي- تڏهن اهڙي "ڪلام مهمل" کي بي اهميتي هوندي به ڪجهه نه ڪجهه اهميت هوندي آهي. مثلاً، ڪي مائون پنهنجن ٻچن کي ڪاوڙ وقت چونديون آهن: "مٺا ماريا، ماهه لڳا، سڙي مٺا." بعضي پيئَر پنهنجن ٻچن کي غصي ۾ اچي چوندا آهن: "پيٽهان انڌا، اوهين اسڪول ڇو نه ويٺو، ڪميڻا، ڪمذات، اوهان هي يا هو ڪم ڇو ڪيو؟ ڪتي جا پٽ! حرامي، مادرچود، نڪري وڃ منهنجي گهر مان!"- هي مثال آهن اهڙن لفظن جا، جن جي معنيٰ، چوندڙ جي دل ۾ ارادي ۾ نه آهي، ماءُ، پٽ جو مرڻ ۽ مارجڻ

ڪڏهن ڪين گهرندي - پٽ کي ٻاهه لڳڻ ۽ پٽ جو مڙي مرڻ، ڪهڙي ڏاڻ ماءُ پسند ڪندي؟ ڪاوڙ ۾ جيڪي چيائين سو بي معنيٰ چئبو. اهڙيءَ طرح ٻيءَ جي ڪلام ۾ "پيٽهان" جهڙي غليظ گار، جا پٽ جي پيءُ يعني ڌيءَ جي حق ۾ آهي، سچي اهڙي طرح رڪيڪ معنيٰ موجب ڪهڙو ڪميڻو ٻيءَ گوارا ڪندو؟ ماڪيءَ طرح ٻيا جملا ۽ لفظ به سمجهڻ گهرجن - اهي سڀ "ڪلام مهمل" چئبا. مگر محاوري ۾ اهڙا ته عام آهن، جو اهڙن موقعن تي ڪلام جو جزو ٿي ويا آهن، اهڙن موقعن جو ڪلام چئو ته اهڙن جملن کان سواءِ پُسو پيو معلوم ٿئي. ڪو به ناول نويس جيڪڏهن اولاد تي ٻيءَ ماءُ جي ڪاوڙ جي سينري ناول ۾ چٽيندو، ته ضرور اهڙا لفظ ڪم آڻيندو، بشرطيڪ ٻيءَ ۽ ماءُ جي بد تهذيبي ڏيکارڻ مقصود هجي. اهي ۽ اهڙا لفظ تهذيب يافته طبقي جا نه آهن، انهيءَ ڪري انهن جملن جو استعمال به بي تهذيبن جي طرفان ٿي ٿيندو ۽ ڪبو. اهڙا مهمل لفظ ٻين موقعن تي به ڪم ايندا آهن -

مثال:

"يار سان، قسمت منهنجي! جو وهي لڙن لاتم،
پيشان، عشق ۽ معشوق مان آهيان ڦاٽو.

- "حڪيم"

در جي دربان کي ڪجهه رشوت ڏني پنهنجو ڪير،
پر ڪتو در جو، ڪتي جو پٽ دشمن ٿي رهيو.

- "حڪيم"

ٻهرئين شعر ۾ عشق ۽ معشوق کي پيٽ تي گار ڏيڻ شاعر يا عشق جو مقصد نہ آهي. عاشق، عشق جون سختيون ۽ معشوق جا ظلم سهي سهي جڏهن اچي بيزار ۽ ياڙي ٿيو آهي، تڏهن اظهار بيزاريءَ لاءِ، اهڙي موقعي جي مناسبت سان ڪلام مهمل "پيٽسا" ڪم آڻي ٿو.

ڪتي کي ڪتي جو پٽ ڪاوڙ وچان سڏڻ ڪلام مهمل آهي، جو ڪتو اڪيئي ڪتي جو پٽ آهي.

## ڪتاب ۾ ڪم آندل شعر

هن ڪتاب ۾ مثالن طور جيڪي شعر لکيا ويا آهن، سي هتي جدا، گڏي لکجن ٿا، تہ سڀ نمونا هڪ هنڌ پڙهي ڏسجن.

## صنائع و بدائع جا شعر

### تجنيس تام

وارَ چوڙي جي مون تي وارَ ڪرين،
خوش ٿيان جي هزار وارَ ڪرين.

---

هزار گهمرا مون در تنهنجي تي ڪيا گهمرا،
مگر نہ منهنجي اڱڻ تي تون آئين هڪ گهمرو.

آدا ۽ ناز سان پنهنجي ھرين، منٺي ڪي نہ سار،
نہ رُس! نہ رُس! اي سجڻ، رمي وڃين ٿو، مار!

---

سڄڻ لاءِ تنهنجي ڪيم ڪيئي وَسَ،
ڪڪر قرب تنهنجي جي ٿي ڪانہ وس.

---

خدا ترس آهين تہ ڪجھ وقت ترس،
خودي ڇڏ، تڪڙ ڇڏ تہ ٿين سڀ ۾ سرس.

---

ڏس تہ آهيان اڪيشي آن بيمار،
مارِ گيسو هٽان نہ مون کي مار.

---

اکھو آهيان، سگھو ناهيان، سگھو ٿي يارا ٿي ماڻي،
منهنجي دل دردمند آهي، ٿي سورن ۾ گھڻو ساڻي.

---

ٻاري! مون ٿي نہ وجهہ تون ٻاري ٻارَ،
سِرُ ڪريان تو تان صدقي آن صد ٻارَ.

---

مٺيم ايترا تنهنجا آهين ٿورا،
ڳڻيان جيترا، تيترا ٿين سي ٿورا.

---

ڪي خوشدل، ڪي خندان، ڪي نرڀل نماڻا،
ڪي ڪن ناز نخرا ۽ ڪي ڪن نہ ماڻا.
رکن ڪي ٿا سِرَ هيٺان سِرَ، ڪي وهاڻا،
ڪي بدبخت بيڪار، ڪي بخت هاڻا.

ڪي عزت ۾ اعليٰ، ڪي اقبال وارا،
ڪي ذلت، زبوني ۽ بدحال وارا.

---

وڃن پنهنجي ديس جا پاتا وڻن، جي ٿا وڻن،
ديس پنهنجي کي ڏسو، اڄ آهي ڀرايو ٻار.

## تجنيس ناقص

وطن جون اڇو تا شيون واهرايون،
نه ڪر ايندين هرگز شيون کي پرايون،
پين ڪان ٿي اهڙو سبق پل ڀرايون،
ڪي سوچو ته ڇو پاڻ کي ٿا ڦرايون،
وطن جي محبت جي آهي علامت،
ته ان ۾ سدارو ڪريون ساڻ صنعت.

---

يارا ٻاٿان نه ڪر تون مون کي ڏار،
در تي پنهنجي ٻرين نه ڏاريون ڏار.

---

نه گاه گاه ۾ تون ٿو ڪرين نگاه مٺيرِ،
نگاهه مهر جي اي مهربان، ڪر مون تي!

## ايهام

تنهنجي عشق جي منهنجي دل ۾ ڦٿي.
ڏئي ڪاتي ڪا مون نه اهڙي ڦٿي.

---

وار ڇوڙي، جي مون تي وارَ ڪرين،
خوش ٿيان جي هزار وار ڪرين!

## تناسب

ٽڙيو چمن ۾ گلاب جو گل، گهمي محبت ۾ مست بلبل،
ٻڌين جو چوطرف شور ۽ غل، بهار آيو، بهار آيو!

---

ٽلي چمن ۾ ٿي ٽاري ٽاري، ٿيو فرش گلشن جو ميناڪاري،
ٿي جڳ ۾ چوڌاري اڄ بهاري، بهار آيو، بهار آيو!

## مشاڪلت

تون منهنجي عرض ڪرڻ تي ته، منهن ڪٿو ٿو ڪرين،
ڇا تنهنجي مرضي ائين آ سڀني چڏيان آن وات!

## عڪس

صاحبِ تدبير ٿي ۽ تابعِ تقدير ٿي،
تابعِ تقدير ٿي ۽ صاحبِ تدبير ٿي.

## لف ۽ نشر

مرتب

منهن تنهنجو، ابرو تنهنجا، اکيون تنهنجون اي عجيب!
چنڊ آهي، تيغ آهن، مخمور مست آهن.

غير مرتب

ماه گذريا، سال گذريا، ساعتون گذريون پئي ٿي،
تنهنجي در تي، تنهنجي ڳولها لاءِ ۽ تو کان جدا.

## مبالغو

اغراق

زلف ۾ محبوب جي، قيدي ٿي جڏهين منهنجي دل،
خوش ٿيا اغيار، پر ٿي يار جي دل بيقرار.

غلو

بلبل نالان کي اھڙو خار، گل بيزار ڪيو،
جو چڏي صحن، چمن کي عرش تي ڪيئين آشيان.

### مدح مشابہ ذم

محبوب منھنجو حسن جي اقليم جو آ شاه،
ھر ملڪ پنھنجو سارو سخا ۾ لٽائي چڏيئين.

### ذم مشابہ مدح

خوش رھ، رقيب! منھنجي ھرڻ جي پڙوس ۾،
جنھن کو ڪتو رھي ٿو سخيءَ جي اڳڻ اڳيان.

---

آباد ڪر الاھي! صياد جو تون خانو،
بلبل جو جنھن ڪيو آ ويران آشيانو.

---

خدايا! مون اچو ڪيو آھي مٿنھن پنھنجو، مگر تو ھِي،
تون ھنھنجي نُور وحدت سان ڪجئن مٿنھن منھنجو نُوراني.

---

"پاڙ سائي ٿئيس شل" بلبل چيو ٿي منجھ، چمن،
ھيءَ! خزان ويران ڪيو اڄ آھي منھنجي باغ کي!

---

"پيڙي تريس" تار ۾ مون کي چڏي ويو،
ڀھاڪ مار يارب، مون کي ھرڻ جي پار!

حشو

مليح

ڏسان تو ڏي اگر ڪڏھين، چئين "بند ڪر اکيون"
اکيون ھوريان سدائين جي، ته ڏوانڊو سڏين مون کي!

تلميح

تون ليليٰ عرب جي، آن مجنون عرب جو،
تون گل، آئون بلبل، قسم آهي رب جو!

## علم بيان جا شعر
### (دلالت التزامي)

تشبيه.

جي دنيا ۾ ڪو ديس مثلِ چمن ٿيو،
ته منهنجو مٺو ۽ پيارو وطن ٿيو.

---

سروَ جهڙو يار جو قد، چنڊ جهڙو منهن سندس،
نرگس جهڙيون اکيون ۽ پان جهڙا لال لب.

---

وڻيل چوٽو، ڪليل منهن، سهڻو قد محبوب منهنجي جو،
ٿيو چڻ مشڪِ خالص، ماهتاب، ۽ سروِ بستاني.

---

ڪيترو ئي نرم ٿي، آزيون نيازيون ٿو ڪريان،
ڪو اثر ظاهر نٿو ٿئي، چڻ ته دل پٿر اٿس.

---

پچان ٿو تيغِ ابرو کان ڪمان مان جئن پڇي ٿو ڪُز،
ڊڄان ٿو مست چشمن کان، ڊڄي جئن شينهن کان ٻڪري،

---

گلابي گُل ٿيا ڳل يار جا ۽ لب ٿيا لالا،
صنم جي مونهن چانڊوڪي، سمن ٿيو جسم جانيءَ جو.

روشنيءَ ۾ يار جو منهن ڇڻ تہ آهي آفتاب،
زلف دلبر جا سياهيءَ ۾ ڄيا اڌ رات ڇڻ.

---

در در ٿو رلان دلبر، آن عشق جو ديوانو،
ڏس شمع، تہ ڪئن آهي ديوانو پروانو!

---

چمڪندڙ مُنهن يار جي ۾ آهي چمڪاٽن جي موج،
سون جو درياء وهندڙ ڇڻ تہ لهريون ٿو هڻي.

## مجاز

استعارو

ڏس تہ لالا جي لبن تي ڇا نہ لالائي لڳي،
پان لالاجان ڪي اڄ آهي ڪارايو بهار.

---

دنيا جي گهر ڪي ڄاڻ سياڻا تون هڪ حباب،
اهڙي پر، جلد، جلد فنا ٿي پيو ٿو وڃي.

---

نير وارن جو لٽو، ڇو تہ ڪيم نيرا پير،
هاڻي ڪاڏيءَ ڪي هٽي پوڇي اچي پيو ٿو گهمان.

---

ڪٽي اي قاصد، هي منهنجو خط اڏام، آڏام،
رساءِ يار کي جلدي، چئي ادب سان سلام.

---

انقلابِ دهر ڪان اڄ ڪانوَ ڪارا ٿيا سفيد،
ڪانوَ ڪارا ٿيا ڪبوتر، شان بالا تن جو ٿيو!

---

ٿيس خوش تہ گل باغ ۾ آيو آ،
آن بلبل بہ ڊوڙي وجي آت رسيس.

---

ڪڏهن تي ڪج پيا، هي زماني جو رنگ آهي!
ڍيلن جي جاءِ ڪانوَ وٺي ويا ڪلنگ آهي!

---

نرگسين چشمن سان موهيو سون ڪي، آن سروسهي،
نرگسن ڪي پڻ لڄي ڪيئين، جن اکيون ڀوري چڏيون.

مجاز مرسل

ٿيو شرمسار باغ ۾ اي گل! گلِ سمن،
ڀاتو جڏهين تو حسن سندو تن تي پيرهن.

---

آجهي ۾ تنهنجي اجهو اڄ مستو لڪايو مون،
آجها! آجهو ڏج مون، ڪج نہ بي آجهي مون ڪي.

---

عشق جي باهہ منهنجي دل ۾ آهہ،
حسن جو نُور تنهنجي چهري ۾.

---

پري ٿي باهہ، وسايان، نشي وسامي سا،
ٿي تنهنجي لاءِ شرابي، ڪباب دل منهنجي.

---

حال منهنجي جي خبر آهي سڄي شهر ڪي، پر
هي عجب آهي، جو تون ئي تُو رهين ناواقف.

---

ڪڏهن تون ملندين ۽ مون سان؟ زبان ڪر هڪڙي،
رڙان پيو ٿو تنهنجي لاءِ روز شب، ڪَن ڏي!

---

ڏسين ٿو آهيان فقط هڪڙي مٽ مٽيءَ جي، بس
آ تنهنجي مرضي سنڀاليندم، ڀڃا ڪرين برباد.

---

ادا ۽ ناز سان پنهنجي مٺا مٺي ڪي نه مار،
نه رحم! نه رحم! اي سڄڻ، تون رسي وڃين ٿو، مارا!

تعرض

مثل سبزه آهيان، پيل يار پيرن ۾ لتاڙ،
خار ناهيان، جو رسايان ڪنهن کي ڀي آزار آن.

ڪنايو

ايما

ڪمر ڀڏل ڏس آيو هُو قتل لئي منهنجي،
تـرار ڇيلهه سان، جنهن سولجر، ٿئي دشمن.

رمز

راتيون جاڳان ياد ۾ دلبر جي ۽ تڪيان پيو واٽ،
ڪولي ڪونائو ٿو نيڙو ۽ ڪٽيون اڌ رات جو.

تلويح

مون تي ڪرم ڪرڻ ۾ تون ڪنجوس ٿو رهين،
هٿ بند آهي تنهنجو سدا منهنجي واسطي.

# علم معاني جا شعر

## (ڪلام فصيح ۽ ڪلام بليغ)

تنهنجي ڳولا لئي اکيون منهنجون اٿيون،
پر نه آئين هت اکيون ٻوٽيم ڪٿي.

---

در ڪينڪي ڇڏيندس تنهنجو، تڙين جي تون، ته ٻه،
ڇڏ يار، عمر ننهنجي ساري اتي گذاريان!

---

گلزار رُوءِ يار جي ديدار واسطي،
نيڻن جي لاءِ منهنجي، ٿيو سرمو خاڪ دوست.

---

آهيان مجنون، آهيان بلبل، آهين ليليٰ، آهين گل،
آهيان قمري، آهيان ڪوئل، آهين سرو، آهين بهار.

---

تنهنجي در تي ٿو ڏسان هو روسياه،
جيءَ جلي ٿو رک ٿئي، منهنجا سڄڻ!

---

”وڃين ٿو ڪاڏي اي نادان دل جليا عاشق!
نه ڪاءِ ڏاڍا ٻئي در مٿي!“ چيم، ”آيس!“

---

آهي جڳ جو وارث والي، شان سندس آ اوچو عالي
ڪين ڇڏيندم هتڙ بن خالي، سائين منهنجو سرجنهار.

---

”ڪهڙو تو وٽ هو پيارا ويٺو، اهڙي پيار سان؟“
”منهنجو نوڪر هو، ملازم هو ۽ هو خدمتگذار!“

---

ڏسي گل کي بلبل ٿـي حيران پريشان،
پسي بـرگِ گل وار ڪاغذارجي ويس.

---

چو ڪرين مون کي نصيحت تو اجائي ناصح!
نـاصـحِ مشفق محبوب منهنجو آهـي، بس.

---

جي حُسن مليو توکي، اي حسن جا مالڪ، ڏس!
الله ڪيو مون تي پڻ عشق جـو احسان!

---

رهـي شل سدا تنهنجي جاني جواني!
ڏسين ڪو نه ڏک شال جسماني، جاني!

---

منهنجي تيغِ ابرو، منهنجو سر ۽ گردن،
هجن شال هڪ‌ٻئي سان گڏ ـ سڏ سدائين!

---

ڪالهه جنهن تڙپايو ٿي مون کي، ڏنئين آرام اڄ،
هو جو ڪلهه نامهربان، اڄ آهي سوئي مهربان.

---

جيڪي تـو مون سان ڪيو سو سڀ ستم،
جيڪي هن ڪان پو ڪندين، سهندس پيو.

---

جيڪي ٿـي گذريو ستم تنهنجي هٿان،
ٿـي سو گذريو، ٿي سو گذريو ـ الامان.

---

هن عاشق پڻ درد کي بيدرد ٿي، تو ماريو،
همدرد تون ها جيڪر، ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها!

---

هن جي در جو آهيان ٻـردو ۽ غلام،
تو ڪريان در تي مندس سڀني سلام.

هي آهي ماڪو، جنهن تي هلائون کيون متر،
اڄ آيـو آهـي مڪر ڪري، مهربان تـي.

سڀني تـو مان خـوش ٿيا مگر هڪڙو آن،
سڀني مون مان خوش ٿيا، مگر هڪڙو تون.

نه ٻـڪ ۾ پائي تو جهلجي، وڃي وٺين ڪان وهي،
نه هٿ ۾ تنهنجي ڪناري، نه دل ۾ منهنجي قرار.

ماريو توکي ڪنهن؟ مقابل چيو ته "هن"،
ڪنهن مٿي تي هن کي چاڙهيو؟ چيم ته "مون".

مون غمزده کي غمزن مان آهي ڪنهن ڪڍو؟
مون کي ڪاو آ يار، اهـوئـي گواهه آهه.

"ڇا؟ گهرين تو يار جي ڪوچي ۾ منزل، اي غريب؟"
"'يار جي ڪوچي ۾ منزل تو گهران،' ها، اي رقيب!"

قصر

حقيقي

آزمايو توکي مون هر وقت اي خنجر بڪف،
عاشقن جـي سـر آنائو لئي فقط قاتل رهئين.

تون ئي منهنجو روح آهين، تون ئي روحاني رهاڻ،
تون ئي راحت دل جي آهين، تون ئي دردن جي دوا.

---

مون جـو ڏنو هي شهر تـہ، سهڻن جـو شهر آهہ،
تـن ۾ تـون ئـي آهين، تـون سردار حسن جو.

غير حقيقي

هڏائن توکي تنهنجا چاڙنا ٿا چـا مان چـا دلبرا!
مگر مون تو ۾ هڪڙوئي ڏٺو ڪو "بيوفا آهين"!

---

نہ چوُ آهين مون تـي سدا مهربان،
پلا هيءَ ڪناري چو هٽ ۾ اٿئي؟

---

مشڪي چا مان چا هيا ٿا سمجهن اديب،
فـقـط آهيان آن شاعرِ خوش بيان.

فصلِ وصل

ياسمين و سنبل و سوسن، سمن سهٽا ڏسو،
اڄ سجي عالم ۾ چوڌاري عجب ڇايو بهار.

---

ٿي رت بسنتي، ٿي مٿند گلابي، وئي خزان جي سڄي خرابي،
ٿي گل سان بلبل جي بي حجابي، بهار آيو بهار آيو.

---

رنگ، رونق، سونهن ۽ سوڀيا ڏسي، تنهنجي سجڻ،
گل کئي، سج ۽ چنڊ کئي آيون ڏندن ۾ آڱريون!

## ايجاز

گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو، نيلوفر، ۽ ماه،
هي سڄو نقشو ئي اهڙو آهي، جهڙو مان ۽ تون!

---

ڪاڏهن ڪيت پل پيا انگ تنهنجي جا،
آن توکي منهنجا سهڻا، سڄو سهڻو ڏو سڏيان.

---

چمن جي صحن مان ميڙي، صفا ڪيائين خزان جا پن،
بهار آهي اچڻ وارو ۽ اڄ گل تخت تي وِهندو.

---

خنجرِ ابرو سان تو ماريو لکن کي مون کي پڻ،
وجهندا هٿ دامن ۾ تنهنجي روزِ محشر سڀ شهيد.

## اطرادِ

سهڻن جو ڪم سڌّڻ آ سر عاشقن جو سڌّهڻا،
ڏو سر سڌّڻ گهرين تون منهنجو ۽ اي ستمگر.

---

پلي هڻ، پلي هڻ تون ابرو جو خنجر:
هي سر منهنجو حاضر آ پيرن ۾ تنهنجي.

---

ڪيو خوش تو مون کي، خوش هجين شل، ڪم چڱو تو ڪيو،
چڱن کان ٿي چڱايون ٿيون پچن، منهنجا چڱا سائين!

## ڪلام مهمل

”يار سان، قسمت منهنجي! جو وڃي لڳون لاتم،
پيڙسان، عشق ۽ معشوق مان آهيان ڦاٿو!“

---

در جي دربان کي ڪجهہ رشوت ڏئي پنهنجو ڪيم،
پر ڪتو در جو، ڪتي جو ٻچ دشمن ٿي رهيو.

سندھی

چند اشعار که در نتیجه ملاحظه حالات حاضره متاثر شده گفته ام

مطالعهٔ کتاب سیاست و غور بر کمال و زوال اقوام

بالخصوص قوم اهل اسلام

المنظوم فی التاریخ ۸ ستمبر ۱۹۲۳ء — التحریر فی التاریخ ۱۲ ستمبر ۱۹۲۳ء

ٿي پڙهيو هڪ ڏينهن مون سهڻو سياست جو ڪتاب،
فصلي فيرقن جي ايمان جو، مختلف قومن جو باب.
غور ڪيم هن حال تي، ٿئي ڪئن ٿو قومن جو ڪمال؟
۽ اچي مونئي وري تن جي مٿان ڪئن ٿو زوال؟
فيض جو درياءُ جن جو موجزن هو ملڪ ۾،
جن جي دم سان عام روشن علم و فن هو ملڪ ۾.
شمعِ عرفان مشعلِ علم و چراغِ فضل و فن،
نورِ ايمان سان ڪيئون روشن ٿي در هر انجمن.
جن جي خُلقِ عام جو هو مداح هو سارو جهان،
جن جي عدل و داد جو هو سارو عالم مدح خوان.
هئي شجاعت ۽ عدالت جن جي عالم لئي پناهہ،
دشمن تي مهربان هام دوستن لئي دستگاهہ.
وقف جن جي عمر هئي هر وقت قربانيءَ جي لاءِ،
جن جو مطبخ گرم هو هر وقت مهمانيءَ جي لاءِ.

سايہء لطفِ الاهي سايہ گستر هو مٿين،
پنهنجي فضل و لطف جو سايو وڌو ملڪن تي جن .
جن بنايو قُرب سان هو ملڪ ساري کي وطن،
جن ڪيو ويرانہء عالم کي گلشن ۽ چمن .
جن بنائي ”مختلف قومون گڏي“ هڪڙي قطار،
جامہء فرق و جدائي کي ڪيو جن تار تار .
سينا جن جا صاف ها، غل غش ۽ ڪين و بغض کان،
قلب ۾ قومن جي هو، جن جي محبت جو مڪان .
جن جي قربانيء جي دنيا ۾ ڪهاڻي عام هئي،
جن جي همت، پهلواني، ڪامراني عام هئي .
ملڪ جنهن ۾ پير جن جا پيا، بهارستان ٿيو،
علم و فن جن جو جتي پهتو، نگارستان ٿيو .
ٻچو ٻچو جن جو ملڪ و قوم لئي جانباز هو،
دشمنن لئي جن جو چنبو چنگلِ شهباز هو .
گردشِ گردونِ دون کي پنهنجو تابعدار ڪيئون،
انقلاب دهر کي هڪ پنهنجو خدمتگار ڪيئون .
تيغ ۽ تلوار هو، جسمن جو تن جي وارُ وارُ،
شير ها، شمشير زن ها ۽ هو اٽڪُس تن جو وارُ .
جن جي پيشانيء ۾ پيدا پهلوانيء جا نشان،
جن جي سرَ تي، تاج شاهي جو ٿي چمڪيو زرفشان .
ڪين تو ڪاڻي ملي، اڄ جن جي جوڏن جو مثال،
جن جي همت جو مثال، ۽ مال جو، ڏن جو مثال .
منهن منور، سينا آپريل، سر ها جن جا سربلند،
سو پئي پيرن ۾ تن جي ڪٿن غلاميء جي ڪمند!

جي هئا خوشحال جڳ ۾، ڪئن ٿيا ڪنگال سي!
گردشِ چرخِ ڪهن ۾ ڪئن ٿيا پامال سي!
مصري ۽ ماکيءَ کان شيرين جن جي گذري زندگي،
ڪئن وري بنجي پئي پوءِ زهر تن جي زندگي!

## اسبابِ زوال

دفترِ اخلاق جنهن پاره پاره ٿو ٿئي،
قوم جو هر فرد جنهن صاف گمره ٿو ٿئي.
عيش عشرت، ناز، نعمت ۾ ٿي گذري زندگي،
يارِ دل ٿئي خلق جي خدمت ۽ رب جي بندگي.
بيمروت ملڪ وارن سان رهي جا قوم ٿي،
ظلم ڪي جنهن قوم نادان جي هٿان پهچي هٿي.
جوهرِ تيغِ جوانمردي فنا جن جو ٿئي،
بزدلي جنهن ۾ اچي، شيوو جفا جنهن جو ٿئي.
خوف حق جو جنهن جي دل مان ڪورجي ڪافور ٿئي،
جذبهء حق جنهن جي جان و جسم مان مهجور ٿئي.
مار جي ۽ يار جي جنهن ۾ رهي ناهي تميز،
ٿي رهي جا قوم شوخ و شنگ، نا هر دلعزيز،
جنهن جي فطرت نا درست ۽ پڻ طبيعت سست ٿي،
جنهن جي وک واپس پچڻ جي لاءِ بلڪل چست ٿي.

## حالات ليڊران قوم

قوم جا سردار ٿيا مردار ۽ نامرد ٿيا،
عيش ۽ آرام جهڙي ئي برف، هڪدم سرد ٿيا.

ٺھلوائي جن جي آهي ٻاڻ ۾ جنگ و جدال،
جنگ دشمن ۾ رهي جن جي شترمرغاڻ چال.
گردن آزاد ۾ دام غلامي ٿا وجهن،
دائما اِن دام ۾ ڀي قوم کي قابو رکن.
فخر سمجهن، مترڪ ڄاڻن ٿا غلامي غير جي،
پنوجهه تن ۾ ڪاڻ ڪا ڏسجي ٿي شر جي خير جي.
ٿا ٿنڪون نيٽري ڳذارن اهڙا مُفسد مدعي،
جن نه قوم و ملڪ جي لئي ڪاٻ قرباني ڪئي.
خاڻ جنگي ۽ دورنگي جن جو شغل زندگي،
اِن ۾ سمجهن ٿا سي پنهنجو شانُ تا زندگي.
صلحجوئي، ڳڏجي ڳهارڻ ڪان وڃن وهلور ٿا،
علت بي اتفاقي ۾ رهن رنجور ٿا.
ڪنهن سان همدردي نه ڪن ۽ ڪنهن سان غمخواري نه ڪن،
مُئڪ نه و يهن، جيسين پنهنجي قوم جي خواري نه ڪن.
قوم جي نالي ۾ مطلب پنهنجا پورا ڪن ٿا سي،
ليڊريءَ جي روز تي چندن جا چورا ڪن ٿا سي.
ٿئي زبان تن جي نه تن جي دل سان هرگز آشنا،
ڪو قدم ڪئندا نه هرگز ڪنهن سان ڪنهن مطلب ٻنا.
وقت قربانيءَ جي ڪاهل ڪاٻ قرباني نه ڪن،
بيوسيلن ناتوانن جي نگهباني نه ڪن.
چاپلوسي، هاء بوسي جن جو شان امتياز،
خوءِ جن جي تي غلامي، ناز جن جو ٿيو نياز.
بيوقوفيءَ جي علامت زور بازوءَ کي چون،
ڪان قومي "روز و شب زر در ترازو" کي چون.

زر پرستيءَ لاءِ جي ڪن زورِ بازو صرف ٿا،
پوءِ پهودين جان حريفن کي ذينِ ـ مي حرف ٿا.
مال و دولت کي دبائن پنهنجي سيرَ جو ڪن بچاءُ،
قوم پنهنجيءَ جو رکن هرگز نہ مَنڊ ۾ سماءُ.
زر پرستي، مال مستي پنهنجي هستي ٿا ڳڻين،
قوم لئي قربان ٿيڻ کي تنگدستي ٿا ڳڻين.
بد چون مردِ مجاهد قوم جي پرواہ کي،
عيب سمجهن پنهنجي حق ۾ همّتِ مردانہ کي.
راهِ حق ۾ سرفروشي، زرفروشي ڪانہ ڪن،
جذبہءِ حق لاءِ هرگز گرم جوشي ڪانہ ڪن.
عمر جن جي لهو بازيءَ ۾ سدا برباد ٿئي،
غفلت آبادِ زمانہ ۾ سدا دل شاد ٿئي.
قومِ زنده کي بنايو مرده اهڙن ليڊرن،
جي ٿا قربانگاهِ عالم ۾ اچڻ کان عار ڪن.
قوم جنهن جا اهڙا ليڊر، اهڙا هوندا پيشوا،
چونہ ٿيندي صفحہءِ هستيءَ تان غائب ۽ فنا!
گم ٿين جنهن قوم مان آثارِ اسبابِ ڪمال،
ٿا ٿين تنهن قوم تي مفتوح ابوابِ زوال.
قوم جا سستي وڪامي جنهن ۾ سُستي ٻڻ هجي،
قدر اهڙي قوم جو ڪنهن وٽ بہ ٿو هرگز نہ ٿئي.
آئيچي نابود ٿئي بيسود تنهن جي زندگي،
ٿي هجي پشتِ زمين تي بار جنهن جي زندگي:
گرچ سڀني لاءِ هي قانونِ قدرت عام ٿيو،
تير آن جي جو نشان، اڄ حلقہءِ اسلام ٿيو.

اي مسلمان! شان تنهنجو آهي سڀني ۾ بلند،
پنهنجي گردن مان ڪڍڻ گهرجي غلاميءَ جي ڪمند.
ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آ، هيڏي ۾ هوڏي نهار،
انقلابِ دهر ڏس ۽ گردشِ ليل و نهار.
ڇڏ رسمن جي ريت هر هر ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالھ، تي،
اهڙي پاراٺي طبيعت کي تون هڪدم ڏي ڇڏي.
قوتِ بازو، جهادِ ملڪ جو سکو ڇماءِ،
ڪنهن به دشمن کي م ڏجؤ "منهنجي وطن ۾ پير پاءِ".
دُور دشمن کي رکج لک ميل پنهنجي ديس کان،
ڪيم ڏوکي ۾ اچج ان جي وچن ۽ ويس کان.
ڪجھ، ته ڪر، بيڪار کان بيگار بهتر ٿا چون،
اهڙي سستيءَ ۾ ڪيو برباد خانو آ سَون.
آهي هي ڇا؟ همت پڏيو ڇڻ ڪو تماشو ٿو ڏسين،
ڪنهن نه ڪم جو ٿي رهين، غيرن جي پيرن ۾ ڦِسين.
پنهنجي همت ساڻ آتِ! پنهنجن پراون کي ڇتاءِ،
"جي نه ڏيندؤ منهنجو حق جوڙيو وڃي مدفن ۾ جاءِ".
لونبڙيءَ وانگي گذارين، شير جي اوبر تڪين،
شرم گهٽ جٿي، جو مڪان تا هن پيا، تون ٿين مڪين:
اِڪ ۾ ڏک ۾ ڪيم ڇڏ اسلام جي اخلاق کي،
ياد ڪر تون پنهنجي شانِ شهرهءِ آفاق کي.
حسن محبوبن جو پردي ۾ لڪڻ مشڪل ٿئي،
عاشقن جو فقط سڏڪڻ، سڪڻ مشڪل ٿئي.
وصل جو جذبو پنهي کان پيدا ٿو ٿئي،
چڪ ٿئي چقمق جي آخر، شوق شيدا ٿو ٿئي.

تو ۾ جي جوهر ڪو آهي حشمتِ اسلام جو،
چو لڪائين ٿو، ڪٿي ڏيکار جلوو بام جو!
”اي مسلمانو، خدارا خوابِ غفلت مان اٿو!“
سڏ ڪري چئي هن طرح هردم اوهان کي وقت ٿو.
”جاڳو جاڳو ۽ اٿو!“ هي وقت جي آهي پڪار،
”۽ رهو پائن سان بيٺا، ڪيم ٿيو پائن ڪان ڌار!“
وقت جي آواز تي جنهن ڪن ڏنو ٿيو سرفراز،
زندگي آهي اها ۽ زندگيءَ جو ان ۾ راز.
مردِ ميدان ٿي وڃايو خوب آزاديءَ جو ناد،
۽ چئو ”آزاد هندستان سدائين زنده باد!“
چاڻ آزاديءَ جو ايري ملڪ ۾ ٿو آفتاب،
انقلاب و انقلاب و انقلاب و انقلاب!

المحرر تاڙو ناظم
فتح محمد
البستاني

# اي مسلم!

اي مسلم! ڪي ڏس ڪٿان ڦري ٿو زمانو؟
ڪٿي تيز نيزا، ڇُٽي ٿو نشانو.
ٿمر مات نه آهي، سفر اوکو اڳيان،
رُلئين رڻ ۾ ۽ قافلو ٿيو روانو.
پُڇڻ وارا پُڇندا ته ڇو پوئتي پئين؟
نه ڪم ايندو اُن دم آهانو بهانو.
مزي سان جڏهن يار منزل تي رسندا،
تڏهن تنهنجي لاءِ ڪونه بچندو ٺڪانو.
هنئر ڇا رهيو آهين، آهين ڇا هاڻي،
اکِ پل هجي شان تنهنجو شهانو.
ٻڌين ڪينَ پوڙا ٿو غيبي پڪارون،
اچڻ وارو ڦيرو اٿئي ٻهڪانو.
لڇڻ ۽ لياقت ڪا ڏيکار پنهنجي،
پنهنجي گهر جو سامان رک تون سمانو.
نه تعليم تو ۾، نه تنظيم تو ۾،
رهين ٿو زماني ۾ ڪاهل، ڪُمانو.
نه ميدان مارڻ جي توکي ڪا اٽڪل،
نه آهين سياست ۾ پڻ ڪو سيانو.
وِڌه نيَر پيرن ۾ غيرن جا ڦاهي،
ٻَڌِين ٻانهون ڌاريَن اڳيان ٿي ڏُوزانو.
اٿي ڪاهه منزل ڏي مقصود جي تون،
ڇڏي ڏي رُڳيءَ آس جو آستانو.

غلاميءَ جو ڪِٿ ڪين سونهي تو توکي،
ڪِڇيءَ ۾ نہ ڪنهن جو ہہ وجهجانءَ ڳانو.
ڏچين ڇو تو بزدلَ تون پائن ڪان پنهنجي،
ڇو سمجهين تو تون پاڻ کي تن جو ڪانو.
ڏچين تيو پاڻ جهڙن ڪان بي همتي آ،
متان ڪم ڪرين اهڙو بي همتانو.
آڙي مردِ مسلم! جي نامرد ٿيندين،
زمانو سڏيندءِ سدائين زنانو.
ڇڏي ڏي، ڇڏي ڏي تون بيگانگيءَ کي،
تون محفل ۾ يارن جي ٿيءِ رَهُ يگانو.
هِتي جو ئي آهين، هِتي ئي تون رهندين،
هِتي آب تنهنجو. هِتي آب دانو.
گلستانِ هندوستان جو تون بلبل،
اتي عرش تنهنجو، اتي آشيانو.
لڳي ڇهنڊڙي دوست ڪنهن جي تہ بگڙين،
اهو ناهہ دستور ڪو دوستانو.
هئين تون لڪن ۾ ڪروڙن جو لالڻ،
هنيئر آهي ڇو تنهنجو مُنهہ هڪڙو آنو؟
ٿئي ڏک تو "شامِ غريبان" تي تنهنجي،
ويو صبح تنهنجو نهايت سهانو،
تنهنجي ڪرتّ و فر جو فسانو ويو وسري،
وري ڪر تون تازو پراڻو فسانو.
سبق سک ڪو وحدت ۾ توحيد جو تون،
وري ۾ وري پڙهہ هي منهنجو ترانو!

مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، دورِ حاضر جو مشهور ۽ نامور سنڌي اديب ۽ مصنف ٿي گذريو آهي. پاڻ هڪ بيمثال نثر نويس ۽ هڪ بي بها ۽ پختہ گو شاعر هو، ۽ سنڌي نثر توڙي نظم ۾ هڪ مخصوص اندازِ بيان جو باني. زبان ۾ سادگي ۽ سلاست، خيالن ۾ شستگي ۽ پاڪيزائي، ٻوليءَ ۾ رواني ۽ مٺاج، مرحوم جي طرزِ تحرير جون امتيازي خصوصيتون آهن.

مرحوم جون مختلف تصنيفون ۽ مجموعهٔ ڪلام وقت بوقت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي دلدادن کان دادِ تحسين حاصل ڪندا رهيا آهن. سندس ڪي تصنيفون، جي مقبول خاص وعام ٿي چڪيون آهن، سي "ميرن جي صاحبي" "ڪمال ۽ زوال"، "ابوالفضل ۽ فيضي"، "نورالايمان مقدمہ تفسير قرآن"، "دل ۾ گهاءُ ڪندڙ مناجات"، "حيات النبي"، وغيره آهن. انهيءَ کان سواءِ "بهار اخلاق" مرحوم جي ڪلام بلاغت نظام جو مجموعو آهي. مرحوم جون تصنيفون بمبئي يونيورسٽي جي اعليٰ تعليمي نصاب ۾ داخل رهيون آهن، ۽ هن وقت به سنڌ يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ شامل آهن.

مرحوم جي آخري تصنيف "آفتاب ادب عرف ساهت جو سج آهي"، جا سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب جي صورت ۾ علم دوست حضرات کي پيش ڪري رهيو آهي. ڪتاب جو موضوع سنڌي زبان ۽ ان جي تاريخ آهي. علمي ۽ ادبي ٻوليون ڪيئن ٺهن ٺيون، وقت جي ڦيرين گهيرين سان ٻولين ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي ڦيرگهير ٿئي ٿي، سنڌي ٻولي ڪيئن ارتقائي منزلون طي ڪري، ترقي يافتہ ٻولين جي زمري ۾ داخل ٿي -- انهن ۽ اهڙين ٻين مضمونن تي "آفتاب ادب" ۾ مفصل ۽ سير حاصل بحث ڪيو ويو آهي. ان ۾ علم معاني، علم بيان، صنائع ۽ بدائع جو خاص طرح ذڪر ڪيو ويو آهي. اميد تہ قدردان اصحاب انهيءَ مان پليءَ پت ٻهره ور ٿيندا ۽ حظ حاصل ڪندا.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.